
مان
اڪيلو
اواڪ
ڪهاڻيڪار جو نوٽ بوڪ
اخلاق انصاري
اخلاق انصاري
مان اڪيلو اواڪ
ڪهاڻيڪار جو نوٽ بوڪ
توهان
مونکي پنهنجي ذهن مان
تڙي ڪڍو
مان
توهان کي وسارڻ
لاءِ
سوچيندس.

# مان
# اڪيلو
# اواڪ

ڪنول پبليڪيشن قنبر


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# اخلاق انصاري

# مان اکيلو اواڪ

(ڪھاڻيڪار جو نوٽ بوڪ)



**BOOK NO: (170)**

- Maan Akelo Awak
(Note book)
- Akhlaq Ansari

FIRST EDITION 2016

**With All Rights Reserved**

**akhlaqansari@yahoo.com**

© KANWAL
Publication Kamber

- مان اکيلواواڪ
(ڪھاڻيڪار جو نوٽ بڪ)
- اخلاق انصاري

چاپو پهريون: مئي 2016ع
ڪمپوزنگ@ سليم الله سولنگي
ٽائيٽل: خدا بخش ابڙو

ڪنول
پبليڪيشن قنبر

مُلهه: 350 روپيا

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ:**

- پٽائي ڪتاب گهر، حيدرآباد. - فڪشن هائوس، حيدرآباد -
ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد
سمبارا پبليڪيشن هائوس، سيد آرڪيڊ، حيدرآباد
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو-
وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور – گل ڪتاب گهر، شڪارپور،
ٿر ڪتاب گهر، مٺي، ٿر. سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر-
تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس – الفقراء ڪتاب گهر، سانگهڙ
الفتح نيوز ايجنسي، سکر – مرڪ پبليڪيشن، شهدادڪوٽ، سراج بڪ اسٽور، قنبر

# ارپنا

# امان

ڪي



books.sindhsalamat.com

اداري پاران:

**سائين اخلاق انصاري (جنم: )**

**سعيد سومرو**
**ڪنول** پبليڪيشن قنبر
Cell: 0333-7523132
Saeedsoomro4@yahoo.com



www.sindhsalamat.com

# مان اڪيلو اواڪ

**اخلاق انصاري**، جي ڊائري منهنجي هٿن ۾ آهي. اها رات جو ئي پڙهڻ شروع ڪيم. سموري يڪ ساهيءَ ۾ پڙهي ويو هوس.

پوءِ ته ننڊ اکين مان اڏامي ويئي ۽ سُمهي نه سگهيس. هاڻ اُٿي اچي گيلريءَ ۾ بيٺو آهيان، سامهون وڻن مان ايندڙ تيز هوا پئي اچي مون کي لڳي. هوا وڻندڙ ٿڌي آ، بهار جي آمدِ آمد آهي. بسنت جاڳڻ لڳو. هوا ٻڌائي رهي آهي ته رُت ڦري آهي. سامهون سموري ڪائنات تي خاموشي ڇانيل آهي. مٿي آڪاس تي اماوس جي اونداهه آهي پر آڪاس جهرمر جهرمر ڪندڙ، تارا ڪڙيل آهن، انهن مان صبح جو تارو نمايان آهي سيني ڪان! پريان سمنڊ مان لنگهندڙ جهاز جو گهگهو خاموشيءَ کي ڪجهه دير لاءِ ٽوڙي ٿو. مُنهنجي من تي اخلاق جي ڊائريءَ جو اثر آهي. ڊائري پڙهندي منهنجي اکين آڏو اهو زمانو اچي بيٺو، جڏهن هُو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو ۽ سندس امنگون، جذبا ۽ جوش جوان هئا، بسنت جي ڪنهن صُبح جهڙا!!

ڪيڏو نه سنو ٿئي ٿو، اهو گذريل وقت! ڪيڏي نه سُرهي سُرهي سڳنڌ تي ايندي رهي، ان گذريل وقت مان گذريل دؤر جيڪو وري ڪڏهن به موٽي نٿو اچي جڻ هڪڙو خواب هوندو آهي گذريل دؤر، ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيندو آهيان، ته حساس دل ماڻهو پنهنجي پنهنجي وقت جا ديدآور هوندا آهن. اهي زندگيءَ جي ڪٺن پنڌ ۾، پنهنجي گرم رفتاريءَ سان هلندي، صحرا جي تتل واريءَ ۾ پنهنجا پير ساڙي ويهندا آهن. اُنهن جا سپنا، گلاب جي تارين تي ٽڙندڙ ڳاڙهن گلن جهڙا آهن هوندا. اُهن سپنا هنن جي اندر ۾ ٻهه ٻهه ڪندا. ويندڙ وقت جي پاٽ اونداهيءَ ۾ سموري حال جون غير مرئي تصويرون گم ٿي ويندين آهن پر ياد ڪرڻ سان اهي سموريون تصويرون، منظر ۽ ويل وقت روشن ٿي اچي آڏو بيهندا آهن. ستارن وانگر جَرڪي پوءِ گم ٿي ويندا آهن. ۽



پوءِ وقت گذرڻ سان ماڻهو فقط انهن سپنن کي ياد ڪندو رهندو آهي (من اندر ميهار جا، هينئڙي اچن هول!!) جڻ ماڻهوءَ جي اک کلي ته اڪيلائيءَ جو صحرا هن جي آڏو هوندو آهي... اسان جو شاهه لطيف به اڳي ئي چئي ويو آهي ته دنيا سپ درياهه آهي. هر ماڻهو ان ۾ تري نه سگهندو آهي. زندگي صحرا آهي. رُڃ آهي وهندڙ درياهه آهي. پر ان هوندي زندگي ڏاڍي خوبصورت آهي پونم جي چنڊ وانگر پرهه ڦٽيءَ وانگر صبح جو تارين تي ٽڙندڙ چنبيليءَ جي گلن وانگر چانڊوڪي رات ۾ ڪڙندڙ رابيل جي اچن ڪير جهڙن گلڙن وانگر (هاءِ ڙي زندگي! تنهنجي لاءِ چو ڏناسين اهڙا سپنا، زندگي تون آهين، ته سڀ ڪجهه آهي. ۽ نه آهين ته ڪجهه به ڪونهي!!)

* * * * * * *

ڊائري، خط ۽ ذاتي آبزرويشن وارين لکڻين جو انگريزي ادب ۾ گهڻو پراڻو سلسلو هلندڙ آهي. بلڪ ڪيترن ليکڪن جون ڊائريون، خط وغيره ته دنيا جي ادب ۾ پنهنجي حيثيت مڃرائي چڪا آهن. سنڌيءَ ۾ البت اهو رجحان گهٽ آهي ۽ اهو سلسلو ايترو بنهه پراڻو ڪونهي. ورهاڱي کانپوءِ اسان جي مشهور شاعر شيخ اياز هن صنف تي لکيو، سندس خطن جو ڪتاب ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“، ۽ اياز جي شاعريءَ واري ڪتاب ”ڪپر ٿو ڪُن ڪري“ جي شروعاتي پيجن تي هن جو لکيل نثر شاندار آهي. تنهن کانسواءِ اياز جي ساهيوال جيل جي ڊائري يا سندس آتم ڪٿا، سنڌي ادب جو بي بها واڌارو آهي. ان کانسواءِ هندي ليکڪ لعل پشپ جي ڊائري نه وسرندڙ آهي. مون 1977ع ۾ ڪافڪا جي ڊائري پڙهي هئي، مونکي جديد ڪهاڻيڪار ۽ منهنجي پياري دوست مشتاق احمد شوري اسلام آباد مان ڏياري موڪلي هئي. اها ڊائري پڙهڻ جهڙي آهي، ليکڪ کي خبر نه هئي ته ڪو هُن جي مرڻ پنيان ان کي ڇپرايو ويندو. انڪري رائيٽر کي جيڪي سمجهه ۾ آيو، اهو لکندو ويو هن جا ذاتي خيال، سوچون، جذبا، محبتون، لاچاري سڀ ڪجهه ان ۾ موجود آهي. ڪيترو وقت اهو ڪتاب منهنجي ذهن تي ڇانيل هو.

اخلاق انصاري، به هي ڊائري ان ڪري ڪونه لکي هئي ته ڪوئي اهڙو وقت به ايندو، جو ان کي ڪتابي شڪل ملندي... بس ماڻهو لکي ٿو، پنهنجي دل سان، من جي جذبن سان بلڪ ڊائري ڪنهن به ليکڪ جي پرسنل سوچن، ۽ خيالن جو اولڙو هوندو آهي. اخلاق بنيادي طور تي هڪ حد حساس ۽ ڪريٽو ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻيون، ناول هن جي ان سوچ کي ظاهر ڪن ٿا. دراصل جديد سنڌي ادب جي شروعات 1960ع جي ڍاڪي ۾ پارٽ جي سنڌي اديبن ڪئي. انهن اديبن جو دنيا جي جديد لٽريچر جو اونهو اڀياس هو. تڏهن سنڌ ۾ اها طبقاتي ڪشمڪش تي پئي ڪهاڻيون لکيون ويون. سنڌ جي انهيءَ لٽريچر جي لهر پهتي ته شوڪت حسين شوري، مشتاق احمد شوري، منير احمد ماڻڪ جديد لٽريچر کي سنڌ ۾ متعارف ڪرايو. ان سلسلي جا ڪيترا صحيح نمائندا تي سنڌ ۾ اڀريا. اخلاق انصاري انهن جديد ليکڪن مان آهي، هن جي ڪهاڻين ۽ ناول ۾ بيحد گهرائي آهي. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيندو آهيان ته جيڪڏهن يورپ وانگر اسان جو ليکڪ به ڪُل وقتي ليکڪ هجي ها ته هو به سنڌي ادب کي شاهڪار ڪهاڻيون ۽ ناول ڏيئي سگهي ها. پر ڇا ڪجي؟ ماڻهو روزگار جو خيال ڪري يا ويهي تخليقي ادب سرجي. بهرحال اهو هڪ علحده ۽ ڊڪوئينڊڙ موضوع آهي. ان هوندي به سنڌي ٻوليءَ جا اديب، شاعر، پنهنجي وس آهر تخليقي ادب لکي رهيا آهن. اها هڪ وڏي ڪاميابي آهي.

* * * * * * *

شيڪسپيئر چيو آهي: " O, Call Back, Yesterday, bid time to return" مون مٿي لکيو آهي ته "دنيا سپ درياهه" ۽ ان درياهه ۾ سپ وڄن ٿا پنهنجي ئي مرضيءَ ڪانسواءِ لڙ لهرن ۾ لڙهندا، وقت ڪيڏي نه تيزيءَ سان گذري رهيو آهي. فارسيءَ جي مشهور شاعر عمر خيام چيو آهي:

هرگز غم دو مرا یاد نہ گشت،
روزے کہ دنیا مدہ روزے کہ گذشت.



اهو شعر مون کي سنڌي ٻوليءَ جي داستان گو ليکڪ غلام ربانيءَ آگري پڙهايو هو. مون ان مهل ئي پنهنجي نوٽ بوڪ ۾ اهو شعر هن جي پڌايل معنيٰ سميت لکي ڇڏيو هو. ڪو وقت هو جو اسان کي جُنون هوندو هو پڙهڻ جو، ڪو وڻندڙ شعر، ڪائي دلپسند سِٽ، ڪا چوٽي، ڪو پڙهيل جملو ڪاپيءَ ۾ لکي ڇڏبو هو. آئون 1973ع کان 1977ع تائين شاگرد سياست سبب انڊر گرائونڊ تي زندگي گهاري رهيو هوس. ان وقت مون ذاتي نوٽ بوڪ لکي هئي، اهو واندڪائيءَ ۾ ڳٽتيءَ جو وقت هو، ان ڪري جيڪي سمجهه ۾ ايندو هو، اهو لکجي ويندو هو. بعد ۾ اهو ڪجهه پاڱو 1978ع ۾ "سنڌي ساهت" جي پهرين پرچي ۾ "ڪڏهن اُتر سامهان، ڪڏهن دونهين جهل" جي عنوان سان شايع ٿيو هو. ۽ اهو به ڪو زمانو هو عمر خيام جي مٿي پڌايل رباعيءَ وانگر:

هيءَ هڪ دؤر جي جمار گذري ويئي
جڻ نديءَ جي پاٽي ۾ صحرا مان هوا

هڪ ڏينهن جيڪو اجا نه آيو ۽ پيو جيڪو لنگهي ويو، هيءَ زندگي ڪيڏي نه پرسرار هوندي به ڪيتري نه وڻندڙ آهي ۽ ان زندگيءَ ۾ محبت وڻندڙ ڪنهن هوا جي جهوٽي وانگر جنهن ۾ گلن جي مٺ پري سڳنڌ سمايل هوندي آهي. اخلاق انصاري جي زندگي به ڏاڍي عجيب گذري آهي، محبت به ڪئي اٿس. سنڌ يونيورسٽي ۾ بهار جي رت جهڙو وقت گهاريو اٿس ۽ هاڻ حياتيءَ جي بيحد عملي دؤر مان گذري رهيو آهي، وقت سان گڏ ماڻهو ميچوئر ٿئي ٿو، گذري ويل وقت مان گهڻو سبق به حاصل ڪري ٿو پر انسان گذري ويل وقت کي ڪئين ٿو وساري ويهي سگهي، اها ناممڪن ڳالهه آهي... اهي يادگيريون ماضيءَ جي جهروڪن مان ذهن جي روشن مان جهاتيون پائيندڙيون رهنديون آهن ۽ ماڻهو جڏهن ڪا شيءِ لکي ٿو ته اُهي ڪنهن نه ڪنهن مهل ڇائنجي وينديون آهن. ان ڪري آئون سدائين اهو لکندو آهيان، ته هڪ حساس ليکڪ سان يادگيرين جو ڪاروان گڏوگڏ هلندو ٿو رهي... پوءِ هو انهن ساروڻين جي زور تي حياتيءَ جو ڪٺن پنڌ ڪندو ٿو رهي، تنهن ڪانسواءِ هن حقيقت کان به بنهه انڪار

ممڪن ڪونهي، بقول قرة العين حيدر جي تہ ”اديب سدائين مس فٽ هوندو آهي.“ واقعي ڳالھ صحيح آهي، مون پاڻ ڪي، اخلاق کي ۽ ٻين ليکڪن کي ڏسندي محسوس ڪيو آهي تہ ليکڪ سڀ مس فٽ هوندا آهن. معاشري ۾ مس فٽ هوندا آهن، حالتن سان، پنهنجن سان بس فقط لکڻ ڪي، هُو پنهنجو مقدر ناهي ڇڏيندا آهن ۽ اها ئي اهم ڳالھ آهي انهن ليکڪن جي!

* * * * * * *

ڪڏهن ڪڏهن هي آڪاس ڪنهن نيري گهري ڍنڍ جيان لڳندو آهي ۽ اونداهين راتين ۾ پرندڙ چنڊ جي ٻتي انسان کي ڪنهن اونهي ويچار ۾ وٺي ويندي آهي.... مون ذاتي طور تي محسوس ڪيو آهي تہ ماڻهو وقت ۽ حالتن آڏو ڪٽي ڪيڏو بہ مجبور ٿي چو نہ وڃي پر هن جا جذبا ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيڻا آهن، پلي وقت جو بي رحم وهڪرو سندس ڪارن وارن کي اڇن وارن ۾ چو نہ بدلائي ڇڏي پر سونهن ۽ سندرتا سان سندس تعلق نٿو ڇني سگهي.

ماڻهو پنهنجي ماضي ۽ بيحد خوبصورت ساروڻين کي وساري نٿو سگهي، اهو هڪڙو ڏکيو مسئلو آهي. اخلاق انصاري کي بہ سنڌ يونيورسٽي جامشورو نہ وسري سگهي آهي، نہ ڪيمپس، نہ اتان جا وڻ، وايو منڊل، شام جون هلندڙ هوائون، گل مهر جا وڻ ۽ انهن جا ڳاڙها گل سرنهن جي وڻن مان ڇڻندڙ گل انٽرنيشنل هاسٽل، آءِ آءِ قاضي جو مقبرو، سانوڻيءَ ۽ جامشوري ڪيمپس مٿان پوندڙ بارش ۽ ان کان پوءِ جو ماحول. سڀ ڪجھ هن جي ذهن تان نہ ميسارجي سگهيو آهي. دراصل انساني ذهن ڪا سليٽ ڪونهي جو ان تي لکي، پوءِ اها متائي ڇڏجي... سنڌ يونيورسٽي جامشوري جي نوسٽلجيا جو پنهنجو انداز آهي. اها جڏهن ماڻهوءَ کي وڻ ويڙهيءَ وانگر وکوڙي ٿي وڃي تہ پوءِ دل خبر ناهي، ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهچندي آهي.

اخلاق ڊائريءَ جي شروعات ۾ هي لفظ لکي، مونکي بہ خبر ناهي ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهچائي ڇڏيو:



”اهي لفظ انٽرنيشنل هاسٽل جامشوري جي لان تي گل مهر جي وڻ هيٺان لڳل سنگ مرمر جي پٿر تي اڪريل آهن:

**Silent Spring**
**In the memory of those**
**Who perished in the service of mankind.**

اخلاق جي ڊائريءَ ۾ انتهائي دل کي ڇهندڙ خيال موجود آهن اهي پڙهندڙ کي پنهنجي گهرائيءَ سان ڇائنجي ٿا وڃن. مثال طور هو هڪ هنڌ لکي ٿو:

**مون لاءِ هر اها شئي**
**حسين آ.**
**جيڪا مان وٽ ڪونهي.**

* * * * * * *

ڪو وقت هو آئون ۽ اخلاق روزانو ملنداهئاسين. هُو جامشوري مان شام جو ايندو هو. تڏهن آئون روزاني سنڌ نيوز اخبار حيدرآباد ۾ ايڊيٽر هوندو هوس. آفيس ڳاڙي ڪاتي ۾ هوندي هئي، پوءِ ڪڏهن ڪڏهن پنڌ ئي پنڌ نڪري پونداهئاسين، ڪڏهن فاران هوٽل ۾ چاءِ پيئڻ، ڪڏهن سول لائين جي ڏگهن رستن تي. اسان جي پاسي کان وڻن جي هيٺان هوائون تيز لنگهنديون وينديون هيون ۽ رات اسان جي سامهون آڪاس مان پئي لهندي هئي، اهو سڄو ويندڙ وقت فقط يادن ۾ سمائجي وڃي ٿو. هو ان وقت بہ ڏاڍو بردبار، ۽ فهميدو هوندو هو. ڪڏهن بہ هن جي واتان مون ڪوئي گٿو لفظ اصل نہ ٻڌو. نہ وري ڪنهن جي گلا ۽ نہ غيبت. سچ پچ تہ اهو وقت ئي اهڙو هو، جنهن ۾ ماڻهوءَ کي هر شئي وڻندي آهي. بدلجندڙ رتون، چانڊوڪي، اماوس جون راتيون، آڪاس ۾ چمڪندڙ ۽ جهرمر جهرمر ڪندڙ تارا، هوائون، رابيل ۽ گلاب جا گل سونهن ۽ سندرتا....

ان ڏؤر کي ياد ڪندي مون هڪ خط به اخلاق انصاريءَ کي ڪراچيءَ مان لکيو هو اهو خط هتي شامل ڪريان ٿو:

ڪراچي

6-4-2006

پيارا اخلاق

اميد ته خوش هوندين. اڄ ملتان کان ڪراچي پهتس ته آفيس ۾ تنهنجي موڪليل ڪتاب جو پارسل پيو هو.

ڪهاڻين جو ڪتاب "مان ڪائنات آهيان"، موڪلڻ لاءِ مهرباني. گهڻو وقت ٿيو آهي، جو ملاقات نه ٿي سگهي آهي، پر ان جو اهو مقصد ڪونهي ته ڪو مان توهان کي وساري ويٺو آهيان. طارق عالم کان اڪثر پڇندو هوس. جڏهن ته لاڙڪاڻي مان جڏهن به ڪوئي دوست ايندو آهي ته اوهان جي پڇا ضرور ڪبي آهي. زندگي به عجيب آهي، ذميواري اچڻ کان پوءِ انسان پنهنجا هٿيار سمورا ٿو ڦٽي ڪري ويهي رهي. مون کي ياد آهي ته حيدرآباد ۾ رهندي مان ڪيڏي نه آزاد زندگي گهاريندو هوس.

توهان گهڻو ڪري جام شورو مان ايندا هئا ۽ پوءِ اهي ئي سول لائينس جا رستا، تنبو جهانيان ۽ حيدرآباد شهر... هڪ ڀيري توهان ڪنهن ڊپريشن طاري ٿيڻ کان پوءِ مون وٽ آيا هئا. ڏاڍو ويڳاڻا ۽ ملول ۽ پوءِ ياد اٿو ته تنبي جهانيان سول لائينس توهان کي پنهنجي هڪ پراڻي دوست مرحوم سيد نجف علي شاهه ڪمتر نقوي وٽ وٺي هليو هوس. اها شام توهان جي عشق جي انتها تي پهتل شام هئي ۽ پوءِ خبر ناهي ته "هوءَ" جنهن لاءِ توهين ويڳاڻا ٿيل هئا، زندگيءَ جي گوڙ ۽ گهمسان ۾ ڪٿي ڪوئجي ويئي. لڳندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن ته عشق به زندگيءَ جي ڪيترن ئي ٻين جذبن ۽ نظرين جيان عارضي آهي. ڪڏهن ماڻهو سوچي ٿو ته جنهن سان عشق ڪجي ٿو. اها نه هوندي، ته زندگي اجائي ٿي ويندي، پر پوءِ ائين نٿو ٿئي. اسين جيڪي حياتي جا فيصلا ڪرڻ ۾ هيسيل ۽ هراسيل رهون ٿا، سي پوءِ سڄي عمر پڇتائڻ ۾ گذاري ٿا ڇڏيون.


books.sindhsalamat.com

توهين هاڻ ذميوار زندگي پيا بسر ڪريو. ساڳي حالت مون سان به آهي. شادي ڪرڻ کان پوءِ اولاد ٿيڻ کان پوءِ ماڻهو ڪيڏو نه ٿو مجبور ٻڄي وڃي. دراصل رائيٽر ماڻهو کي شادي نه ڪرڻ گهرجي، ذميواري ڪٽڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ڪڏهن ڪڏهن حيدرآباد ياد ايندو آهي. ڪيڏي نه بي فڪريءَ جو زمانو هو. اوهان ته خوش نصيب آهيو، جو وري به ڪنهن اهڙي نوڪريءَ ۾ آهيو، جتي سوچڻ، لکڻ پڙهڻ جو وري به ڪجهه وقت ته ملي ٿو، جنهن ۾ توهان سٺيون ڪهاڻيون لکي سگهو ٿا ۽ لکي رهيا آهيو، پر ان جي برعڪس مون سان حالتون اهڙيون سٺايون نه رهيون آهن.

اخبارن جي نوڪري رڳو هڻ هٽان جي، سي به سال ٻن کان وڌيڪ ڪري ڪونه سگهان. نتيجي ۾ وري بيروزگاري، هينئر به ٽي سال بيروزگاري ڪانپوءِ هاڻ ڪجهه بهتر جڳهه تي آهيان ته به اتي ڪم به گهڻو آهي. بهرحال گذري پئي زندگي ۽ ان زندگيءَ ۾ جڏهن رات جو دير سان سمورو جڳ ستل هوندو آهي ته گهر موٽندي ڪراچي جي آسمان تي ڪڏهن ڪڙيل چنڊ ۽ ڪڏهن اونداهو آسمان ۽ اونداهو سمنڊ ڏسي سمهي پوندو آهيان، اهو سوچي فيض وانگر ته:

کیوں مشعلِ دل فیض چھپاؤ تہہ داماں،
بجھ جائے گی یوں بھی کہ ہوا تیز بہت ہے

تنهنجو

مدد علي سنڌي

* * * * * * *

ڊائري جي خاصيت اها به آهي ته ان ۾ سدا ۽ سمجهه ۾ ايندڙ خيال آهن ڪو وڏو فلسفو هروڀرو ٿنبيو نه ويو آهي. ڊائري ۾ سنڌس بابا جو لکيل خط به آهي ته ڪيس دوستن جا لکيل خط به شامل آهن. پنهنجي پاءِ ۾ ليکڪ اسحاق انصاريءَ ڏي تر جو خوبصورت سفر نامو پڻ موجود آهي. اهو مختصر سفرنامو


www.sindhsalamat.com

پڙهي ماڻهو ڪارونجهر تي ٿو پهچي وڃي. لفظن ذريعي ننگر پارڪر جي خاموشي ئي اچيو اکين آڏو بيهي. ڪيڏو نه جادو آهي سندس هنن لفظن ۾:

**ٿر ڇڏيندي ڏک ٿو ٿئي.**
**هر شيءِ جو انت آ،**
**انت جو انت،**
**ڪٿي آهي.**
**رڳو رڄ آهي،**
**رڳو رڄ آهي.**

* * * * * * *

اخلاق مونکي ڏاڍو ڀاڳ وارو لڳندو آهي، ان لحاظ کان ته هن ننڍڙي هوندي، گهر جو ادبي ماحول ڏٺو. سندس بابا انيس انصاري به سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ليکڪ هو. اوهين اخلاق ڪي لکيل انيس صاحب جي خط مان بخوبي لڳائي سگهو ٿا. خط ۾ هو صاحب لکي ٿو، ”سوچ ۾ لوچ چڱي به آهي ۽ بري به... تو واقعي سمنڊ ڏٺو آهي ۽ سندس آنڌ مانڌ به، ٽڪريون ڏٺيون آهن ۽ سندس ڏاڍ به. مان به ڏٺو آهي. شايد توکان ۽ مون کان پوءِ به ڪي ڏسن. ڏسندا رهندا.“ ڪيڏي نه گهرائي آهي پيءُ جي پٽ کي لکيل خط ۾!

خط ۾ محترم انيس انصاريءَ، يونان جي مشهور قديم فلسفي ”ڊايوجينس“ کي ڪوٽ ڪيو آهي. اهو شخص 412 قبل مسيح ۾ ڄائو هو يونان جي مشهور فلسفي سائينزم (contemparay) جي باني مان، هو پنهنجي دؤر جو هڪ ڏاهو پر بيحد تڪراري شخص، ڪيس سندس نظرين جي ڪري جلاوطن ڪيو ويو ته هو اٿينس هليو ويو. اتي به هو ايمانداريءَ جو ڳولائو هو. گهڻو ڪري شهر جي ٻاهران هڪ وڏي ٺڪر جي ٽيوب ۾ رهندو هو. اتي ساڻس گڏ چند ڪتا رهندا هئا. چون ٿا ته رات جو هو ”هٿ بتي“ کڻي ايماندار ماڻهن جي ڳولا ڪندو هو. هڪ ڀيرو ساڻس سڪندر اعظم به ملاقات ڪرڻ آيو. ان مهل هو کليل آسمان هيٺان اُس ۾ ڌرتيءَ تي بي پرواهه ٿيو ويٺو هو. سڪندر اعظم هن



ڪي چيو ته ’منهنجي حمايت ۾ ڪجهه لفظ ڳالهايو.‘ اُن تي ڊايوجينس ڪيس چيو، ”مهرباني ڪري منهنجي مٿان پوندڙ اُس ڪان پري ٿي بيهه!“

وقت جا ڏاها وقت کان لاپرواهه هوندا آهن، هُنن لاءِ بادشاهه يا امير ڪا وڏي ڳالهه نه هوندو آهي. سندن زمانو پلي ڪيترن هزار ورهين جي ڊوڙ به دزجي چو نه وڃي پر انهن هزارن سالن کان پوءِ به اڄ ڏينهن تائين سندن فلسفو نه ختم ٿي سگهيو آهي. هنن جي سوچ ۽ سچ ايترو ته صديون لنگهڻ کان پوءِ به دنيا تائين پهتل آهي.

انيس انصاري ڊايوجينس بابت لکي ٿو، ” **ڊايوجينس** (Diogenes) **به سوچيو ته دنيا جي ڪوڙ آهي ته ساهه چو کڻون. نتيجو پاڻ هليو ويو، دنيا اتي ئي آهي.**

**مون کي خوشي آهي ته تنهنجو ضمير زنده آهي ۽ سوچ ۾ لوچ آهي. مان به ان مصيبت ۾ مبتلا آهيان. نتيجي ۾ ڇا مليو پنهنجي آدرش جي کيڏ پاڻ سان گڏ پنهنجن ٻارن کي به تڪليف ۾ وڌم!“**

سچ پچ ته ڪي ڪي ماڻهو آدرش تي هلندي ڏاڍا ڏک ڏسن ٿا، وقت جي بيرحم وهڪرن مان مقابلو ڪن ٿا ۽ اها راهه ڏاڍي تڪليف ده هوندي آهي. ڊايوجينس کان وٺي جيٺمل پرسرام، لالچند امرڏني مل، حشو ڪيولراماڻي، ڪامريڊ يار محمد ابن حيات پنهور، مولانا غلام محمد گرامي، مسڪين جهان خان کوسي تائين انهن ماڻهن جي حياتي اسان جي آڏو آهي. خود سائين انيس انصاري جي آدرشي زندگي، نوڪري، اسان کان نه وسري آهي. ماڻهو ڏاڍو عجيب آهي، هڪ ڀيرو آدرش تي هليو ته پوءِ ان راهه کان هو نٽو هٽي سگهي.

* * * * * * *

اخلاق تي پيلا فلسفي، آدرش، سچ ۽ صداقت جو جو نه اثر هوندو ۽ اها ڳالهه اوهانکي سندس ڊائريءَ مان جهاتيون پائيندي نظر ايندي. هڪ هنڌ ڪيڏي نه سندر ڳالهه لکي ٿو:



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چوڏس
هوائون آهن.
سانجھ ويلي.
مان تنهنجي گھر ڏانهن تو نهاريان

اسين ڪجھ ڏسون، سوچيون ٿا، لوچيون، محسوس ڪريون ٿا، اونها ويچار ٿا اچن. اها سمجھ هزارن سالن جي سوچ ۽ فڪر جو اولڙو آهي، جيڪا نسل در نسل انسانن ۾ ٿو هلندو ئي اچي. پلي هي ڪائنات جي، حياتي جي نه ڪٽندڙ سفر جي ڪنهن ابتدا ۽ انتهائن ڪي نه پهچي سگهون پر ڪنهن ذهين ماڻهوءَ ڪي حياتي جي ڪيترين ڳالهه جي پروڙ ضرور پئجي وڃي ٿي. اهو هڪڙو ڏگهو فلسفاڻو بحث آهي. ان تي جيڪڏهن ويهي لکجي ته هي مهاڳ اجائي بحث جو سلسلو ٻڄجي ويندو، انڪري طوالت جي خوف ڪان پاڻ موٽي ٿا اچون ڏائري تي!

اخلاق انصاريءَ جي هي ڏائري "مان اڪيلو اواڪ" سنڌي ادب جو هڪ عاليشان واڌارو آهي. سنڌ ۾ هن قسم جو تخليقي ادب پڙهندڙن آڏو اچڻ گهرجي، اها هڪ سٺي سلسلي جي شروعات آهي. آئون شخصي طور تي اخلاق کي سندس هن ڏائري جي ڇپجڻ تي وڌايون ڏيان ٿو، شل سندس زور قلم اجا به وڌندو رهي.

**مدد علي سنڌي**
ڪلفٽن ڪراچي
8 مارچ 2016



**امهاڳ**

## هڪ ڏؤر بند اٿؤ هن ڪتاب اندر..

زندگي، جيڪا... اخلاق... طارق يا آئون... پويان ڇڏي آياسين... ڪيڏي نه مزحڪ خيز ۽ ڪيڏي نه اداس.... ۽ ڪهڙا ڪهڙا نه ڪردار ٽڪرايا اسان سان... هونئن اسين پاڻ ٿئي ٿا به، جهڙا اداڪار. ۽ هر وقت ۽ جتي ڪٿي هم آواز ٿي، راجڪپور وانگر ڳائيندا:

*کہتا ہے جوکر، سارا زمانا*
*آدھی حقیقت آدھا فسانا*

۽ هي اسان جو الهڙپڻو ئي ته هو. جنهن ۾ ڪنهن وقت ته بلڪل سنجيده ۽ نارمل ۽ ٻي گهڙيءَ ائبنارمل! يا پوءِ ڪنهن مهل ڊپريسڊ... ته ٻئي وقت وري فُل فريش. ۽ ان ڪيفيت ۾ انٽرنيشنل هاسٽل جي ڪاريڊار ۾ عين آڌي رات جو رنگ ترنگ ۾ ننگ ڌڙنگ ۽ بلڪل الف، ۽ ان ايڪٽوٽي ۾ خوبصورت شاعر ڪنول لهاٽو به ساڻ ساڻ. (پر نه) آئون صرف مٿي ۽ پيرن ڪان ئي اگهاڙو... ۽ هُوئي ٽيئي ... شين... ڪاف... لام... الف... نون.... ميم.... وغيره وغيره. ۽ اهڙين راتين جي سرنگهن ۾ رڙهندي هلندي ڪنهن وقت لاڙڪاڻي واسي... مست الست شاعر... افضل قادري... اخلاق جي ڪمري ۾ پڌاريو هئو... اڳتي بيان اخلاق جي لفظن ۾:

- افضل قادري مهمان ٿي، هاسٽل تي ايندو، ته رات جو چوندو (هلو چام شوري ڦاٽڪ) ڇهڙ ڪري اچون. طارق چوندو: "ڪٽون بندوقون ٻارهون بور! ۽ اها ئي سٽ خود افضل جي هن فنتاسٽڪ وائيءَ جي وراڻي به:

چؤماسي جون تيز هوائون
سُڪل ٽاريون، رڙي مورُ
ڪٽون بندوق ٻارهون بور

هاٽي اخلاق لِکَاٽي:

**-هاسٽل جي اٽيچ باٿ روم وارو ڪموڊ، افضل جهڙي ساده دل ۽ ڳوٺاڻي ماڻهوءَ لاءِ، ”ڪي توءَ“ جي چوٽيءَ مثل. ٻڌجي ٿو وڃي، سو، اندران ڌڙام ڌڙام جا آواز ايندا ٻُڌي، پڇڻ تي هو اندران رڙ ٿو ڪري:**

**-ادا! ٻه دفعا ڪِريو آهيان. هن بلا (ڪموڊ) تي آخر ويهبو ڪيئن آهي؟.**

هتي ياد پيم... اسلام آباد ۾، ڪيپٽل هوٽل ۾ بي پناهه خوبصورت شاعر وفا ناٿن شاهيءَ سان به، اهڙو ئي هڪڙو پرابلم پيش آيو. هُن کي سنان وقت ٿڌي گرم پاڻيءَ کي مڪس ڪرڻ جو ڏانءُ ڪو نه پئي آيو. تڏهن پاڻي مڪس ڪرڻ ۽ وهنجڻ بعد وري اُنهن نَلن کي بند ڪرڻ لاءِ طارق کي پيو پيرو سنڌس واش روم ۾ گهڙي وڃڻو پيو هو.

.....

پر هي اخلاق هجي يا طارق... آئون تڏهن ئي ڄاڻي چڪو هوس، ته احساس ۽ دکن جي بيان ڪرڻ جي ڏس ۾، هُو جهڙا سامري جادوگر... جهڙا انترايامي... اجهو پين ڪولي، پني تي جيئن جو جُهڪيا ٿئي... ته لفظن جي چوپڙ راند ۾ آرٽسٽڪ جملن جي شطرنج شروع... سندن اهڙين جادو بيانن تي، (ڪڏهن مون ويچاري غريب نصير کي، رشڪ به ته آيو ۽ ڪڏهن وري ساڙن حسد به....) سو ڪڏهن ڪڏهن ته، اهڙي وقت منهنجو عجب جي نشانيءَ جهڙو حيران چهرو پڙهي، طارق خوش دليءَ سان چوندو به هو... سَڙ.... سَڙ... سڙ... سڙ.

پر اخلاق ته پنهنجي هن 'ياد-ڪتاب' ۾ ، 'ڏکن' کي بلڪ ڏک جي ايڪسپريشن کي ته جهڙوڪر کُلي ڇُٽي ئي ڏيئي ڇڏي آهي... مٿان فخريه هي به لکيو آهي ته.

**-ڪيڏي نه ترئجدي آهي اِها... ته ڪو پنهنجي 'ڏک' کي...**
**'لفظَ' ئي نه ڏيئي سگهي.**


books.sindhsalamat.com

۽ ايئن 'ڏک' جي ايڪسپريشن تي فخر ڪندي ڪندي سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهائي وارن ڇهن (ستن) ئي سالن جي پيڙائن جو پُورو پُورو پوتا ميل، اخلاق... هن نوٽ بوڪ ۾ رقم ئي ته ڪري ورتو آهي.

پائنيان ٿو، شايد هن ، مون ئي جهڙي ڪنهن اجاڻ، دوست کي تصور ۾ آڻي ڊائري ۾ لکيو هو.

**-جي تون رسول حمزه توف جي شاعري پڙهين، ته لهنڊڙ سج کي پُني ڏيئي، اوير ڏي هوندَ ٻوڙين....(۽ شايد ٻوڙندو ئي رهين)**

تڏهن اخلاق جي درج ڪيل ان پئراگراف تي سوچيم، ته، پاڻ کي ياد ڏياريم.

**-نصير! تون جي اٽندي ئي اخلاق انصاريءَ جي اهڙي دلفريب نثر کي پڙهين ها... ته شايد اُن ڏانهن ئي ٻوڙين ها...**

اجهو هي مهاڳ هيستائين لکي چڪس، ته اوچتو اخلاق جو فون پهتو.

**-نصير! توکي مون ڊسٽرب ته نه ڪيو ؟**

وراڻيو مانس، نه... ڊسٽرب ته ناهيان ٿيو. البته تنهنجي ڊائريءَ ڊپريسڊ ضرور ڪري ڇڏيو آهي مون کي.

پائنيان ٿو. شايد هي 1974 وارو سال... آئون لاڙڪاڻي ويو هئس، تڏهن منهنجي عمر ڇا هئي؟ 18 سال. پر هي ايڏي ننڍي ڄمار ۾ لاڙڪاڻا ياترا مون ڪئي ڇو؟ ۽ ان لاءِ اخلاق کان سندس لفظ اُڌارا وٺي عرض ٿو ڪريان:

**پاڻ کي ڳولڻ لاءِ**

خير... انٽرنيشنل هاسٽل سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو جي روم نمبر 49 ۾ ڪهاڻيڪار.... اخلاق انصاريءَ جو... رات جي ڪنهن پَلَ پهر ۾ لکيل هي پهريون پهريون پئراگراف...

**ڪمري جي دريءَ ۽ دروازن کي**
**بند ئي رهڻ ڏيو**
**پيئو ٿو ٿئي**


www.sindhsalamat.com

**ته روشني اچي**
**اوندهه سان گڏ**
**مون کي به تڙي نه ڪيدي!**

......

۽ ماءُ جي هنج ، اکين ۾ لاڙڪاڻي جي جنم ڀاڙي لاهوري محله کان دور... هاسٽل جي روم نمبر 49 ۾، ڇهن سالن تائين اخلاق ڀاران، لکجندڙ اندروني ڪيفيتن، آن-سرٽينٽي، ايبسٽرڊٽي ۽ اداس پئراگرافس تي مون کي صرف ڇهن ڪلاڪن جي اندر ئي هي ڪجهه لکڻو آهي. (۽ اهو مون اڄ طئه ڪري ڇڏيو آهي)

ته خير مون ڇوڙ پئي چاهيو... ته اخلاق جي هن پوتا ميل کي... ڊائري... روزنامچو... نوٽ بوڪ يا پوءِ آتم ڪٿا به ته سڏي سگهجي ٿو.

۽ سنڌ يونيورسٽي جي فزڪس ڊپارٽمنٽ ۾ اچي داخلا وٺندڙ.... اسان جي هن اخلاق انصاري کي لکڻ جو ڏانءُ ته اٿندي ئي سرشت ۾ هو، جنهن لاءِ هن جي چونڊ هئي 'ڪهاڻي صنف'!. ۽ ياد پيو ڪريان، ته هي دؤر اُهو دؤر... جڏهن ترقي پسند، رومانوي ۽ سماجي حقيقي ڪهاڻين جي ريل گاڏي... ڪافي اڳيان ئي ته نڪري چڪي هئي... ۽ چؤطرف جيڪي جديد پيش رو ڪهاڻيڪار... اُڀري چڪا هئا.. مثال طور ماڻڪ، مشتاق شورو، شوڪت شورو، مدد سنڌي، خير النسا جعفري، گنو سامتاڻي، وشنو ڀاٽيا، شيام جئه سنگهاڻي ۽ لڳ ڀڳ هڪ جيڏن ۾ ڪاڀي ساڃي شوڪت ڪيهر، رسول ميمڻ، نور الهديٰ شاهه يا وڏ ۾ وڏ طارق عالم، جيڪي سڀ... ماڊرن... جديد، علامتي ۽ ايبسٽريڪٽ ڪهاڻيون لکڻ ۾ مصروف هئا. پر اخلاق وري انهن سڀني ۾ سينسيبليٽيءَ سان سريئلسٽ ڪهاڻيڪار ٺيٺ وڌيڪ پسند پئي ڪيو. ۽ اهو اسٽائيل! شايد هُن جي سڀاءَ ۾ فطري لاڙي سان مئچ به ته هئو.

اڇا هتي، ياد آيم... اخلاق جي هڪڙي ڳالهه... نه ڳالهه نه... خوش دلي... هڪ ڀيرو طارق کي ۽ مون کي گڏ ڳائيندو ڏسي رشڪ ڪري ڇوڙ لڳو: منهنجو



هي آواز ته ٻڌ نصير... ڪشور ڪمار سان ملي ٿو نه...؟ ۽ پوءِ ECG جي ڪارڊيو گرام ۾ انگڻ ونگڻ نظر ايندڙ لڪيرُن جهڙا سُر ڪيڻ شروع ڪري ڏنائين: **گهنگرو ڪي طرح بجتا هي رها هون مين... بجتا هي رهون گا...** (تڏهن دل ۾ چوندو رهيس، پنهنجا گهنبڊي وار لوڏي لوڏي پيو وڄ جاني... تنهن ۾ منهنجو ڇا؟) پوءِ طارق وچ ۾ انٽرپ ڪندي ڳاتو... مين شرابي شرابي... مين شرابي شرابي... مين شرابي... (پر نه... اسان مان ڪو به، نه شرابي، نه ڪبابي ۽ نه ربابي... ها! ڪو سٺو ڪتاب ملي ويندو هئوسين ته ان کي ڦُڙو ڦُڙو ڪري مٺ وانگر ضرور پيئڻ لڳندا هئاسين). خير طارق ۽ اخلاق اڳيان... مون بارها ڳايو..."ڪيا پته زندگي ڪا- ڪيا ڀروسه، هئه ڪسي ڪا... سب سي پيار ڪيئي جا، دل نثار ڪيئي جا"...

ته بس هتي ان حوالي سان هڪ ٻي ياد... سن ياد ناهي، 'پروڙ' رسالي جي ايڊيٽر، مظفر چانڊيي جي لاڙڪاڻي جي سمباره هوٽل ۾ وليمي جي دعوت هئي، طارق ۽ مان حيدرآباد مان سهڪندا ڊوڙندا پهتاسين ۽ بس هوٽل گيٽ تائين پهتاسين مس، ته هي يار اخلاق... وليمو ڪائي اندران نڪتو ۽ تڪڙو تڪڙو پر منجهان لنگهي ون ٿو ٿري... ته ڇا اسان تي هن جي نظر نه پئي؟ طارق کان پڇم... هو ڳائڻ لڳو... **"ڪيا پته زندگي ڪا، ڪيا ڀروسا هئه ڪسي ڪا..."** پتو پيو، طارق سان هو سخت ناراض آهي!... تڏهن مون وڏيون وڏيون ڀرانگهون ڀري، تيزي سان دور ٿي ويندڙ اخلاق ڏانهن مُڙي ڏٺو... هاڻي طارق هي گيت ڳائڻ لڳو.

بي وفا- هم نه ڀولي تجهي،
ساري دنيا ني هم سي ڪها- ڀول جا! بي وفا.

اخلاق جو... طارق (۽ مون سان ٻي...) اهڙي درد انگيز دوريءَ جو دؤر طاري جي وفات کان، ڪي ٿورا ڏينهن اڳ تائين مسلسل هئو. پر ان ناراضگي يا وچ واري وڇوٽيءَ جو ڪارڻ ڇا؟. طارق چوندو هو. اها اخلاق جي پنهنجي **چوائيز** آهي- ڇا تنهنجي به...؟ ۽ مون هن کان جڏهن جڏهن دريافت ڪيو...



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ان ڳالھ تي هن هميشہ خاموش رهڻ ئي وڌيڪ پسند ڪيو. خير ان وچوٽي ۾ ناراضگيءَ واري وقت دوران هاڻي، نواب شاھ ۾ منور سراج جي ”ڪهاڻي ڪتاب“ جي مهورت ٿي. اخلاق، سريلزم، ڊاڊاازم ۽ ڪهاڻي ۾ سمبلزم تي ڳالهايو... مون ۽ طاري انهن سڀني ازمن جي خلاف ڳالهايو ۽ اسٽائيلن ڪي ڇاڙي واڙي رد ڪيو. يعني- يارَ هن جي ڪلاڪ وائيز ڳالهايو، تہ مون ۽ طارق اينٽي ڪلاڪ وائيز... ۽ ان سرد جنگ جو مزو بہ پوءِاسان ٻنهي ڏرين واھ جو ماڻيو. المختصر-هاڻي موٽان ٿو 1978ع ڏانهن... آرٽس فيڪلٽي وٽان تيزي سان گذري ويندڙ بس پويان، وڏيون وڏيون ٻرانگھون ڇلانگون پريندي ۽ ان جي پويان ڊوڙندي اخلاق ڪي مون هڪ ڀيرو ڏٺو تہ لڳم دور آڪاس ۾ ”ڪڪرن تي پير رکندو... هُو خلائن ڏانهن ڊوڙي پيو“. اڇا! سنڌ يونيورسٽي جي ان دؤر وارين بسن جي گپ گيھ بہ، اسان کي ڪيڏو لَست ڏيندڙ، لڳندي هئي... خاص ڪري ان وقت جڏهن اسين ان مان ٻنھ ليمي وانگر نپوڙجي ٻاهر نڪرندا هئاسين... اڪثر اهڙي هنبس ۾ بس اندر جڏهن اسان کي گھڙٽو يا چڙهڻو پوندو هئو... تہ طارق ۽ آئون پهرين تہ اداس سُرن ۾ ڳائڻ لڳندا هئاسين....

نئے کپڑے بدل کر جاؤں کہاں
اور بال بناؤں کس کے لئے
وہ شخص تو اب پہچانے گا نہیں
پھر ٹائے لگاؤں کس کے لئے

پر هي، اخلاق جي هنگاما خيز ٿڪن وانگر هن جي ڪهاڻين جو نثر بہ، ڪيڏو نہ وڻندو هئو مون کي. مٿان هن جي خاموشي... ۽ اداسي....؟ ۽ اُها تہ صفا جهڙي سنگ مرمر جي اڇي، شفاف ديوار جهڙي لڳندي هئم... بطور ڪهاڻيڪار، توڙي جو طارق کان سواءِ ڪنهن تي منهنجي اک، ڪڏهن بہ نہ ٻُڏي... پوءِ بہ دل ۾ چوندو هوس، هي اخلاق بہ بابا...هاءِ هاءِ... خاص ڪري اهڙو احساس، ”آرسي“ رسالي ۾ هن جي ڪهاڻي پڙهي تہ، اڃان بہ شدت سان ٿيو هئم....

اخلاق جي هن نوٽ بوڪ مان هاڻي طارق جو چيل هي جملو اکين ۾ ڳلن تي لڙڪ وڇائي ويو اٿم:

**-يار اخلاق... امڙ وئي، تہ مان بہ ڪنهن ٽٽل ستاري جيان پرتي....**
**تمام پرتي هليو ويندس. پولار ۾ گم ٿي ويندس.**

۽ يارهين جون 2011ع، طارق واقعي پولار ۾ گم ٿي ويو، ايئن مون غريب جي دنيا تہ ويران ٿي ئي وئي. پر اخلاق بہ تہ اڪيلو ٿي ويو.

هونئن هي اخلاق هجي، طارق يا آئون سنڌ يونيورسٽي جي بلڊنگ اسٽرڪچر بابت اسان مان هر هڪ جو پنهنجو ئي تہ view هوندو هو. يعني يونيورسٽي مون لاءِ جهڙي سينيٽ ايلزئبٿ چرچ، طارق کي اها مهاوير جي مڙهي لڳندي هئي ۽ اخلاق کي يونيورسٽي وري قبل مسيح زماني جي ڪا پراسرار عمارت. تڏهن ان زماني ۾ اسان جون پسنديده انگريزي فلمون هونديون هيون. ’وان يان ايڪسپريس، بين حر‘... ’ڪئسنڊرا ڪراسنگ‘، ’سيمسن ڊلائلا‘، ’بٽر فلاءِ‘، ’گنز آف نيو ران‘... ’روميو جوليٽ‘، ’گريجوئيٽ‘ ۽ اردو فلم ’پاڪيزه‘ وغيره... جنهن ۾ بار بار ريل جي سيٽي جو هيانءُ ڏاري ڇڏيندڙ آواز اسان کي ٻوري ۽ جَهوري ئي تہ ڇڏيندو هو، ۽ ريل جي اهڙي سيٽي کي ڪنائي، طارق الائي ڪهڙي پليٽ فارم تان بلا آخر انهيءَ ۾ سوار ٿي ويو. ۽ آئون تريون ميٽيندو ڏسندو ئي رهجي ويس. پر ساڳئي پليٽ فارم تي اڃي بيٺل ڪنهن ٻيءَ ٽرين مان، اخلاق انصاري، منهنجو دوست يا منهنجي دوست جو دوست، هي مسودو مون لاءِ ڪٽي اڃهو لهي پيو آهي. جنهن جي ٽڙيل پکڙيل پنن کي ڏسندي، پڙهندي، ناصر ڪاظمي جو هي شعر.... اسان ٽنهي جي حسبِ حال ياد اچي ويو اٿم.

کیا زمانہ تھا کہ ہم روز ملا کرتے تھے
رات بھر چاند کے ہمراہ پھرا کرتے تھے



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

خير... ڳالهہ صاف آهي، اسان ٽئي قبول صورت هوندا هئاسين.... طارق جي ڳلي ۾ تسبيهہ... اخلاق جي ٻانهن ۾ ڪڙا ۽ ڪولابا. منهنجي پيرن ۾ چاڪڙي، ٻانهُن ۾ تعزين ۽ سيجن جا ڪارا ساوا، ڳاڙها ڌاڳا... ۽ بظاهر تہ اسين رف ٽف... پر اندران ٻاهران بلڪل صاف سٿرا... مزاجن اينگري ينگ مئن ۽ چپن تي وري هھڙا شعر.

سدا ياد رهندا فسانا اسان جا
زمينون اسان جون زمانا اسان جا

۽ انهن ڏينهن ۾... منهنجي سدا ڪان هيءَ ئي صدا، مان صدين ڪان اڪيلو آهيان. ”مان اداس آهيان“... اهو اخلاق جو نعرو. ”مان جنم جنم ڪان روميو آهيان“... هي طارق جو اعلان... پر ساڳئي وقت، اسين سڀ ان ڳالهہ تي بہ متفق تہ:

**دوستي ايسا ناتا... جو سوني سي ڀي مهنگا**

پر هيءَ تہ 38 سال پراڻي ڳالهہ مون لکي... شايد 1978ع جي يا ان ڪان بہ اڳي جي. پر هيءَ ڳالهہ... جيڪا شايد 1974 جي آهي. جڏهن پهرئين سنڌ ياترا دوران اخلاق سان آئون لاڙڪاڻي ۾ وچي مليو هوس... قلمي دوستيءَ جي ڏور جهلي... ۽ ان زماني ڏانهن اچ مُڙي ٿو ڏسان، تہ هي پريا 44 سال! ڄڻ محض هڪڙو پل... بلڪہ پل بہ نہ... ڄڻ آپل! پر شايد ان ڪان بہ هڪ سال اڳ... سن 1973 ڌاري،اخلاق هن نوٽ بوڪ ۾ لکيو:

**- هي سال زندگيءَ جو هڪ اذيت ڀريو سال... ۽ مان اسڪائوٽ مان انقلابي ٿي وئم. سياست ۾ گهڙي پئس. خبر پئم.**
**زندگي...! رڳو ڏک آهي**

انهيءَ وچ ۾ شايد ڪراچي ۾ ٿوري وقت لاءِ اخلاق ڪلارڪي بہ ڪئي. جتي ڪليگ مهاجر ڇوڪريءَ سان ويجهڙائپ ٿئس، ۽ پوءِ هو اُتان هليو، تہ هُن چيس:

**هاڻي تون پڙهڻ ٿو وڃين، وڏو ماڻهو ٿي ويندين**



**چيم: نہ! اسان وٽ وڏن ماڻهن ڪي، ڦاهيءَ تي ٽنگيو ويندو آهي.**

هڪ ٻئي هنڌ اخلاق لکيو:

**منهنجو ساٿُ**
**ڪنهن سان بہ نہ آهي**
**’ڏک‘ ئي**
**منهنجو ساٿي**
**منهنجو دوست**

تڏهن Between the Days اخلاق ڏانهن، لاڙڪاڻي مان، مهربان ۽ مشفق والد، انيس انصاري صاحب جو اتساهہ ڏيارينڌڙ خط هن وٽ پهتو، پر انهيءَ خط ڪان پهرئين، مير تقي مير ڪي سندس والد محمد متقيءَ جي هيءَ وصيت هتي پڙهو:

**بابا! ڏس، زندگيءَ ۾ ڀيو ڪجهہ ڪرين يا نہ، عشق ضرور ڪجانءِ!**

هيڏانهن انيس صاحب وري نوجوان پٽ اخلاق کي سمجهائي پيو...

**-اڪيون ڪول پٽ... ڏس ... ۽ اڳتي هل. هڪ هنڌ بيٺو رهين، تہ بيٺو ئي رهندين. سوچ... صوفين، خانقاهون ۽ راهبن مڙهيون ڇو وسايون...؟ اها ڀاڄ هئي. فراريت! اهو سچ کي هٿ هيٺان لڪائڻ هو.... ايئن ڪرڻ سان... دنيا جا ڏک، ڪي گهٽبا ڇا؟**

۽ باوجود اهڙي صلاح پائڻ جي، اخلاق، نوٽ بوڪ ۾ ڪنهن محبوب هستيءَ لاءِ، وري هي درج ڪيو.

**تو کي وساري.**
**پاڻ مارڻ... نٿو چاهيان**

۽ ان ڪان پوءِ نئون اتساهہ کڻي ۽ فردر اسٽڊيءَ لاءِ... سنڌ يونيورسٽي هو پهچي ويو.

هاڻي هي اخلاق، فزڪس ڊپارٽمنٽ جو شاگرد بڻيو ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ اسٽوڊنٽ لائيف شروع ٿيڻ دوران هڪ رات جي ياد، هن هھڙي ريت رقم ڪئي.




books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

**-سينٽرل ڪئنٽين ۾ ماني کاوان پيو، تہ شيخ اياز (VC) آيو. هُو پرواري ٽئبل تي اچي ويٺو. سڀ شاگرد اوڏانهن اُٿي ويا.**

۽ هي مون ناچيز نصير مرزا سوچيو... ايترو ڪجھ لکڻ بعد، پڪ سان اخلاق اڳتي لکيو هوندو: '**مون سي ڏنا ماءِ! جنين ڏنو پرينءَ کي**' پر اخلاق، ايئن نہ لکيو... طنز منجهان ڪجھ پيو ئي لکيو. ڇا؟

**بند يونيورسٽي جو وائس چانسلر، شيخ اياز!**

۽ اهي پورا ڇھ مهينا هئا. جڏهن سنڌ يونيورسٽي بند رهي. سبب؟ ڊاڪٽر شيرين (سنڌي نياڻي) سان ميجر ڪفايت (پنجابي) جو ”ريپ اسڪينڊل“ ۽ ان واقعي جي پس منظر ۾ جيڪا احتجاجي ريلي نڪتي، اخلاق جي نوٽ بوڪ ۾ ان بابت سندس رد عمل ڪان آگاهہ ٿيو.

**-اسين بہ ان ۾ هئاسين. ڄام شورو ڦاٽڪ تائين... پوءِ حيدر شاهہ جي فائرنگ... شايد ڪو مردر ٿيو ۽ پوءِ شاگردن ۾ ڀاڄ.**

ياد اٿم... آئون (نصير) ۽ ڪي هم ڪلاسي دوست (بہ) ڄام شوري ڦاٽڪ کان، ريلوي ٽريڪ ڏيئي، ڪوٽڙي جنڪشن تائين ستڪ پٽڪ ڪندا... ۽ اتان پوءِ سوزڪين ۾ لٽڪندا، لُڙڪندا، وڃي حيدرآباد پهتاسين. هاڻي ورهين بعد 1990ع ڌاري (ر) ميجر ڪفايت سنجهوري جي MCO بئنڪ ۾ مون کي مليو. جتي جو هو سيٽلر پنجابي، ۽ زميندار هو... هٿ پڪڙي ڪن ۾ چويم ٿو. مرزا صاحب...!! سڀ سياست... سڀ پروپيگنڊه. شيرين منهنجي دوست هئي. ۽ ريپ واري ساري ڳالھ! ايڪ دم ڪوڙ! ۽ خوامخواهہ قوم پرست سياستڪارن ان تي سياست ڪئي ۽ اڌ سال يونيورسٽي کي بند ڪرائي، پنهنجي تعليم کي ڇھ سال ڏکي پويان ڪري ڇڏيو.

......

هاڻي اخلاق لکيو:

**نہ ڄاڻان جو**

**توهرَ**



**بيابانن ۾ ئي ڦٽندا آهن**

غلط... اسان جي پياري امر جليل صاحب تہ رنگ رنگ جا ٿوهر پنهنجي اسلام آباد واري گهر يا هاڻي ڪراچيءَ واري لگزرئيس فليٽ ۾ بہ رکيا، يا ڪونڊين ۾ پوکيا آهن. ۽ پوکيندو بہ رهي ٿو. معنيٰ، ٿوهر هاڻي رڳو بيابانن ۾ ئي نہ، ميگا ۽ ڪاسميوليٽن سٽيز ۾ بہ شوقيہ پوکجي رهيا آهن!

خدا ڄاڻي، هي بہ الائي Joke يا حقيقت... اخلاق نوٽ بوڪ ۾ لکيو آهي:

**-اسٽوڊنٽ... اڌيءَ رات جو، نرسن جي هاسٽلن جون ديوارون ٽپي انهن کي ريپ وجهي ڪندا هئا. هڪ ڏينهن نرسن جي رڙين تي هڪ شاگرد ڇت تان ڇلانگ ڏني. ٽنگ ٽٽي پيس، تہ هاسپيٽل وارڊ ۾ انهن ئي رڙيون ڪندڙ نرسن مان ڪنهن، سندس ديک ريک ڪئي ۽ پوري همدردي سان علاج بہ.**

۽ اها ڳالھ پڙهي مون ڪِلي ڏنو. پر اخلاق ڊائري ۾، ڪڙتالي اسٽوڊنٽ ليڊرن تان تہ مون کان بہ وڌيڪ ڪِليو آهي. ۽ دل کولي...

**-هو جو، وڏا وڏا سٽڻ جا پاڇا ڪري، مورَ تورَ سان هلن ٿا. وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي ڄام شوري جي هوا کي، پيلين ٿا.**

۽ يارو! هتي مون کي آئنسٽائن جي ٿيوري ياد اچي وئي آهي، ”ٿيوري آف ريليٽيوٽي“...

**سچ هميشہ... سچ ناهي هوندو، ۽ حُسن بہ. اڄ آهي، سڀاڻي مٽي... ۽ سڀ فراڊ.**

اخلاق لکيو آهي

**ڪرشن مهراج بہ ائين ئي هوندو هئو. برهمڻن لاءِ هڪڙو، شُودرن لاءِ ٻيو، وئشيا لاءِ ٽيون.**

تڏهن ئي تہ هاڻي اخلاق بيزار ٿي هڪ هنڌ لکيو:

**اڇو تہ سڀ**

**ٽرئفڪ سگنل**

ٽوڙي ڇڏيون...

قرة العين حيدر آپا، ڪنهن وقت لکيو هو.

**پڇاڙي عمر ۾ گهڻو ڪري سڀ دوست Expose ٿي ويندا**
**آهن ۽ نتيجتن اڪيلا ٿي پنهنجي پنهنجي گهرن جي ڪرسين**
**تي ڦان ٿي وڃي ڪري پوندا آهن، ۽ رات جو ننڊ آٽڻ لاءِ**
**ڪمپوز گولي واپرائڻ لڳندا آهن... ۽ بلا آخر... اڪيلائي ئي**
**سندن مقدر بڻجي ويندي آهي....**

ته بس جي اخلاق جي به اها ئي ته پُڪار.

**مان اڪيلو اواڪ**
**مان اڪيلو اواڪ...**
پئي پاسي منهنجي به ته... اڄڪلهه اِهائي تات تنوار
**مان اڪيلو شام جي تاري جيان**
**ڏند ۾ جڻ ڦول ڪوا!**

۽ طارق به ته ايئن ئي چوندو رهندو هو:

**آئينگا اڪيلا، جائينگا اڪيلا**
**دو دن ڪي جندگي دو دن ڪا ميلا**

اڄهو اخلاق، لڳ ڀڳ اٺتيهه سال اڳ هن نوٽ بوڪ ۾ ڪنهن هنڌ انٽرنيشنل هاسٽل اڱڻن وارن ڳل مهر جي وڻن جو ذڪر لکيو آهي. اُهي ڳل مهر يا انهن جي ٻج مان ڦٽي نڪتل ڪي نوان ڳل مهر... اڄ به وڃي ڏسو اُتي موجود ملندا ۽ آگاهه رهو، ته ڪيئي پيرا ۽ ڪيترن شامن ۾ اتي آئون هلي ملي ويو به هوندس... يا پوءِ آرٽس فئڪلٽي جا ڪاريڊار... سينٽرل لائبريري، ان جي چوڌرف اشوڪ ۽ يوڪلپٽس جا وڻ. بوگن ويلا جون وچڙيل وليون ۽ انهن جي آس پاس پٽڪندي. مون به ڪيئي پيرا اخلاق وانگر ئي سوچيو:

**هزارين وڻن ٻوٽن ۾**
**هڪ ننڍڙي انسان جي حيثيت ئي ڇا**



ڪجهه به نه!

يا، آئون سوچيندو آهيان، اسان جي هتان هليي وڃڻ پڄاڻا، ٻي دنيا ۾ ڇا؟

شايد اتي به ڪجهه نه!

اخلاق- تنهنجي ڊائري ۾ طارق جو تذڪرو پڙهي تنهنجي ئي لفظن ۾ اِي دوست !آئون به...اڄ تو ئي وانگر:

**شديد اذيت جي رڻ مان گذران پيو.**

۽ ڄاڻان پيو، هن ڪتاب تي ڪجهه به لکڻ، صرف ۽ صرف طارق جو ئي پرِوليج هو. يعني اصل حق... (۽ طارق کان پوءِ لڳندو اٿم، هي اخلاق يا آئون. ٻيئي جهڙا به بي روح- جهڙا بدروح) ۽ لڳ ڀڳ چاليهه سال اڳ، جڏهن اسين ٽيئي پاڻ ۾ مليا هئاسين ته، عمر جي چاڙهيءَ تي چڙهي رهيا هئاسين.. ۽ هاڻي... حياتيءَ جي لاهي تان... مسلسل هيٺ لهون پيا... مسلسل هيٺ... ۽ اڃان هيٺ.

۽ اڳي ٺڪ ڏيندا هئاسين ته مڪڙيون ٽڙي پونديون هيون. هاڻي رڳو مُرڪون ٿا، ته ڳلَ ڇٽيو ٿا پون. هوا.. بدن ڇُهيو اڱيان ٿي وڃي... ته اُها به اداس... ڄڻ اسين ماڻهو نه، ويران مقبرا هجون...

۽ حياتيءَ جي ريل گذري چڪي ۽ اڄ پليٽ فارم تي... صرف هي اخلاق ئي نه، آئون به ته اڪيلو بيٺو آهيان.

ته مون چيو پئي... هن نوٽ بوڪ تي، 'نوٽ/مهاڳ' لکڻ، منهنجو نه! اسان ٻنهي جي، طارق عالم جو ئي حق هو. ۽ باوجود ان جي، هي جيڪي ڪجهه لکيو اٿم. ان بابت غالب جي لفظن ۾، منهنجو هي اعتراف به رڪارڊ تي رهي ته...!

*حق تو یہ ہے کہ حق ادا نہ ہوا!*

**نصير مرزا**

حيدرآباد
20.01.2016

I want to go living after my death,

And therefore I am grateful to god,

For giving me this gift….of expressing

All that is in me..

(Anne Frank)


www.sindhsalamat.com

Silent Spring
In the memory of those
Who perished in the service of mankind.

(انٽرنيشنل هاسٽل سنڌ يونيورسٽي
جي لان تي گل مهر جي وڻ هيٺان لڳل سنگ مرمر
جي پليٽ تي اُڪريل عبارت)


books.sindhsalamat.com

مــان؟؟
ان ديـس جـو
شـهزادو آهــيان
جنــهن ديـس ۾
شـهزاديـون ٿــين
ئــي ڪـانـہ ۰



مان
پاڻ
ڪي
ڳولهڻ
نڪتو
آهيان◌

مان
پاڻ کي
تو وٽ
وساري آيو آهيان.◌

(منهنجي پارت اٿـوَ)

جي
تون رسول حمزا توف
جي شاعري پڙهين
تہ
لهندڙ سج کي پٺي
ڏئي
اوپر ڏي ڊوڙين.◌


books.sindhsalamat.com

شل
تون،
وري اچي.
ان اڌ ڪليل دريءَ آڏو بيهين،
جنهن اڳيان
اڄ لنگهندي.
منهنجي ذهن جي ننڊاڪڙن گهرڙن ۾،
سڄاڳ يادون وري پيون.
تنهنجو،
هٿ لوڏي مرڪي ملڻ کي،
ياد ڪري ولوڙجي ويم.
شل
تون،
وري اچي.
ان اڌ ڪليل دريءَ آڏو بيهين.◌


www.sindhsalamat.com

رڳو،
اذيت جي رڻ مان گذران ٿو.
ثواب جي پناهه گاهه به ٺاهي نه سگهيو آهيان.◌


books.sindhsalamat.com

هيڏي وڏي
وايو منڊل ۾
ڪروڙين ستارن
سوين سيارن
لکين گرهن
هزارين وٽن پوٽن
۾
هڪ ننڍڙي انسان جي
حيثيت؟
ڪجهه به نه!
جي انسان ختم ٿي وڃي
ته پوءِ
ڇا ٿيندو؟
ڪجهه به نه! ◌

هيڏي
وشال آڪاش ۾
تارن جي ويجهو هوندي
به
پرتي آهين
سڄي آسمان ۾
اڪيلو آهين
اي چنڊ.◌


www.sindhsalamat.com

اڻ تڻ آ، بيچيني آهي. پاسا بدلائي بدلائي ننڊ نہ آئي. بالڪوني ۾ اچي ويٺو آهيان. چپ چپات آهي، ماحول ۾ عجيب اداسائي آهي.

ڪجھ ڏينهن اڳ ڪراچي ويم. آفيس مان ڪلارڪي تان استعفيٰ ڏنم.

هن چيو: 'هاڻ تون پڙهڻ تو وڃي.... وڏو ماڻهو ٿي ويندين....'

ڪيس چيم : 'نہ، اسان وٽ وڏن ماڻهن کي ڦاهي تي ٽنگيو ويندو آهي.'

هوءَ پريشان ٿي وئي.

انهن ڏينهن ۾ ڏاڍي بارش پئي. اسان آفيس جي ڇت کان سامهون جهيل پارڪ ۾ پئي ڏٺو تہ امن اخبار جي هيڊنگ پڙهايائين تہ ڪورٽ ڀٽي صاحب جي ڦاسي برقرار رکي آهي.

هن اها خبر خوشي ۾ پڙهائي. مون کي ڌڪ ٿيو تہ هن پاڻ کي مهاجر ثابت پئي ڪيو. ان ڏينهن کان مان هن کان ڪجھ پرتي پرتي ٿي ويم.



مان آفيس مان سپني کان موڪلايو پئي. تہ هن چيو: منهنجي Short Leave لک.

لکي ڏنم تہ هوءَ مون سان گڏ نڪتي.

اڄ ماني گڏ کائينداسين، پوءِ فلم ڏسنداسين.

مان ڪائنس زوري موڪلايو.

رات جو ڪيهر شوڪت سان God Father فلم ڏٺي.

فلم جي هيرو کي خبر پئي تہ هن جي پاءُ کي ماريو ويو آهي، هُو گاڏي تيار ڪري ٻاهر وڃڻ تو چاهي.

هُو اڄان گهر مان نڪري ڏاڪڻ تان لٿو. سامهون ڏٺائين تہ سندس زال ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي رڙ ڪري ڪيس چئي ٿي "Wait there! I shall drive to you." اوچتو ان گاڏيءَ ۾ بم ڦاٽو. سندس خوبصورت زال مري وڃي ٿي، گوري گوري ٽنگ ظاهر ٿي پوي ٿي.

پل ۾ موت پل ۾ زندگي. پل ۾ خوبصورتي، بد صورتي ۾ بدلجي وئي.

مان سوچيان ٿو

مونکي "فردوس" سان وڃڻ کپندو هو .

پل پل جي خبر نہ آهي.

پل ۾ چاهي!

پل ۾ چا نہ آهي!!.○

منهنجو
ڪنهن سان بہ رشتو
نہ آهي.
نہ دوست،
نہ مت نہ مائٽ
نہ سنگتي نہ ساٿي.
ها
هڪ سان رشتو آهي
ساٿ آهي
ننڍپڻ کان
جواني تائين
منهنجو ساٿي
منهنجو دوست
”ڏک“
منهنجو ساٿي
منهنجو دوست.◌

اڄ
سنڌ جو سقراط زندهہ ٿيو.◌



اخلاق
جڙيو هوندين____

سوچ ۾ لوچ چڱي بہ آهي ۽ بري بہ___

ڏاهو ٿيڻ بہ ڏوهہ آهي. شاهہ تہ رڙ ڪري چيو آهي ”الا ڏاهي م ٿيان“ پتو هوس تہ ڏاهيون ڏک ڏسنديون آهن.

گوتم جڏهن رڳو سڌارٿ هو تہ چون ٿا تہ ڏاهو ڪونہ هو. ڏاهو تڏهن ٿيو جڏهن ڏاهپ (ٻوڌي) جي وڻ هيٺان ڪيس گيان آيو ۽ ٻڌ (ڏاهو) ٿيو. ائين آهي ڇا؟ سمجهان ٿو تہ ٻڌ تہ ڀريائين هيو، جڏهن منجهس سوچ ۾ لوچ هئي. ويچاريائين پئي تہ ويچارو هيٺو سڀ وهيٺو ڪيڏو تہ ويل ۾ آهي. جڏهن وري ڏٺائين ارٿي تہ يار جون وايون ٻتال ٿي ويس. ڪيائين ڇا، گهر ڇڏيائين ٻار ڇڏيائين (ان ويچاري زال ۽ ٻار جي سوچ جي خيال ئي نہ ڪيائين) وڃي جهنگ واسو ڪيائين. بکون ڪڍيائين، تپسيائون ڪيائين. مليس ڇا ٿي داڙيون. اها ڏاهپ تہ ڪا نہ آهي تہ گهر ۽ ٻار ڇڏي حقيقتن کي پٺي ڏجي.

اڄ ڪان نہ، آد جڳاد ڪان اهو انياءُ هليو ٿو اچي. هيٺي ڪان هرڪو ٻيٺو آهي. ابو العليٰ معري گوشت نہ کائيندو هو. چئي اهو ظلم آهي. ڪنهن پُڳل تتر موڪليس. ان کي ڏسي چيائين تہ افسوس جي تون باز نہ ٿئين، نہ تہ هي حال نہ ٿيئي ها. پر سڀ باز تہ نہ ٿيندا کي تتر ۽ کي ڳيرا بہ تہ هوندا جهان ۾. سڀ بسن جا ڪنڊڪٽر بہ تہ نہ هوندا. کي اهڙا بہ هوندا جن وٽ چار آنا بہ ڪونہ هوندا ۽ ڪين ڏڪا ۽ دڙڪا نصيب ۾ آهن.

معري بہ ڪو موڳو هو. تتر تہ نہ کاڌائين پر سبزيون جن کي بہ جان آهي، تن کي ويو هڙپ ڪندو. ڪو ڀڇيس ها تہ سبزيءَ کي ايڏو احساس ڪونہ ٿيندو جيترو هڪ حيوان کي (حالانڪ سبزي بہ حيوان آهي) پر ڪيس ڪو ٻڌائي ها تہ

ميان سبزي کي بہ پنهنجي قد بت آهر تڪليف ٿئي ٿي ۽ ايتري جيتري ڪنهن پي جانور کي.

صوفين خانقاهون ۽ عيسائي راهبن مڙهيون ڇو وسايون. ڪين همت ڪانہ هئي، هت هن دنيا جا ڏک ڏاڪڙا ڏسن. اها بہ پاڄ آهي. فراريت آهي. سڄ کي هٿ هيٺان لڪائڻ آهي. ان ڪري ڪي دنيا جا ڏک گهٽيا ڇا؟

تو واقعي سمنڊ ڏٺو آهي ۽ سندس آنڌ مانڌ بہ، ٽڪريون ڏٺيون آهن ۽ سندس ڏاڍ بہ. مان بہ ڏٺو آهي. شايد توکان ۽ مون کان پوءِ بہ ڪي ڏسن. ڏسندا رهندا.

ديوجاسن (Diogenes) بہ سوچيو تہ دنيا جي ڪوڙ آهي تہ ساهہ ڇو کڻون. نتيجو پاڻ هليو ويو. دنيا اتي ئي آهي.

مون کي خوشي آهي تہ تنهنجو ضمير زندهہ آهي ۽ سوچ ۾ لوچ آهي. مان بہ ان مصيبت ۾ مبتلا آهيان. نتيجي ۾ ڇا مليو. پنهنجي آدرش جي ڪيڏ، پاڻ سان گڏ پنهنجن ٻارن کي بہ تڪليف ۾ وڌم.

اکيون کول ڏس ۽ اڳتي هل. هڪ هنڌ ويٺي رهين تہ ويٺو ئي رهندين.

هاڻي ڪجهہ غير فلاسافي ڳالهيون. ملڪ يونس صاحب ڪنهن ڪم سان آيو هو، تنهنجو ڏاڍو پي پڇيائين. چيائين تہ اچي تہ آفيس اچي. سپ ٽا پچنس رئيس بہ تنهنجو پتو پڇيو. ٻڌايو اٿي مانس. ڪڏهن اچ يا لک تہ مان اچان. ڏٺي ڏينهن ٿيا آهن سڪ سبيل لڳي آهي.

تنهنجا پيسا گهرايا اٿم آفيس مان هڪ سؤ ٻٽيهہ آهن قرضي آهيان پهچائي ڏيندو مانءِ.

وڏيڪ وري ٻي دفعي.

گهر خوش آهن.○

تنهنجو بابا.



books.sindhsalamat.com

چوڏس
هوائون آهن.
سانجهہ ويلي.
مان تنهنجي گهر ڏانهن ٿو نهاريان،
توکي
وساري پاڻ
مارڻ نہ ٿو چاهيان.○

Paper is more Patient then Man.
(Anny Frank)



www.sindhsalamat.com

پارٽنر
ڪمري جي ديوار تي لکيو
Wisdom
is
like
the sun.
(Kirshina)

چيومانس ،”ماما! پر ڪرشن مهراج جي سوچ ته سج وانگر نه هئي: هو برهمڻ لاءِ پيو، شودر لاءِ پيو ۽ هو اڇا وئشن لاءِ پيو هو.“

ڪيس منهنجو جواب نه وڻيو، ڏٺم هُن جي چهري تي ڪاوڙ، نفرت ۽ بيزاري جي گرهڻ هئي.○



رات
جي
سانت
۾
مان
بالڪوني ۾
ڪنهن
ٽريفڪ سگنل
جيان بيٺو
آهيان.○

جڏهن
مان نه هوندس
ڪندين
ياد پيارا.○

اڇو
اڇو
ته
سڀ
ٽريفڪ سگنل
ٽوڙي ڇڏيون.○

اڄ تہ پيار ڪرڻ سکون،
اڄ تہ فطرت جي رنگن کي
پنهنجي اکين جي رستي
ذهن جي يادگيريءَ وارن گهرڙن ۾
هميشہ لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيون
فطرت جي رنگينين کي
هڪ تنگ نظر عاشق وانگر
صرف پنهنجي ٻلي نہ سمجهون
پر سيني جي ٻلي سمجهون
اسان کي پوپٽ جهڙي
حسين شيءِ کي ماري
پلاسٽڪ ۾ بند ڪرڻ نہ کپي
پر ان کي پنهنجي اکين ذريعي
ذهن ۾ بند ڪرڻ گهرجي.○

**(مشتاق شابراڻي)**


books.sindhsalamat.com

يونيورسٽي ۾ عجيب قسم جي بي يقيني جي حالت آ، لڳي ٿو ڪجهہ ٿيندو. جيڪو اسان لاءِ سٺو نہ هوندو.

سينٽرل ڪينٽين ۾ رات جي ماني سندر سان کاوان پيو تہ شيخ اياز آيو. هُو پير واري ٽيبل تي اچي ويٺو. سڀ شاگرد اوڏانهن اٿي ويس.

مان سندر سان ماني کائيندو ئي رهيم. هڪ شهدادڪوٽ جو ڪيمسٽري ۾ پڙهندڙ ڇوڪرو جنهن ليڊر ٽيڪ جي ڪوشش پئي ڪئي. مانيءَ جي شڪايت ٿو ڪري. V.C شيخ اياز صرف طنزيہ مرڪيو پئي.

ڇوڪري کي رڳو يونيورسٽيءَ جو اهو ئي مسئلو ٿو نظر اچي؟

ائين بہ نہ آهي تہ شيخ اياز يونيورسٽي لاءِ ڪجهہ نہ ٿو ڪري، گهڻو ڪجهہ ڪري ٿو.

الائي ڪيترا اسڪالرشپ تي ٻاهر پڙهڻ ويا آهن، اديبن کي نوڪريون ڏنيون اٿئين.

پر ائين نہ آهي تہ مسئلو "سٽي ماني نہ ملڻ جو آ"، مسئلو تہ اهو آهي تہ سنڌ يونيورسٽي 'بند يونيورسٽي' ٿي سڏجي.

اسان ڪٿي بيٺا آهيون؟

ءُ

هُن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟؟○


www.sindhsalamat.com

سنڌ سجي پيلجي ٿي.
تحريڪ زور تي آهي. بي بي سي رڳو ڳوٺن تي بمباري، جلوس، لاٺي چارج، ڳوڙها گئس ۽ گرفتارين جون خبرون ٿي هلائي.
رات جي ماني تي ميس ۾ هڪ معصوم شاگرد، جنهن کي نه سياست ۽ ادب جي ڄاڻ آهي. چيائين:
ادا!
”لڳي ٿو ته انقلاب رڳو ڍونگ آ“
مونکان چرڪ نڪري ويو. هُو سڀ ڪجھ سمجھي ٿو.
سڄي سنڌ ڄڻ ته بند آ.
پر سنڌ يونيورسٽي کليل آهي.

هُو جو وڏا وڏا سُٽڻ جا پاچا ڪري، مور ٽور سان هلن ٿا. وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي ڄامشوري جي هوا کي پيلين ٿا.○



مان
ڇاڏان ٿو
تون به،
اندران آهين
مون جيان.
شمشان جيان.○

مان!
پنهنجي جيون جا
سمورا سپنا
تو نانءُ ارپي،
ڇڏيا هن.○



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

بابا سائين

ڪالهه سارنگ سات ڪيا. پلر جي پالوت ٿي. ڪنوٽن ڪجڪارون ڪيون تڏهن بر ڪا ڦڙين جي سنگيت تي عرب شاگردن گيت ڳايا. تڏهن سندر مان ۾ منظور آياسين، آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار تي، ايلسا قاضي پير ۾.

تڏهن اتي سوچيم: قاضيءَ پاڻ ڇو ماريو؟ سڪون لاءِ؟! ۽ اها هر ساهه واري جي خواهش آهي تڏهن تہ شيڪسپئر چيو:

Under the greenwood tree
Who loves to lie with me,
Here shall he see
No enemy

اهو سڀ ڇا لاءِ آهي؟ ايتري فراريت ڇو؟ ڇو نہ ٿا ڇجي سگهون؟ ارسطو چيو "The man is social enemy" (اهو ظلم آهي اسان تي) رهڻو بہ ڳڏ آهي، ڏک بہ سِهڻو آهي. هر هنڌ ڏک ئي ڏک آهي! سک ڪٿي؟؟ ۽ سک ڳولهي ان ڪي ورهائڻ لاءِ ئي زردشت، عيسيٰ، شِو شنڪر، گوتم سپني گيان ڪري موت ۾ روشن راهه ڏسي. پر چند حالتن ۾ ڦيرو اچڻ ڪانسواءِ ڪجهه نہ ٿيو. اڄ بہ دنيا جا اسي سيڪڙو انسان گهڙي گهڙيءَ جي عذاب ۾ مرن ٿا. ڪو مڪت نہ آهي.

پيار ئي اها شڪتي آهي جيڪا شايد سک جو ساهه کڻڻ ڏي.

پيار آهي ڇا؟؟

پيار

حسين دوکو.

ماءُ جو پٽ سان پيار ڪرڻ پنهنجي آرام لاءِ. پيءُ جي شفقت پنهنجي سڪون لاءِ. دوست جو دوست ڪي چاهڻ ذهني سيٽسفيڪيشن لاءِ. خليل جبران چيو: "پيءُ ماءُ مجبور آهن پيار ڪرڻ لاءِ، هو ٻارن تي تورو نہ ٿا ڪن."

پيار؟


books.sindhsalamat.com

حسين دوکو

هو دوکو

مان دوکو

دوکو دوکو سڀ ڪجهہ دوکو.

سچ ڪٿي آهي؟.. سچ!

سچ جو احساس تڏهن ٿو ٿئي، جڏهن ڪوڙ جو وجود آهي.

خدا جي اهميت تڏهن آهي، جڏهن شيطان آهي.

بهشت تڏهن آهي، جڏهن دوزخ آهي.

هر هنڌ تضاد. تڏهن تہ مارڪس چيو:"ٻن قوتن ۾ جدوجهد ٿيندي رهي ٿي. اهي بہ قوتون "Thesis" ۽ "Anti-Thesis" جي نالن سان سڏجن ٿيون. ۽ ٽڪرائجڻ ڪان پوءِ "Syen Thesis" وجود ۾ اچي وري "ٿيسز" وري "اينٽي ٿيسز" "سين ٿيسز" ائين سلسلو هلندو رهندو". هونئن بہ پوکڻ تہ لڻڻ، لوچڻ تہ لهڻ. سوچڻ تہ سرچڻ. ابوالڪلام آزاد چيو: "ڪنهن شيءِ جو ڍهڻ ٻي شيءِ جي ٺهڻ جو سبب آهي." نظرين جو وجود ۾ اچڻ ٻي نظري سان تضاد، وري ٿيون نظريو وري تضاد. اهو ئي ارتقا جو اصول آهي. سيٽسفيڪيشن ڪانهي ڪٿي بہ.

اسان سڀ يوناني ڏند ڪٿا جا اهي ڪردار آهيون، جيڪي پاتال ۾ رهن ۽ پوڳين پر هُو مرن نہ ٿا. اسان مري ويندا سين، وري جنم وٺنداسين. ٻي جنم ۾ جوڻ متائي بگهڙ ٿي جهنگ ۾ رهندس، چيرڦاڙ وحشي پٽي ۾ ئي تہ سيٽسفيڪيشن آهي، ان ۾ سک آهي.

توهان جو فرزند

توهان جو فائيل آندم. بغير اجازت جي، ڏاڍي ڪم ۾ هو. واپس ڪندس.◌


www.sindhsalamat.com

مان
ماٺهن جي
جهنگ ۾،
اڪيلو اڪيلو
جهوني ٻڙ جيان
پيو ساهه کڻان.○

مان
مري وڃان
ته
منهنجي
قبر تي ڪتبو
نه هڻجو.○

راڻي باغ ۾
جانورن کي مان نه ڏسڻ ويو
هئم.
هنن،
مون کي پئي ڏٺو.○


books.sindhsalamat.com

تون،
۽.
تون،
ٻه ته ڪجهه نه آهين.
مون کان سواءِ،
جيئڻ
مان،
۽،
مان ڪجهه
نه آهيان توکان سواءِ.○

تون
هوا ۾
صابڻ جي گجيءَ
جي رنگين
ڦوڪڻي جيان.
پنهنجي اندر ۾
خيالن جي
رنگين دنيا سمائي
گهمين ٿو
جنهن جي ڪا به حقيقت
نه آهي.○


www.sindhsalamat.com

صبح جو ڊپارٽمينٽ ۾ عجيب خاموشي ۽ اداسي ٿي وئي. ڪاريڊور ۾ آيم تہ شاگرداڻي ٻڌايو ”نوابشاهہ ۾ ڪنهن فوجيءَ ميڊيڪل جي شاگردياڻي کي ريپ ڪيو آهي.“ اندر تائين ٻاهہ وڪوڙي وئي. آرٽس فيڪلٽي آيم. هال ۾ هڪ ڇوڪريءَ رقيہ تقرير پوري ڪئي تہ حيدر شاهہ لطيف سائين جي بيت سان تقرير جي شروعات ڪئي ۽ آخر ۾ اهو چيو تہ ”اسان حيدرآباد تائين لانگ مارچ ڪنداسين...“

آرٽس فيڪلٽي مان جلوس ڪڍي هلياسين تہ مان ادبي بورڊ واري روڊ تہ ڪنڊ ورائي تہ ڏسان تہ رڳو ڪارا مٿا آهن. مان ايترو وڏو جلوس نہ ڏٺو هو. اسان نعرا هڻندا اڳتي ڦاٽڪ وٽ پهتاسين. سامهون پيٽارو روڊ ۽ ڦاٽڪ تي پوليس هئي. L.M.C وارو روڊ خالي ڇڏيل هيو ۽ اوچتو آنسو گيس جي شيلنگ شروع ٿي وئي. شاگرد ڇڙوڇڙ ٿي ويا. پڙ تي رڳو ڪجهہ شاگرد ليڊر بيٺا هئا جن ۾ قمر پٽي، خليل قاضي، بشير شاهاڻي، رفيق پنهور، شبير لاکو ۽ ڪجهہ پيا بہ هئا. اوچتو هڪ ڪار ڦاٽڪ تي اچي بيٺي. ان مان حيدر شاهہ لٿو ۽ رائفل سان فائرنگ شروع ڪئي تہ سڄي پوليس ڀڄي وئي. اسان وري نعرا هڻندا حيدرآباد ڏانهن هلياسين.

واپڊا ڪالوني وٽ پويان فوجين جون گاڏيون آيون، جنهن ۾ پينٽ ۽ گنجيون پاتل فوجي هئا. انهن مان هڪ لهي تقرير ڪرڻ پئي چاهي تہ ڪنهن



books.sindhsalamat.com

فائر ڪيو، افراتفري مچي وئي. سامهون ڏٺم تہ فوجي، ديون جي پوتن ڏانهن ڀڄن پيا ۽ هڪ کي ڪرندي بہ ڏٺو. اتي اوچتو افواهہ ڦهلجي وئي تہ ڄامشورو پل بند ڪري ڇڏي اٿائون. ڪنهن چيو تہ حيدرآباد نہ هلو، ڪنهن چيو واپڊا ڪالوني جي ٿاڻي تي حملو ڪيو، ڪنهن وري ائين چيو تہ واپس يونيورسٽي هلو. شاگرد منجهي پيا ۽ ٽولن ۾ ورهائجي ويا. هڪ ٽولو واپڊا ڪالوني ڏانهن ويو پيا واپس ٿيا ۽ اسان ڪجهہ شاگرد ڪراچي واهہ جو ڪنارو ڏئي واپس هاسٽل تي آياسين. هاسٽل تي پارٽنر منظور بلوچ پريشان ويٺو هو هن سمجهو تہ سندر داس ۽ مان گرفتار ٿي ويا آهيون. اهو فيصلو ٿيو تہ ڪوبہ هاسٽل خالي نہ ڪري سڀ گرفتاريون ڏينداسين.

رات جو ڪمري جي بالڪوني مان هيٺ ڏٺم تہ ڇوڪرا ٿيلها پنين تي رکي هلندا ٿا وڃن. صبح جو جنرل باڊي ۾ رڳو ڪجهہ سئو شاگرد آهيون، اتي فيصلو اهو ٿيو تہ اجان هاسٽلون نہ ڇڏيو، اتان جلوس ڪڍي يونيورسٽي جي روڊن تي نعرا هڻندا ٿا هلون. اڃا AC-2 وٽ پهتاسين سامهون ڏسون تہ وي سي جي گاڏي پئي آئي شاگردن گاڏي جو گهيراءُ ڪيو نعري مٿان نعرا پيا هڻن. شيخ اياز گاڏي مان لٿو. شاگرد شيخ اياز کان استعيفا جو مطالبو ٿا ڪن، اياز شاگردن کي ڏسي مرڪي ٿو. شاگردن ۾ اجا تاءُ پکڙجي ٿو، لڳو ائين پئي تہ ڪو وڏو نقصان ٿيندو. حبيب الله ڪابورو انتهائي ذهانت سان جذباتي جلوس کي موڙي لطيف هاسٽل ڏانهن وٺي ويو.

خبر پئي تہ هڪ فوجي مارجي ويو آهي ۽ افواهہ ڦهلجي وئي تہ هاسٽلن جو گهيرو ٿيندو.

هاسٽلون خالي ٿي ويون آهن.

چوڌاري خاموشي آهي.

مان بالڪوني مان ڏسان ٿو. پراسرار خاموشي آهي ۽ چوڌاري اوندهہ آهي.◌



www.sindhsalamat.com

- x + = -

+ x - = -

+ x + = +

- x - = +

0 x 0 = 0

رستا
سڀ منهنجا
هٿ جي ليڪن جيان
بي معنيٰ
ٿي ويا.◌


books.sindhsalamat.com

اسان سڀ
تهذيب جا سهڻا ڪپڙا پائي
منهن تي مرڪ آڻي
اخلاق سان ڳالهايون ٿا.
اسان سڀ
جيڪڏهن تهذيبن جا
ڪپڙا لاهي بيهون
تہ
جيڪر
بگهڙ لڳون.◌

نہ ڄاڻان؟
ڇو؟
ٿوهر
بيابانن ۾ ئي ڦٽندا آهن.◌

مان اچي ويو آهيان،
نئين دنيا ۾.
مان هاڻ وڏو ٿي ويو آهيان.
وڏيون ڳالهيون،
وڏو پيار.
وڏو عشق ڪيان ٿو.
جنهن ۾ آهن،
ڏک ئي ڏک.◌


www.sindhsalamat.com

يونيورسٽي ۾ هڪ قصو پڌو آهي، تہ ڪجھ عرصو اڳ ڪجھ ڇوڪرا انهن ۾ ڪجھ پارٽين جا ليڊر بہ پڻ هئا. اهي ايل ايم سي جي نرسن واري هاسٽل ۾ رات جو پت ٽپي ڪمرن جي درن کي هلڪي آواز ۾ ڪڙڪائيندا هئا، جيئن در کلندو، تيئن ڪمري ۾ گھڙي نرس کي Rape ڪندا هئا.

اهڙي زيادتي تي هڪ ذهين نرسن اهو فيصلو ڪيو تہ رات جو دير سان ڪير بہ ڪنهن ڏي نہ ويندو، پر جي ڪنهن جو بہ در کڙڪي تہ رڙيون ڪري تہ جيئن سڀ هڪ مهل ٻاهر نڪرون.

ان ڏينهن ڪنهن جو در کڙڪيو، نرسن وٺي رڙيون ڪيون، ڪي همراهہ هاسٽل جي ٻي ماڙ تان ٽپا ڏئي ڀڄي ويا پر هڪ جي ٽنگ ڀڄي پئي ۽ هو ڀڄي نہ سگھيو.

مان ان واقعي بابت بہ ڳالهيون ٻڌيون آهن

اهو ٽڏي تہ مري ويو هو پردوستن مان ڪو بہ لاش پنهنجو ڪرڻ نہ آيو.

ٻي ڳالھ اها ٻڌي تہ تنهن کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو ۽ انهن ئي نرسن ان جو علاج ڪيو.ؐ


books.sindhsalamat.com

مان
بند ڪمري جي ڳڙڪين کي
کولي
اُس کي دعوت ڏيان ٿو
هو
پاڻ سان سوين متيءَ
جي ذرڙن کي کڻي
پارڙن جيان کيڏائي ٿي
مان
ڪنهن پوڙهي وڪيل جيان
اکين تي عينڪ چاڙهي
پاڻ کي جيئڻ لاءِ
دليل ڏيان ٿو.ؐ

الائي
ڇو؟
اڄ جو ڪو ڪو ماڻهو،
Sperm جي ڦڙي جيان
ٻاهران
پورو ۽
ڏپ جهڙو ٿو لڳي.ؐ


www.sindhsalamat.com

ڏسان ٿو
پرتي
تمام پرتي.
خلائن کان پري
ڏسان ٿو.
ستارن کي
جن کي
ڪنهن
پکيڙي ڇڏيو آهي.
بي ترتيب،
ڇڊورنگ
ستارا
ڇڊا ڇڊا.

(ڇا ڪيان نظر گهٽ آهي)
پر پوءِ
بہ وڻن ٿا.◌

اڪيون
ڇيڳرين ڇورين
جيان
ڪوڙن تان
ٽپنديون اچي
تنهنجي ڪوٺي
تي بيهي رهيون.◌


books.sindhsalamat.com

78
جا نظريا
79
ﮨ اچي بدلجي ويا.◌

Frey Seyn ist nichts:
Frey werden is der Himmel
Fichte.
To be free is nothing: to become free is heavenly.

(Anis Ansari)

(نئين سال تي بابا طرفان مليل ڊائري تي لکيل)


www.sindhsalamat.com

خبر نہ آهي تہ ڪيترو ٽائيم ٿيو آهي، لڳي ٿو رات جا ٽي ٿيا هوندا.
ڪنڌ ۾ ڏاڍو سور آهي، ڦيرائي ئي نہ ٿو سگهان.

جڏهن افضل قادري ڪجھ ڏينهن اڳ، اسان جي ڪمري ۾ رهيو هو. ان ڪنڌ جي هيٺان ہ آڱوٺا رکي ٿورو زور ڏئي چيو ”ڪاٻي ۽ ساڄي ہ دفعا ڦير.“ ڏاڍو فرق پيو هو، پاڻ ائين ڪيم پر فرق نہ ٿو پوي. افضل ياد ٿو پوي. هو ڪتاب ڇپائڻ جي سلسلي ۾ آيل هو.

لاڙڪاڻي ۾ جڳهن ڪي رنگ ڏيڻ جو ڪم ڪندو آهي. معصوم آهي، فقير ماڻهو آهي، هر وقت ململ جي پهراڻ ۾ سائيڪل تي نظر ايندو. رزاق مهر وٽ منهنجي ساٿس پهرين ڪچهري ٿي، جذباتي قومپرست آهي.

روز رات جو دير سان چوندو ”هلون، ڇهر ڪري اچون.“

پوءِ طارق چوندو ”ڪٺون بندقون ٻارهون بور“ ۽ پوءِ گڏجي ڇهر ڪرڻ، پنڌ ئي پنڌ ويندا آهيون ڦاٽڪ تي، اندو قيمو ڪائي چانھ پي موٽندا آهيون.

پنهنجي شاعري ياد اٿس، پر اسان ڪائنس هڪ وائي ٻڌندا آهيون.

چوماسي جون تيز هوائون
سڪل ٽاريون رڙي مور
ڪٺو بندوقون ٻارهون بور

هل هنگامو دانهون ڇيخون
شهر شهر ۾ آهي شور
ڪٺو بندوقون ٻارهون بور



books.sindhsalamat.com

ننڍ سپاڳي ڇڏي اٿو سپ
پڪڙيو پڪڙيو ڪارو چور
ڪٺو بندوقون ٻارهون بور

هٽي هتوڙا ڏاريو ڏونگر
پنهنجي دل تان لاهيو تور
ڪٺو بندوقون ٻارهون بور
ڪٺو بندوقون ٻارهون بور.

پوءِ چونداسون ”ڪٺو بندوقون ٻارهون بور“ هلو هلو... پوءِ ڦاٽڪ تان موٽنداسين.

مان ڪمري ۾ ڪا ہ تکڙي تبديلي ڪري نہ سگهندو آهيان.

اسان جي روم جو باٿ روم صاف سٿرو آهي. ڏاڍو خوبصورت، در کولڻ سان سامهون واش بيسن جي مٿان پلاسٽڪ جي گلن جو دستو اترين ڀت تي مستطيل فريم ۾ بند ڪٿا ڪلي ڊانسر جو خوبصورت انداز. ڏکڻ واري ڀت تي ڪجھ رسالا ۽ ڪتاب پيل. جيئن ڪموڊ تي ويهي پڙهي سگهجي.

پر هاڻي آئيني مٿان هڪ ڪارڊ هنيو اٿم.

هڪ چيمپازي ڪموڊ تي ويٺل آهي.

اهو افضل ئي هٽايو هو. افضل جيئن ئي باٿ روم ۾ ويو هو تہ وڏو ڪڙڪو ٿيو.

ڪجھ وقت ڪان پوءِ ڪنگهيو. وري هڪ وڏو ڪڙڪو ٿيو...
سامهون ڏٺم تہ
هو در ڪولي اڱڻُ هٿ ۾ جهلي بيٺو هو.
معصوميت سان چيائين
ادا..! ہ دفعا ڪِريو آهيان...
هن تي ويهبو ڪيئن آ؟○



www.sindhsalamat.com

هڪ
ننڍڙي وجود جي
هيٺان مٿان
ساڄي کاٻي
تمام گهرو
گهرو ۽ اونهو
اڪيلائي جو دريا.

۽
ان ۾
سوچن جو پاٽي
اهو ننڍڙو وجود
وڃي ٿو
لهندو
۽ ٻڏندو.○

هن کي ڏٺم،
محسوس ائين ٿيو
تہ
جسم تي اڏ رنگ
ٿي ويو آهي.○



Dear Akhlaq

Why? You are not writing to me. Please write.
Sundar came and informed me about you. Later, I could not meet Sundar because of an unavoidable circumstance.

Today in the morning when I was going to national center on the way Mushtaque Shabrani met he is ok he said that he would came to varsity in a day or two.

Now a days I am on leave from office nothing is wrong with me. I have got the leave only for rest. All the friends of mine have decided to visit the fair of Shah Latif Bhitai would you please help us?

Till the next time

Yours
Ashfaq Ansari.

وقار، اسان جي ڪلاس فيلو نغمہ جي ڪيڏ ڦرندو آهي، ان جو توجهہ حاصل ڪرڻ جي لاءِ هر وقت سندس خدمت ۾ پيش پيش هوندو آهي.

اسان Spectroscopy ليبارٽري ۾ هڪ تجربو ڪيو تہ اسپيڪٽرواسڪوب مان نڪرندڙ روشني جي Wave Length ڪي تبديل ڪيو ويندو آهي تہ جڏهن اها روشني ڪنهن آبجيڪٽ سان ٽڪرائجي ان جو منظر ڪٽي اچي تہ اتي ئي ورِي ان جي Wave Length تبديل ڪبي تہ ساڳيءِ ئي آبجيڪٽ جي شڪل تبديل ٿي ويندي. ۽ اهڙي نموني سان وڏي Wave Length سان آبجيڪٽ بيٺل نظر ايندو، پل تہ اهو موشن ۾ ڇو نہ هجي.

اها سورهيائي در دريون بند اونداهي ليبارٽري ۾ وقار، نغمہ ۽ سندس سهيلين کي ڏيکاريندي چئي رهيو هو:.... هي ڏسو هاٽي پکي جا 12 پر ٿي ويا.... صفا ڪنول جو گل ٿو لڳي نہ..... هاٽي توهان کي 6 پر نظر ٿا اچن... ائين نہ..! هاٽي ڏسو پکو ڦري بہ اٿو پر توهان کي بيٺل نظر ايندو.

هو مسلسل ڳالهائي رهيو هيو پر نغمہ ۽ سندس سهيليون اوندهہ ڏسي، بند ليبارٽري مان اڳ ئي نڪري ويون هيون پر هو مسلسل ڳالهائي رهيو هو. ”ڏسو هاٽي بيٺل پکو ڦري ٿو ڪيس ٿي پر آهن... هاٽي ڇهہ پر ڪندومانس... هاٽي تيز ڪندومانس تہ ڪنول جي گل جيان لڳندو...ڪيئن...؟“

مان ان جي ڪلهي تي هٿ رکيو تہ هُن ڇرڪ ڀريو. ڇوڪريون نہ ڏسي هُو شرمائي ڦڪي ڪل ڪلڻ لڳو.○



اڄ رات اڪيلو آهيان. هاسٽل سڄي خالي آهي. سخت سردي آهي. هوائن جا آواز آهن. قدمن جي آواز تي در ڪوليم. چوڪيدار بيٺو هو.

صاحب!

جي

چانهہ تہ پياريو نہ صاحب!

اڇ .

هن ٿانوَ آڳهاريا، پاٽي هيٽر تي رکيو. Cow Milk جي ڊبي مان کير ڪڍي، ڪوپ ۾ ملائي پتي وجهي ۽ چانهہ ڪاڙهي، ڪوپن ۾ اوتي مون کي ڏني ۽ پاڻ وڏي سرہاٽ سان چانهہ ٿو پيئي.

آهستي آهستي، ڳائڻ ٿو شروع ڪري.

”پنيا وار ڪلهن تي ڇتا ڇوڙي ڇڏيائون، نال نہ نيائون.....“

ڏٺم تہ هن جون اکيون آليون هيون.

’اڙي چاهي..؟‘

”صاحب! ميڊم...... جو عاشق آهيان..“ []

خوابن
جي گهٽين ۾
ڪي بہ اسپيڊ
بريڪر نہ هوندا آهن.○

سيٽسفيڪشن
ڇا آهي؟
پريشاني جي
شروعات.
نارمل؟
ڪير بہ نہ آهي.
نہ تون نہ مان،
سڀ ائبنارمل آهيون.
نارمل _ ائبنارمل
آهي.○

توکي
ڏسي
لڳي ٿو
تہ مون ڪان
ڪجھ بہ تخليق نہ ٿيندو.○



منهنجي
زندگي؟
يونيورسٽيءَ ڏانهن
اينڊڙ روڊ جيان
آسن جي ساون وڻن
نراسن جي ڪڏن ڪوڻن
سان ڀريل
ٿواٽي تي اچي
ورهائجي وڃڻ.
مان؟
اواڪ ۽
اڪيلو
پاڻ کي ورهائجندي
ڏسان ٿو.○

يار اخلاق

سجو ڪلاس روم خالي آهي. سامهون بليڪ بورڊ تي اڄ جي تاريخ لکيل آهي باقي سڀ ڊٺل آهي. ڪاري بليڪ بورڊ تي اڇا ڊسٽر جا لينگها، لهندڙ سج جا پڇاڙڪا ڪرڻا دريءَ مان بورڊ جي پٺ پرسان دريءَ جو "شيپ" وٺي بيٺا آهن. (مان ڪاليج جي مٿين ۽ آخري فلور جي هڪ ڪلاس روم ۾ ويٺل آهيان) ٽيچر جي ٽيبل ۽ ڪُرسي هڪ ٻي ڪڇ ۾ ڏانهن پٺي ڏئي رکيل آهن ڄڻ ته ڀ رُٺل. دريءَ جي پرسان جيڪا گهرن جي پاسي کُلي ٿي، ڀ چوڪرا هڪ چوڪريءَ سان اشارن ئي اشارن ۾ هيٺ واري گهر (۾ بيٺل ويٺل يا) سان مذاق ڪري رهيا آهن. منهنجو ڪلاس پيو هلي، دل نٿي چاهي ڪلاس روم ۾ ويهڻ لاءِ. عجيب بور اسٽوڊنٽ آهن. ڪجهه ڏينهن کان عجيب رويو اٿم، پنهنجو پاڻ سان گهر ۾ ويهان ٿو، ته دل چاهي ٿي حيدرآباد وڃان. حيدرآباد اچان ٿو ته بوريت جو احساس نه ٿو ڇڏي. اڄ مذاق ئي مذاق ۾ خدؤ مٿي ۾ ڏاڍا چنبا هنيا آهن، هڪ اڳي ئي بور هيم، چنبن ڪائڻ ڪانپوءِ روئي ڏيڻ جهڙي حالت ٿي ويم. هُنَ کي ڀلا ڪهڙي خبر ڪنهن جي من اندر جي ها نه؟ هُو ته آهي ئي من موجي ماڻهو ڪلو، ڪلو ۽ ڪلو جي اصول تي عمل ڪرڻ وارو، ۽ عمل ڪرائڻ وارو. ٻڌ ان ڏينهن جڏهن توهان اسٽيشن تي آيا هئو نه ۽ موڪلائي هليا ويا هئو، ته مان ڏاڍو اداس ٿي ويو هئم. ڪو وڏو پٿر من اندر گهوماٽيون ڪائيندو هيٺ هيٺ اندر جي انت ۾ ڪرڻ لڳو هو. دادو ڪانپوءِ ڪجهه موڊ ٺيڪ ٿي ويو هو. نصير سان هڪ ڳالهه تي ڏاڍو بحث ٿيو. آخر ۾ ڪيس چيم "تنهنجو منهنجو رستو جدا آهي". هُنَ مائينڊ ڪيو، پر چري کي شايد خبر ناهي ته منزل ساڳي آهي ٻنهي جي. ٽيون ڏينهن (خدؤ کي توڏانهن لکيل پهريون) خط پڙهايم. چائينز ۾ سوپ پيئندي هُنَ خط پڙهي مون کي پوئڻو ڏيندي چيو "ذليل هو اڳي ئي اداس، وري هن کي اداس خط ٿو لکين". ڏس ڀلا مان توکي اداس خط ڪٽي لکيو آهي؟!! مان ته جيڪو محسوس ڪيو آهي، لکيو آهي، ڀلا واقعي تون منهنجا خط پڙهي اداس ٿي ويندو آهين ڇا؟

جي ها.......... ته ساري....... يار.

قلم تازو:

پاءُ لطيف جي ميڙي تي نه آيو.

ڏاڍو ڳوليو سين توکي مان خدؤ ۽ ٻين پر پوءِ لطيف جي هڪ سٽ ياد ڪري دل کي آٿت ڏنم

"ڳوليان ڳوليان مَ لهان"

پوءِ سڄي رات جاڳياسين مزار تي.

"ساري رات صبحان جاڳي جن ياد ڪيو"

سڄي رات لطيف کي سندس مداحن کان ٻڌندا رهياسين

هن چنچر تي منهنجو ڊرامو "چنڊ رهين ٿو دور" پي ٽي وي تان هارون رند جي پيشڪش هيٺ ايندو. ضرور ڏسجانءِ ۽ جيڪي اوڻايون محسوس ڪرين ضرور لکجانءِ مون کي يا ٽي وي وارن کي.○

انيڪ آسون

تنهنجو طارق عالم

جڏهن
تنهنجي جواني
جي بهار جي
خوشبوءِ
هوا جي ڪنواري
جهوتي سان
رقص ڪري.
ان وقت
صرف
هڪ دفعو
منهنجو نالو ڪڇجان.○

اڪيلائپ
جي
قيد ۾
جڏهن تنهنجي ياد
ايندي اٿم.
لڳندو آهي
تنهنجي ياد ضامن پئي
آزاد ٿي ڪرائي
اڪيلائپ
جي
قيد مان.○



books.sindhsalamat.com

منُ،
نما شام جو موٽندڙ
پکين جي ولر جيان
موٽي ٿو

چڏي آيل
مارگ ڏي.○

اڇو،
اڇو
تہ،
سڀ ڳڏجي
موٽي هلون.

جتان پاڻ
هليا هئاسين.○



www.sindhsalamat.com

خودڪشي
پنهنجو پاڻ سان
بي انتها
پيار جو
ثبوت آهي.○

اڄ تہ
اڇوڪي رات
هن ڪمري ڪي،
Hide park سمجهي
سڀ ڪجهہ ڳالهايون.
جيڪي تنهنجي من ۾ آهي.
جيڪي منهنجي من ۾ آهي.○



مٺا پياءُ

خط مليو. پڙهيم، عجيب قسم جو احساس ٿيم. پياءُ مون ڪي ڪڏهن بہ سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪندو ڪر. ڇو تہ مان اندر ۾ ڪڏهن بہ ڪا بہ ڳالهہ نہ رکي آهي (يا شايد رکڻ نہ ايندي آهي.) ڪڏهن بہ ڪنهن لاءِ دل ۾ ٿوري بہ محبت پيدا ٿيندي آهي تہ ان جو اظهار ڪري ويهندو آهيان، (پوءِ موقعو مناسب هجي نہ هجي). ڪڏهن بہ ڪنهن تي ٿورو غصو بہ ايندو تہ غصو ڪائڻ يا لڪائڻ بجاءِ ان وقت ئي غصو لاهي وجهندس. پياءُ توکي شايد يقين نہ اچي پر اها حقيقت آهي تہ مان ڪڏهن بہ ڪنهن سان نفرت نہ ڪئي آهي. (اهو ئي سبب آهي جو منهنجي دوستي ايتري پراڻي ۽ گهري هوندي آهي). ها البتہ مان محبت تمام گهٽي ڪئي آهي مان جنهن ڪي بہ پنهنجو سمجهندو آهيان تہ، ازخود ان سان محبت ٿي ويندي اٿم. مان پائرن سان پيڻرن سان ۽ دوستن سان محبت ڪئي آهي، ۽ مون ڪي ان تي خوشي آهي تہ جيتري محبت مون ڏني آهي. ان ڪان وڌيڪ محبت مونکي ملي آهي خاص ڪري دوست مون سان گهٽي محبت ڪن ٿا. توکي شايد يقين نہ اچي پر اها حقيقت آهي تہ مان ڪڏهن ڪڏهن تہ دوستن سان ايترو وڙهندو آهيان، پر دوست مون سان ڪاوڙجڻ جي بجاءِ مون ڪان معافي وٺندا آهن. توکي تعجب ٿيندو تہ اهي جن ڪي مون سان نفرت ڪرڻ گهربي هئي سي بہ مون سان محبت ڪندا آهن ۽ شايد ان جو سبب اهو آهي تہ مون ڪنهن سان نفرت نہ ڪئي آهي. توهان پڇندا تہ پوءِ اهو ضد ساڙ ۽ جلڻ پڇڻ ڇا جو؟ پياءُ مان ننڍپڻ ڪان اهڙيون ڳالهيون ڏٺيون ۽ سٺيون جو مون ڪي ننڍپڻ ۾ ئي دنيا ڪان مونجهہ ٿيڻ لڳي. ننڍپڻ ۾ ئي دنيا مون لاءِ مسئلو بڻجي پئي. ننڍپڻ ۾ ئي مان احساس محرومي ۽ احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿي ويس

۽ احساس جو بدلو ائين ونندو هئس جو نندپڻ ۾ پارن سان وڙهڻ لڳس. مان ڪي جانورن ۽ پارن ڪي مارڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هيو. ۽ هاڻي منهنجي اها طبعيت نہ رهي آهي (طبعيت جي ڦيرائڻ ۾ منهنجي دوستن جو وڏو هٿ آهي) ۽ هاڻي ٻين کي چوڻ يا تڪليف ڏيڻ بجاءِ پاڻ کي ايذاءُ ڏيندو آهيان. مون کي خوشي تمام گهٽ ملي آهي توري گهڻي ويجهو اچڻ جي ڪندي بہ آهي تہ پاڻ ان ڪان پري پڇي ويندو آهيان. الائي ڇو مان پاڻ کي ڪڏهن بہ ذهني طرح مطمئن محسوس نہ ڪيو آهي، ۽ اها عجيب ڳالهہ آهي تہ الائي ڇو مان پنهنجي مسئلن تي ايڏو پريشان نہ ٿيندو آهيان جيترو ٻين جي مسئلن تي. پياءُ مان توهان سان ڪافي دفعا وڙهيو آهيان پر ڪڏهن بہ ان ويڙهہ ۾ ضد يا ساڙ نہ هيو پر مان توکي هڪ پياءُ سمجهي ئي وڙهيو آهيان.

پياءُ سچ پچ جيڪڏهن جيئرو رهڻ چاهين ۽ ذهني سڪون چاهين تہ پاڻ سان محبت ڇڏي ٻين سان محبت ڪري ڏس. پياءُ گهڻو سوچڻ ڇڏي ڏيو ۽ گهڻو مصروف رهو، فڪر ڇڏي پڙهائي تي ڌيان ڏي (مسئلا هونءَ بہ اسان کي نہ ڇڏيندا). ڪڏهن بہ ڪنهن ڳالهہ ڪان دل برداشت ٿي پڙهائي نہ ڇڏجانءِ ادا اشتياق وانگر مڙس ٿي پڙهجانءِ. پئسن ڏي نہ سوچجانءِ. ضرورت پوئي تہ مان ۽ منظور پنهنجي خرچيءَ مان ئي توڏي موڪليندا اسين. پياءُ مان اجان ٺيڪ طرح خوش نہ ٿيو آهيان، اجا تڪليف آهي. بابا ان ڪري ئي لاڙڪاڻي آيو آهي، شايد لاڙڪاڻي ۾ آپريشن ڪرايان.

پياءُ انگريزي ڏي گهڻو ڌيان ڏي. ايندڙ خط انگريزي ۾ لکجانءِ. اميد تہ باقاعدگيءَ سان خط لکندو رهندين.

سڀ خوش آهن ۽ توکي ڏاڍو ياد تا ڪن.ం

توهان جو پياءُ
اشفاق انصاري.


books.sindhsalamat.com

هن
اڪيلي ڪمري
۾
پنهنجي جسم تان
سڀ ڪپڙا لاهي.
مائيڪل اينجلو
جي
Nude Youth جيان،
آرس پيجان.
ان وقت
تون
ريوبنس جي
Venus جيان،
ٽڪجي ٽتجي اچي
منهنجي ڀاڪر ۾ پئہ.
تہ
ڪو
نئون شاهڪار ٿاهيون.ం


www.sindhsalamat.com

اڄ
صبح جو اٿيم. شيو وڌيل، وار اٽيا، تڪڙو تڪڙو ميٿاميٽڪ ڊپارٽمينٽ
ويم ڪلاس ۾ گهڙيم ۽ ڊيسڪ تي ويهڻ چاهيم تہ: سر چيو
Get out
اجا رڙ ڪري چيائين:
Get out
وائڙو ٿي ويس.
ڪجهہ چوان ئي تہ وري رڙ ڪيائين
نڪل جاؤ
(شايد مهاجر سمجهئين)
مان بہ ساڳي انداز ۾ لانيو سان چيو:
Thank you sir
سڄي ڪلاس ۾ ٽهڪڙو مچي ويو.○


books.sindhsalamat.com

ڏس
تون هروڀرو
اسان کي
بيوقوف بہ تہ
نہ سمجھ نہ.○

هر
ماڻهوءَ
جي زندگي ۾
”زندگي“ ايندي آ.
پوءِ
Upper class جي ڇوريءَ جيان
لاپرواهہ ٿي هلي ويندي آ.○

اماس
راتين ۾
ڪڏهن؟
تو
مون لاءِ
مان وانگر
سوچيو آهي!!○


www.sindhsalamat.com

فوزيہ سامهون ويٺي آهي.

اسان جي وچ ۾ رڳو املتاس جو وڻ ۽ پيلا گل آهن. هوءَ ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ مان نڪتي، مان فزڪس مان نڪتم.

ڪلاس ڊسٽرب آهن، ڪڻ ڪڻ پوي ٿي، رم جهم لڳي پئي آهي. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هيٺ قاضي جي مزار ۽ حيدربخش جتوئي پولين ڏانهن وڃن ٿا.

هوءَ ڪارن ڪپڙن ۾ آ.

ڪالهہ قيس منهنجي طرفان ڪيس آخري خط ڏنو هو، جنهن جي آخر ۾ بنگالي شاعر نذرالسلام جي آخري تقرير جيڪا هُن ڍاڪا يونيورسٽي ۾ ڪئي ان جا جملا هئا... ”دوستو! مان توهان ڏي اک کڻي بہ نہ ڏسندس، سڄو ڏينهن ڪو گوڙ شور ڪري ڪنهن جو ڌيان پاڻ ڏي نہ ڪندس، بس نستو ۽ چپ چاپ اڪيلو ئي اڪيلو، پنهنجي اندر ۾ خوشبوءِدار صندل جيان جلندو رهندس.“

لڳي ٿو هوءَ بہ مون وانگر اندر ئي اندر ۾ ڪنهن خوشبوءِدار صندل جيان جلندي رهي ٿي... ٻاهر برکا آهي.

هوءَ دير تائين ويٺي رهي، چپ چاپ. اسان جي وچ ۾ املتاس جو وڻ ۽ پيلا گل هئا.○


books.sindhsalamat.com

مون کي نفرت آهي
انهن کان
جيڪي آهن
His Masters Voice
جنهن جي ذهن ۾
پيري ٿي وڃي هڪ ڳالهہ
پوءِ
اهي شروع ٿا ٿين
ٽيپ رڪارڊر جيان
رٽيل جملا ٿا ڳالهائين
مون کي نفرت آهي
انهن ماڻهن کان.○

مان
مان
مان
..........؟؟؟
؟؟
ڪجهہ بہ نہ آن
ڪجهہ بہ نہ آن ○


www.sindhsalamat.com

اخلاق!

سدائين خوش هجين___

رسمي حال احوال کان معذرت. هونئن تہ تون ياد هوندو آهين، ليڪن اڄ وري اچا بہ وڌيڪ ياد آئين. اهو ان ڪري جو تنهنجو خط روزانہ سنڌ نيوز جي ادبي صفحي ۾ پڙهيم مس ڪو روزو ٻيڳو اٿئي. يڪو جو ٽہي هنئي هيئي تہ مس وڃي نڪتو آهين. ڏاڍو ساهہ منجهائي ٿو وڃين، شاباس اٿئي. خير اها بہ چڱي ڳالهہ آهي سنو سنؤڻ آهي. مانڪي تہ ائين ٿو سمجهہ ۾ اچي تہ تنهنجي پهٽي بيڪار ڪو نہ ويندي ۽ وئي آ. هونئن اخلاق انصاري مان وانگر محدود هوندو هو، ليڪن يونيورسٽي ۾ تعليم ڪمپنيءَ سان گڏ توکي ڪافي سيڪاريو آهي. ۽ اسان پڻ ان پڙ مان ڪجهہ حاصل ڪندڙن مان هڪ آهيون. ۽ اڃان سوڙيون اميدون رکيون پيا اچون، جو تہ نااميد ٿيڻ ڪفر آهي. معاف ڪجان ڪي گناهہ (Sin) آهن. تہ ڪي (Crime).

تنهنجن امتحان جو الائي ڇا ٿيو؟ پڪ سان پاس ٿيو هوندين، پلا ناپاس بہ ٿين تہ ڇو. اهڙو ڪو جواز ئي ڪونهي، جو تون فيل ٿئين. ۽ ها سندر جو الائي ڇا ٿيو، ڪيئن همراهہ فٽ آهي يا انفت ٿي پيو آهي/ ٿيندو پيو وڃي. باقي منظور جي خبر پئي آهي تہ هو ايم اي ۾ پاس ٿيو آهي، ۽ ايم فل لاءِ داخلا ورتي


books.sindhsalamat.com

اٿائين ۽ عنوان جيڪو پنهنجي ٿيسز لاءِ منتخب ڪيو اٿائين اهو آهي ”اوڙ“. بلڪل بهتر ۽ سٺو موضوع آهي. ۽ اميد تہ وڏي آهي تہ هو ان سان انصاف ڪندو. پنهنجي جاءِ تي منظور جي استدبي بہ ڪافي آهي، اسان ان جي آڌو جيتامڙا لڳندا آهيون. توهان ان راءِ سان خبر ناهي ڪيتري قدر متفق ٿيو. پر مان پاڻ ڪي اڄ بہ منظور آڌو نئيو پچڙو تصور ڪندو آهيان.

اتان اها تہ پڇا ڪري موڪليو تہ اسان جي رزلٽ (1st Professional) ڪڏهن ٿي اچي، ۽ جي ناز شهر ۾ ملي تہ منهنجا سلام چئجانس ۽ ضرور متان نتائي وڃين.

اتان جيڪو رسالو ”گريجوئيٽ“ وارن طرفان پيو اچي ان جو ڪم ڪٿي پهتو آهي.

مهرباني ڪري ان جو احوال ڏجانءِ.ٌ

تنهنجو پنهنجو
*منظور ظفر

* ڊاڪٽر مولا بخش ڪلهوڙو


www.sindhsalamat.com

تون
۽
مان،
لفظن جي حسين گهوڙن
تي چڙهي.
خيالن جي خوبصورت
باغن ۾
گهمون ٿا.◌

دوستو!
مون کي بچائڻ جي
ڪوشش نہ ڪريو.
چالاڪ جو،
مان بچائڻ جي
ڪوشش ۾ ئي
ماريو ويندس.◌

تون
۽
مان؟
پيو ڪجهہ بہ نہ آهي
سواءِ ان جي تہ
بہ جسم زندگيءَ جي
ڪوليءَ ۾ بند آهن.◌



تون؟
ڌرتي تي رهين ٿو
مان بہ.
مان
ڌرتي لاءِ ٿو سوچيان.
تون
آسمان لاءِ.
مونکي
ڪرڙ ۽ ڪانڊيرا وڻن.
توکي
املتاس جا پيلا گل،
۽
ها
تون چئين ٿو ”سچو آهيان“
۽
مان ڊپلوميٽ
تون
آئڊلسٽ
۽
مان مٽيرلسٽ.◌



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

بابا..!
ريل
نہ پٽ اها ريل نہ آهي
اِها جيپ آ
نہ بابا ريل
پٽ توڏي ڏوهہ نہ آهي
تون غريب جو پار آن.○

اڄ
ائين ٿو سمجهان
مان
بہ وڃان ٿو
سم ورتل موهن جي دڙي
جيان
خيالن جي سم ۾ پڏندو
زمين اندر هلندو
پيو وڃان
۽ پوءِ
تون
ئي چوندين
اخلاق هيو ڏاڍو......○



بشير وٽ ويم. صفا ونجي ويو هو. رڙيون پيو ڪري ”گرٽ ٿا پون پنيون وٽ“ مان ڪيس زور ڏنا.

ڪالهہ جيئن پيسينجر تي چڙهياسين تہ بشير بہ ملي ويو. پيسينجر جو پنهنجو ماحول هوندو آهي. مخصوص اسٽيشنن تان مخصوص مسافر، مخصوص فقير چڙهندا. جيئن لاڙڪاڻي اسٽيشن تان ڪراڙو ڳاڙهي ڏاڙهي سان ڪاٺ جي تلوار ۽ پستول جو خالي ڪيس چيلهہ سان ٻڌل ۽ فون جو ڪارو رسيور بيلٽ ۾ لڙڪندڙ، ”ڏيڏر فقير“ چڙهندو سئن نہ هٽندو. فون جو رسيور ڪڍي ڳالهائيندو. هلو.... هلو جي ها پٽ ”منجهند جو ڇا ٿاهيو اٿئي....“. ”هاها ڪوفتا ٿاهہ چانور بہ هجن اڄ منجهند جو وڏا ماڻهو ايندا“. ماڻهو فقير جون فون تي ڳالهيون ٻڌي ٽهڪ ڏيندا ان ڪي خيرات ملندي پر آخر ۾ هو هڪ فون ضياءُ الحق سان بہ ملائيندو ان سان ڳالهائيندو پر فون اڌ ۾ بند ڪندو. مونکي سدائين اِهو اتساهہ ٿيندو آهي تہ هڪ ڏينهن ڏيڏر فقير ضياءُ الحق سان پٽي صاحب بابت ضرور ڳالهائيندو.

باڍهہ مان چولن وارو چڙهندو، راڌڻ مان هڪ سنهي انڌي فقيرياڻي ۽ ٿلهو انڌو فقير چڙهندا لطيف جا بيت ڳائيندا ”جنين ڏاند نہ ٻچ تنين تنهنجو آسرو...“. ان وچ ۾ هڪ سيد چڙهندو مخصوص انداز سان تعارف ڪرائيندو ”نور آ تہ جهان آ نہ تہ....“ سرمو ڪپائيندو. سرمو ڪپائي وري ٿيلهي مان شيشي ڪيڍي ڏندن جي سور جي دوا ڪپائيندو. سيتا اسٽيشن ٽپنداسين تہ آخري ايتم

ٿيلهي مان ڪيڏندو هڪ روپئي جيتري چاندي جهڙي چمڪندڙ اڇي ٽڪي ڏيکاري تقرير شروع ڪندو ”ورهين جا ورهين جو ڪشت هي آهي سيد جو ٻچو آهيان ڪوڙ حرام آهي سنڌ بلوچستان جي جبلن ۾ وڃي جڙي ٻوٽيون هٿ ڪندس. پوءِ جهنگلي ٻوٽين جا نالا تيزي سان ٻڌائيندو. ان ٻوٽين کي ماري هي دوا ٺاهي آهي جيڪا سو بيمارين جي ماءُ قبضي لاءِ آهي... قبضي جي ڪري هاضمو خراب، هاضمو خراب ته رت خراب، رت خراب ته جگر بڪيون خراب، سيني ۾ ساڙو، ڳلي ۾ سوزش، جوڙن جو سور ۽ ڏندن مان رت وات مان ڌپ ڪنيون وينديون. هي هڪ ٽڪي سالن جي قبضي ختم ڪري هڪ ٽڪي وٺو ڪائو صبح جو ايئن حاجت ايندوءِ جڻ ننڍڙي ٻار ٻال ڦٽي ڪيو. توهان ڏسندو سالن جي قبضي ختم ٿي ويندي نئين رت ٺهندي ڳتا ڳاڙها جسم ۾ طاقت گهمڻ ۽ ڪائڻ جو مزو ڏند مضبوط وار ڇڻڻ بند ۽ چٽيل وار وري ڦٽندا هڪ ٽڪي پنج روپيا پنج روپيا پنج روپيا. دادو ويجهو ايندو ته چوندو ٻه ٽي داڻا بچيا آهن هڪ ٽڪي هڪ روپيو هڪ روپيو هڪ روپيو“.

بشير ڪالهه چوري وار ڦٽڻ جي لالچ ۾ اهو جلاب ڪاڌو. منجهند جو ڪلاس اٽينڊ ڪري سنڌس ڪمري ڊي 20 تي آيم ته در ڪليو پيو هو. بشير ٻيڊ تي ستو پيو هو حال احوال ڪان اڳ ئي ڊوڙندو ٿي ليٽرين ڏي ڀڳو، موٽيو ته ڳاريون پيو ڪڍي رڙيون پيو ڪري يار زور ڏي ڳبڙيون ٿيون پون پنيون پڪڙ.... پنيون....○


books.sindhsalamat.com

آرٽس فيڪلٽيءَ ۾ امداد چانڊيو ۽ مان ڳائيندا پئي وياسين ته اوچتو. امداد چرڪ ڀري چيو ”يار نه نه“.

ڇو، ڇا ٿيو؟

مان پارٽي ليڊر آهيان... اها ڇڙواڳي ٿي لڳي...

مان ٿڪ ڏنو. هُو چپ ٿي ويو.

فيڪلٽي ڪان ٻاهر آياسين ته حمايت علي شاعر وڃي پيو. اسان کيس سلام ڪري هٿ ملايو کيس عرض ڪيو ته ڪو شعر ٻڌايو. زور ڀرڻ جي باوجود ٻه نه ٻڌايائين.

*کسی اور دن*.. .چئي هليو ويو.

پاڻ پرچائڻ لاءِ مختلف شاعرن جا شعر هڪ ٻئي کي ٻڌايا.○


www.sindhsalamat.com

چون ٿا
ڏاهپ بہ ڏات آ
ڪن ڪي
تہ لوچڻ سان بہ نہ ٿي
لڀي.◌

نہ
جاڻان ڇو؟
ورهين جا رشتا
رڳو
لفظ ئي ٽوڙي ڇڏين؟◌

مان
ننڍي هوندي
ڪوٺي تان
ڏسندو هئس
موٽندڙ پکي
ولرن جا ولر
الائي
ڇو؟
مان انهن ڏينهن ۾
ئي خودڪشيءَ تي
سوچيندو هئس.◌
هن وقت


books.sindhsalamat.com

ٻارنهن ٿيا آهن
(نہ ڏينهن نہ رات)
۽ سامهون
بوسو پريل، stuff ٿيل پکھ
۽
گلدان ۾ پلاسٽڪ
جا گل هِن پيا
۽
منهنجي سيني تي صليب
نهيل آ.◌

اڄ
ها
اڄ
ها
پتو پيو
جيڪو مان نہ چاهيم
سو ٿيو.◌

وقت ڀڙوي
جيان اسان کي
مجبورين جي وڏيري
اڳيان ڪنهن
رنڊي جيان نچائي
ٿو.◌


www.sindhsalamat.com

سري گهاٽ وتان لهي. فتاح آرٽسٽ جي ڪمري جو در کڙڪايوسي.
ڪجھ منٽن کان پوءِ در کوليائين، ڏاڍو ڏک ٿيو، فتاح صاحب ننڊ پيو هو پر پوءِ بہ مرڪي آڌرڀاءُ ڪري ڪچهري ڪيائين.

اوميلا ۾ چانھ ٺاهيائين. اتان وري ٻين ڏي وياسين. نہ مليو وري اتان موٽي فتاح ڏي آياسين، قمر سومري وٽ يڪو ڪچهري ٿي. غزل ٻڌايائين.

آخري بس ۾ چڙهياسين. ڏاڍو سيءُ هو. بس جون سڀ در ۽ دريون بند هيون.

ڪنهن گئس ڪيئي، جڏهن بہ ڊپ اٿندي آهي تہ طارق رڙ ڪندو.. ”اڙي ٽائر ڪي ڪنهن باھ ڏني آهي...“ پوءِ آهستي گار ڪيندو ان جي تہ....

اڄ ڏاڍي ڊپ ٿي تہ مان رڙ ڪئي.

”اڙي ڪنهن ٽائر ڪي...“

طارق هٿ تي زور ڏئي چيو، ”پيارا! گار نہ ڪيجانءِ.“ ○


books.sindhsalamat.com

مان
ابتدا ڪئي.
مان انتها ڪئي
تون
ابتدا ۽ انتها،
جي وچ ۾
پيڙيو آن،
مون جيان. ○

مان
ايتريون پابنديون
فاصلا ۽ اصول
نہ ٽوٽوڙي سگهان
تنهنجي Flying Kiss
جو
جواب بہ نہ ٽوڏئي
سگهان. ○

موت سواءِ پيو ڪجھ بہ نہ آهي
تو ۾ مون ۾ ساڳيو
جندڙي ڪچو ڌاڳو. ○
(شيخ اياز)


www.sindhsalamat.com

يونيورسٽي ۾
اهي ساڳيا ڏينهن آهن.
جن ڏينهن ۾
تون ۽ مان
بند ڪمري ۾ ويهي
چانهه پيتي هئي.
۽
تون انهن ڪارن
ڪپڙن ۾،
لڳو ٿي
امامن جي شهادتن تي نه
پر
پنهنجي خواهشن
جي موت
تي ماتمي لباس
پاتو هجي.
۽
مان انهن ساڳين
ڏينهن ۾
ائين ٿي ويٺو،
پٽين يادن
کي پٽيان ٿو.◌


books.sindhsalamat.com

مان
ننڍو هئم
رنگين لاٽو ڏسي
خواهش ڪئي هئم
ان کي حاصل ڪرڻ جي
پتو نہ آهي.
ڪيترا سال
اهو نہ وٺي سگهيم
اڄ
جڏهن هالا ۾
هينڊ ڪرافٽس جي دوڪان تي.
رنگين لاٽون ڏٺم
بنا ڪجهہ سوچڻ جي پيسا
ڪيڍي ٻہ ورتم
ياد آيو.
ننڍي هوندي
ائين چئي پاڻ پرچايو هئم
جڏهن... جڏهن مان
وڏو ٿيندس تہ پوءِ
لاٽون وٺندس.◌

(لطيف سائين جو ميلو).


www.sindhsalamat.com

زوردار ڪڙڪا ٿيا. در ڪوليم تہ بہ فوجي ۽ هڪ سويلين اندر هليا آيا. بلب ٻاريم.
ڇا آهي؟
ڪجھ بہ نہ.
ڪارڊ ڏيکار...!
ها.
ڪٿان جو آهين؟
لاڙڪاڻي جو.
فوجي باٿ روم ڪان پوءِ، ڪٽن هيٺان ڪپٽ ۽ بالڪوني جاچن ٿا.
”هي ڪير آ؟“ چئي چادر لاهي پڇن ٿا.
مان جلدي ۾ وراڻيان ٿو.
مهمان آهي.
ڪارڊ.... ڏيکاريو
”نہ ڪارڊ نہ آ“ ڪنول وراڻيو.
جڏهن چڪاس پوري ڪيائون تہ چيم: توهان کي سڀ خبر آهي... وارڊن کي سڀ خبر آهي... توهان اسان کي هريرو ٽارچر ڪيو.
مان انهن سان گڏ ٻاهر نڪران ٿو.
”هل اندر هل...“ فوجي دڙڪو ڏيندي چوي ٿو.
ڪمري جو در بند ڪيان ٿو. ڪنول چيو: "يار...! واهہ واهہ بچائي ڇڏئي، مون تي تہ وارنٽ آهن.“
بالڪوني مان ٻاهر ڏسان ٿو تہ چوڏاري چرپر لڳي ٿي، ٻاڪ ڦٽي تہ فوجي ڇتا ٿيندا پئي ويا. []


books.sindhsalamat.com

مان اڳي ڪبوتر پاليا هئا
ان ۾ هڪ ڏاڍو سهڻو
هوندو هو.
پڇ ان جو مور جهڙو،
۽ ڇاتي ان جي
پهلوانن جهڙي.
ان جي ماديءَ ۾
اهي سڀ خصوصيتون هيون
جهڙيون
عورتن ۾ راڪل ويلچ ڪي.
۽
اها گم ٿي وئي
ان کي ڏنم تہ،
هو ڳري ويو
مستي مري ويس.
۽
ٽن ڏينهن
تائين هڪ هنڌ ويٺو رهيو هو.
جڏهن واپس مليس تہ ڪلاڪ
ڳتڪيو هو
۽
پوءِ ڪري پيو
اڄ مون کي اهو ڪبوتر ڏاڍو ياد آيو.○


www.sindhsalamat.com

مان
هن وقت هن ڪمري جي
ڪولي ۾ بند (جو ڪمرو منهنجو نه آهي).
ٻن پائرن جي ننڊ ۾ ڪونگهرن ڪي پڙندي به
لڳي ٿو.
ته
ساموهن بوسي پيريل پگهه جيان منهنجو جسم
مئل. (پر ڏيکارجندڙ زندهه)
ٽن ريڪن ۾ رکيل ڪتاب جن جا لفظ بي جان هڪ هنڌ بيٺل . جن جو ڪوبه
مطلب ڪو نه.
۽
ذهن منهنجي جيان، سڀ اهي ڪوڪلا ڪتاب ساموهن رکيل گلدان ۾ پلاسٽڪ
جي گلن جيان بنا خوشبوءِ جي سوچون.
۽
ZEENO جي گهڙيال جيان هلندڙ هڪ سيل تي هڪ دل،
سُين جيان هلندڙ آڱريون.
ائين ئي
ٽائيم پاس ڪن ٿيون.
اڄ
جي
هر ماڻهون جيان.◌
(توڪان مايوس ٿي)



اديءَ خيرو وٽ سنڌي جو شاعر لڇمڻ ڪومل مهمان ٿي رهيل آهي. هن ڪي سنڌ جي ٻن شهرن حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ويزا مليل آهي، پر دادو جي ڪونه هيس. انڪري هن ڪي سنڌ يونيورسٽي جي سنڌالاجي گهمڻ نه ڏني وئي.

چاڪاڻ ته پيل هو سنڌي هو سنڌ جاڻو هو پر اڄ هو فارينر هو. اسان ٽيچر ڪلب جو در ڪولرائي، ان ۾ هن ڪي ٽِي پارٽي ڏني.

نياز پنهور
طارق عالم
عابد مظهر

اتي طارق ۽ مان صرف لسٽ ونڻ لاءِ هڪ ڪهاڻيڪارا ڪي پئي ڏنو ته هوءَ ڪيلو ڪولي پنهنجي وات ۾ ڪيئن وجهندي.

پر هن ڪيلي تان ڪل لاهي آهستي آهستي هٿ سان ننڍا ٽڪر پچي وات ۾ وڌا. طارق مون ڪي ڏنو ۽ مان طارق ڪي ڏٺو. پئي هڪ ئي مهل مرڪي پياسين.

لڇمڻ ڪومل ٻڌائي رهيو ته سنڌي سڀ سکيا آهن اتان جا سڀ وڏا واپاري سنڌي آهن انجينئر ڊاڪٽر سنڌي آهن ۽ وڏا فلم ميڪر به سڀ سنڌي آهن. پر سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو نه آهي.

ٻڌايائين پئي ته ڊرامي ۾ انڊيا ڏاڍي ترقي ڪئي آهي، اتي اسٽيج ۾ آڊينس ۾ ڪو فرق به ڪڏهن ڪڏهن نه هوندو آهي. اسٽيج تان ئي اداڪار هيٺ وينل ڪي سڏي اسٽيج تي ڪجهه ڪم ڪرائيندا آهن. اهو به سڀ اسڪرپٽ ۾ ئي هوندو آهي.

هن ٻڌايو ته هڪ Mute اسٽيج ڊرامي وڊيڪ مجيتا ماڻي، ان ڊرامي جو نالو ”آخري ڪرٽي ڪان پهرين ڪرٽي تائين“ آهي، ان ۾ چا آ ته انڊيا جي ڪن قبيلن ۾ اها روايت آهي ته جڏهن به ڪنهن عورت جي شادي ٿيندي آهي ته شادي جي پهرين رات، ان جو گهوٽ ڪنهن ٻي عورت سان گذاريندو. ڪنوار رات ڪان صبح تائين جيڪو عذاب ڀوڳي ٿي، اها پيڙا اسٽيج تي ڏيکاري وئي.

لڇمڻ ڪومل اڄ رات انڊيا واپس ويندو، مان ۽ طارق خيرو جي گهر وياسين. اتي لاتعداد تحفا هئا.

رليون، گج، هالن جي ڪٽ، جنڊي تي پاوا، اجرڪ، ڪتاب، پنڊيون.

پر لڇمڻ ڪاري پينٽ ڊاريدار اڇي ڪاري شرٽ سان بيٺل هو. چئي رهيو هو ته مان "ڪجهه به نه ڪٽي سگهندس ڪجهه به نه.....

صرف 25 ڪلو وزن کڻڻو آهي."

ڇا ڪٽان؟

ڇا نه ڪٽان!

ڇا ڪٽان؟

هُن سنڌو جو پاڻي، ڪجهه ڪتاب ۽ ڪجهه سوکڙيون جدا ڪيون. چيائين پئي، هيڏو قرب مان وساري نه سگهندس.

مونکي ياد ٿو پوي ته مان ۽ طارق 49 انٽرنيشنل هاسٽل مان نڪري پنڌ ئي پنڌ سڌو روڊ ڏيئي ڪالوني ٽپي سنڌ بوڪ بورڊ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي لاهي لهي بيناسين مس ته ڪراچي ڪان بس آئي، هٿ ڏئي جلدي چڙهي پياسين ته اڳين سيٽ تي "خيرو ويٺي هئي."

خيرو سان ننيڙي صائمه به ساڻ ويٺي هئي.

هُن اسان کي ڪيلا ڏنا، اهڙا ڪيلا مان پهريون ڀيرو ڏٺا جو هنن جي سائيز وڏي هئي. ٻڌايائين "بمبئي جا آهن."

هوءَ انڊيا مان موٽي هئي.

ادي خيرو اديبن جي دعوت تي انڊيا مان اڄ پهتي هئي. بس مان لهي پوءِ جڏهن اسان خيرو جي گهر ڪيس سامان رکرايو ته موڪلائڻ مهل زوري چانهه پياريائين ۽ انڊيا جي اديبن جون ڪوڙ ساترين ڳالهيون ٻڌايائين. مونکان چرڪ نڪري ويو. جڏهن چيائين ته "اتي منهنجا پيسا کٽي ويا هئا... پنهنجون واليون گروي رکي... ڪرايو ڪري واپس ٿي آهيان..."○


books.sindhsalamat.com

توهان
مون ڪي پنهنجي ذهن مان
تڙي ڪيو
مان
توهان ڪي وسارڻ
لاءِ
سوچيندس.○

لڳي ٿو
تون
۽
مان
به
ڪنهن ڏند ڪٿا جي
ڪردارن جيان
پيدا ٿيل آهيون.○


www.sindhsalamat.com

تون
پرتي آن
تمام پرتي
منهنجو آواز
تو تائين
پهچندي شايد
سال لڳي وڃن
شل ائين ٿئي
هي سڀ جبل اوچا ٿي وڃن
مان
سڏ ڪيان
۽
پڙاڏو پايان.○

هر گهڙي
منهنجي خلاف
سازش ٿي ڪري.○

ڏس
نہ
ٿيندو بہ ڪير آهيان مان؟
توکي حاصل ڪرڻ وارو،
جڏهن تہ مان پاڻ
وڃائي ويٺو آهيان.○


books.sindhsalamat.com

صبح جو ڪلاس اٽينڊ ڪياسين. سڏو هوءَ ۽ مان علامہ آءِ آءِ قاضي جي مزار تي آياسين. هوءَ چپ آ، مون ڪان ڪاوڙيل. مان ميندي جا گل پٽي اچي سندس ڪتابن جي مٿان رکان ٿو.

مان ڳايان ٿو!

جيهي جا تيهي تہ بہ پانهي پاروچن جي ميان...
هو جا پائين پير ۾ آءُ جُتي نہ جيهي...

هن جي چهري جي ڀاون مان لڳي ٿو تہ هوءَ ڪجهہ رليڪس آ.

سامهون سرنهن جي وڻ تي ڳيرا ۽ پيا پڪي، وڻن جي ڏارن تي نچن ٿا.

ڪيس چوان ٿو،

"اصل ۾ وائلڊ لائيف بہ ڪلچر جو حصو هوندو آهي ۽ اهي قوم جي سڃاڻپ هوندا آهن... انهن کي مارڻ...."

هوءَ رڙ ڪري چوي ٿي...."وري پٽاڙ"
"سچ نہ آ...!"
"ها..."
مان هُن کي وري ڪاوڙائڻ نٿو چاهيان
هوءَ ڪاپي ڦري ٿي سندس چوڻ تي
ڪاپي نپي ٿو چڏيان.○


www.sindhsalamat.com

هي
ساري دنيا
پيندبوار جي
پيٽيءِ جيان
آهي
عجيب.◌

ايمان دروازو آهي دوزخ جو.◌

(گيتا)

اصل فلسفو تہ عام ماڻهو ڳالهائيندو آهي.
اڄ بيري چانهہ رکندي چيو... ”صاحب! سڀ ڪجهہ ڊرامو اٿئي..“◌



ڪاريڊور جي پرين چيڙي ڪان هو وڏن پاڇن واري سلوار سان پانهون هٽندو ٿو اچي. اسان جو ليڊر آهي. قوم کي آزاد ڪرائيندو. ڪجهہ ڏينهن اڳ انور عباسي آيو هو، منهنجي ڪمري تي، هو ساڳي ونگ ۾ ڪجهہ ڪمرا ڇڏي رهندو آهي.

دانهون پئي ڪيائين: يار مري ويو آهيان ان ليڊر ڊاڍو تنگ ڪيو آهي... پلي منهنجو صابڻ استعمال ڪري... پلي پائوڊر هٽي... پلي توال استعمال ڪري... ڊاڍو تنگ ڪيو اٿئين مان روم ڇڏي وڃي سوٽ طفيل وٽ ٿو رهان.

هاڻي ليڊر گهمي ائين ٿو جڻ تہ قلعو فتح ڪيون ٿو اچي.

مون وٽان انور عباسي اٿي ويو هو تہ صرف اهي ئي لفظ ٿا ذهن ۾ ور ور ڪري ايندا رهيا ”پلي سڀ ڪجهہ استعمال ڪري پر يار منهنجو ٽوٿ برش تہ نہ هٽي نہ.“◌

اي
دوست
تون ٻي کي
پنهنجو دوست
نہ سمجھہ، جيستائين
تون ان جي جذبن
جو احترام نہ ٿو ڪرين.○

مان
تنهنجي شهر جي
رستن کي پنهنجي
ٿڪن جي پيتا ڏني،
تنهنجي گهر جو ڏس پڇڻ لاءِ.○

تنهنجا
سپنا
ننڊ
اچي
تہ ڏسان.○

(امداد حسيني)


books.sindhsalamat.com

ڪير ٿو چئي،
مان غريب آهيان.
مون وٽ
هزارين روپيا آهن.
لفظن جا ڪروڙين روپيا.
سوچن جي سهڻن جڳهن
۾ رهان ٿو.
مان،
ليکڪ آهيان.
ڇا ٿيو جو
ڪجھہ وٺي نہ ٿو سگهان.
هونئن،
مون وٽ هزارين روپيا
آهن.○

جذٻن
سوسائٽي
اسان کي
ريسپانس نہ ٿي ڏي.
تہ پوءِ ڇو
اسان ڪيس ريسپانس
ڏيون.○


www.sindhsalamat.com

مٿي آسمان ستارا ئي ستارا آهي.
پهاڙي تي ويهي سامهون ڏسان ٿو
حيدرآباد جون بتيون جهرمر جهرمر لايون بيٺيون آهن.
اڄ ڀيريون پيرو مون سان گڏ گهمي آهي،
وشال رستن تي، ننڍن پيچرن، پهاڙين تي
گڏوگڏ قدم کڻڻ سان
مان پاڻ کي مڪمل سمجهيو.
ٵ
هاڻ ائين ٿو لڳي
رام سيتا سان ايوڌا آيو هجي
ٵ
ڏياري هجي. ◌



دنيا ۾ هڪ ايڪٽر کي دنيا جي ٻن طاقت وارن ملڪن مان هڪ ملڪ "آمريڪا" جو صدر تہ ٻڌائي سگهجي ٿو. پر رائيٽر کي ڪنهن ننڍڙي ۾ ننڍڙي ملڪ جو وزير خارجہ بہ نٿو ٻڌائي سگهجي.
آخر ائين ڇالا ڇو آهي، ڇا اهو وڏو سوال نہ آهي انساني بقا لاءِ. ◌

(علي بابا)

دروازي جي تيز بند ٿيڻ ڪري ڪڙڪي تي ڇرڪ ڀري جاڳ ٿي.
تڪڙو اٿي بلب ٻاريم .
در کولي ڏٺم تہ عابد مظهر ڪاريڊور مان ڊڪندي ٿي ويو.
”عابد
عابد.... ڇا ٿيو...؟“
عابد رڙ ڪري وراڻيو ”اڇان ٿو... اڇان ٿو..“
ڪمري ۾ آيم ڏاڍي پريشاني ٿي. پنجن منٽن ڪان پوءِ آيو، هٿ ۾ ڊبل روٽي هئس.
”يار! ٻلي ڪنيون پئي وئي، پرين ونگ مان ڦري آيو آهيانس.“
مونکي عابد جي معصوميت تي ڏاڍو مزو آيو.
”رمضان ڪري ڪينٽين بند آهن. ڪالوني مان اها ڊبل روٽي ورتي هئي.“
هن دري بند ڪري... ڊبل روٽي کي ڏسندي چيو
”پيارا... هاڻ سمهون؟؟“ ○


books.sindhsalamat.com

اڄ
وري
منهنجن
سندر سوچن
پيارن سپنن
بيوقوف خيالن
جو
موت ٿيو. ○

سڪل گلن
جي اهميت
ڇو نہ آهي..! ○

نہ ڄاڻان
ڇو
اڄ ڪلهہ اها سوچ اٿم
جڻ جيون جو هر پل
منهنجو مخالف آ. ○


www.sindhsalamat.com

هو پنيرا وجن پيا.
هڪ لنگڙائي ٿو. پيو سگريٽ جو دونهون ڇڏيندو ٿو وڃي.
عابد پڙهايو.
شاعر چئي پيو ”اخلاق ۽ طارق ڪڏهن به ميچوئر نه ٿيندا“ پوءِ گاريون ڪڍيائين.
سوچيم.
جڏهن ماڻهو چتو ٿيندو آهي ته ARV به اثر نه ڪندي آهي.○

شرجيل چيو:
”جڏهن ماڻهو خالي ٿي ويندو آهي ته گاريون ڏيندو آهي.“○



مولا بخش ڪلهوڙي تي ڏاڍو پيار آيو، ڏاڍو معصوم آهي. هو لاڙڪاڻي کان پهريون ڀيرو مون وٽ مهمان ٿي آيو آهي.
رات جو سمهڻ مهل چيائين: ”ڪا نائيٽ ڊريس ته ڏي.“
مون ڪيس بستري جي اڇي چادر ڏني، هو گوڏ ڪري سمهڻ لڳو ته چيومانس:
”هن ٽُڪ جي رلهي جي ڪنڊ تي ڏس ڇا لکيل آهي؟“
”سيڪسي رلهي.“
”ها، جيڪو ان تي سمهندو آهي. سمجهين ٿو نه....؟“
ها... ”ها ڪجهه به نه آهي.“
چيومانس: ”جي خراب ڪيئي ته ڌوئي ڏيندين.“
”ها، بلڪل ڌوئيندس.“
صبح جو هُو ننڊ ئي پيو هو ته مان ڊپارٽمينٽ هليو آيس، ٻه ڪلاس اٽينڊ ڪري واپس روم تي آيم، ته جيئن مولابخش کي نيرن ڪرايان.
اڇي ڏسان ته هُو باٿ روم ۾ وينو چادر پيو ڌوئي.○




books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مان
تہ ائين چاهيان
ئي نہ پيو.
پر
تنهنجو بہ کھڙو ڏوهہ
ڏوهہ تہ منهنجي
اکين جو آهي .

ڪنهن بہ
شي جو
ڪٿي بہ
انت
ڪونهي.

موت محبوب ٿئي
اهو سوال
آسمان ۾ ڌرتيءَ جي وچ تي آهي.
۽،
هيٺ
اسان تہ زندگيءَ جو
جنڊ پيا آئوڙيون.


books.sindhsalamat.com

روزو اٿئي.. پڇيائين
”نہ“
ڇو نہ ٿو رکين؟
بس!
”رک نہ.“
ڇو؟
مان ٿو چوانءِ نہ
”مان الله جي چوڻ تي نہ ٿو رکان، باقي تنهنجي چوڻ تي رکندس بيوقوف“
هو ڪياڙي ڪنهندو هليو ويو.


www.sindhsalamat.com

79

جي

لھندڙ سج سان

پنھنجون سپ

اڏپوريون آسون

پوري

80

جي

چڙھندڙ سج سان

پنھنجو سپ مليل

ذلتون ڪٽي

ڊوڙندس

سال جي لھندڙ

سج سان پورڻ لاءِ.○



80،

مان

تنھنجي آجيان

رڙين ٺھڪن

چيٽن ۽ نچڻ

سان ڪئي اٿم.

تون،

جڏھن مون ڪان

موڪلائيين تہ،

منھنجي آجيان

جو مانُ رکجانءِ

ڪن سٺين يادن

جاء

گل ڏيون وچجانءِ.○

مان آهيان.
مان آهيان،
مان آهيان اداس
مان واچوڙي جيان
مان آهيان اداس.
نہ آهي ڪو
هن جڳ ۾
منهنجو مڪان .
مان ساري
جڳ جي ڌوڙ سمائي
ڦرندو رهان ٿو
رلندو رهان ٿو.○

مان
هاڻ
بدلبو ٿو وڃان
پنهنجي مليل نفرتن مان
زهر ٿيندو ٿو وڃان.○



ها.
ها.
مان
ويندس هليو
هڪ دفعو وري
هائبرنيشن تي
اي
ڪوهہ جا ڏيڏر.○

انسان
جڏهن موت تي
قبضو ڪري ورتو
تہ پوءِ
اهو ڏينهن
انسان جو آخري
ڏينهن هوندو.○

نہ خوشي
۽
نہ ڏک
ڪو بہ احساس ڪونہ
خالـــي
خالــــي
خالـــــي[]

زندگي
ان حساب جيان
جنهن جو درجوئي
غلط آ.◌

؟
؟؟
؟؟؟
؟؟؟؟
؟؟؟؟؟
؟؟؟؟؟؟


books.sindhsalamat.com

”وڏي.. تمام.. وڏي“
اهو جملو اڄ ڪلهه سنگت ۾ عام آ.
”يار بک لڳي آ.“
پيو چوندو: ”وڏي.. تمام.. وڏي“
يار ڇوڪري ڪيڏي نہ سهڻي آ.
”وڏي.. تمام.. وڏي“
موسم تہ اڄ، رومانتڪ آ.
”وڏي.. تمام.. وڏي“
حقيقت ۾ ملڪ آگاٽي ۽ ڪيهر شوڪت پاڻ ۾ گهاٽا يار آهن. هڪ هٽندو تہ پيو ڪٽندو . پل هڪ ٻئي سان متفق هجن يا نہ.
ٽيو ائين تہ:
ڪمري جي اورين پاسي مان طارق ۽ ملڪ آگاٽي پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئاسين.
پرتان رزاق مهر، ڪيهر شوڪت ۽ اسحاق پاڻ ۾ محفل مچايون ويٺا هئا.
ڪيهر پنهنجي ڳوري آواز ۾ ڳالهائي رهيو هو ۽ ڪجهہ وڏي آواز ۾ چيائين
”وڏي... وڏي..“


www.sindhsalamat.com

وري ملڪ آگاٽي ڪي مخاطب ٿي چيائين: ”ڪيئن ملڪ؟“
ملڪ سنهي آواز ۾ جواب ڏنس: ”وڏي.. تمام.. وڏي“
ملڪ آگاٽي ڪان مان پڇيو: ”چا وڏي؟؟“
چيائين: ”الائي!“
اسان جو ٿهڪ ڏنا تہ ڪيھر پڇيو: ”چاتي ٿا ڪلو؟“
چيومانس: ”چا وڏي؟؟“
چيائين: ”هوءَ ناول نگار مائي... پنھنجي دؤر جي وڏي عياش عورت هئي.“
وري بہ ملڪ آگاٽي لاڳ ڏنس.
”وڏي.. تمام.. وڏي“.◌



هُن مونکي چيڙ ڏئي چيو: چڪُ
وھ واھ..
مٿو آ نہ!؟
ها.
چيائين ڏياري ٿيندي ئي چيڙءِ متيرا متا ٿي ويندا آهن.◌

ڏک سک آ
سک ڏک آ
پوءِ هرپيرو ۾
سڪون پنيان ڇو؟ ◌

جنھن
ڏينھن
تون ملي وئين
ان
ڏينھن
مان پاڻ وڃائي چڪو هوندس. ◌

اي
پٽڪيل رستا
تون اهو نہ سمجھ
تہ
مان بہ تو آڏو
ڪنھن تاري جيان جھڪندس
مان گوتم آهيان
پل گم ٿي وڃان. ◌


books.sindhsalamat.com

چانھ جو ڪاڙهو پئي پورو ڪيم. پاھر سخت سيءَ آهي، هوا جا سوسات آهن علي بابا گھري ننڊ ۾ آ ڪجھ ٽائيم اڳ ڏاڏازم جي عنوان سان نظم لکيم:

زندگيءَ
جي ذلتن جا،
زنگ لڳل ٽين ٽڪرا.
بي حيائي،
بي شرمائي،
۽
بي غيرتي جي لفظن جا،
اپريل ڪنڊا.
من ڪامنائن جا،
ڪومايل ڪومل ڦڪا گل.
۽
جھليل گارين جا،
سڪل پادر.
هڪ ڪينواس تي لڳل.
ڪينواس!!؟
ڇڻ منھنجي زندگي،
ڇڻ تنھنجي زندگي.


www.sindhsalamat.com

هاستل جي ڏاکڻ چڙهي جڏهن ڪاريڊور مان هڪ چيڙي ڪان آخر چيڙي پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي، ڪمري نمبر 57 جي ڪليل دري مان جهاتي هرويرو پائجي ويندي، جنهن ۾ ڪنهن ڏؤر ۾ مونس اياز، علي ڏنو شاهه، حيدر شاهه رهندا هئا ۽ اڪثر ڪنعيو گيانچنداڻي بہ نظر ايندو هو.

ان جي ڪارنر ٽيبل تي آئل ڪلر سان ٺهيل ايبسٽريڪٽ پينٽنگ پيل هوندي هئي، جيڪا سدائين منهنجو ڌيان ڇڪائيندي هئي. هاڻ ان روم ۾ ضرار شاهه رهندو آهي، ان ڪان مان اها پينٽنگ پنهنجي روم لاءِ گهري ورتي. تصوير رکڻ سان منهنجي ڪمري جي ڪايا پلٽجي وئي، هڪ وڏي چئينج اچي وئي، ڪمرو ڊِڪ ٿي پيئي پيو ڏئي.

علي بابا کي چيم: علي ڪمري ۾ هن تصوير اچڻ سان عجيب چئينج آئي آهي، ڏسڻ سان ڪيفيت ئي بدلجي ٿي وڃي، ڪمرو ئي ٻي معنيٰ وٺي ويو آهي.



علي جهومندو پري ڪان ڪنڌ کي ڪاپي ساڄي لوڏي ڏسندي چيو، تصويرون تہ ڪمرن يا ميوزيم کي تہ ڇا پر سماج ۽ ذهنن ۾ ئي چيئنج آڻي ڇڏن. پڪاسو جي گورنيڪا....

ها علي پر.... ليونارڊو ڊاونچي تہ ڪمال ڪيو هو، آرٽسٽ سان گڏ هڪ سائنسدان پڻ آهي.

هاها... بلڪل

علي ڊاونچي جي The Last Supper جي لاءِ پڙهيو هيم تہ ڊاونچي حوارين جي چهرن تي لائيٽ اهڙي نموني وڌي آهي جيڪا فزڪس جي Deflection, Refraction جي اصولن تحت آهي.

علي ٻڌايو جڏهن حضرت عيسيٰ چوي ٿو تہ اڄ مون کي مارڻ جي سازش ٿيندي تہ جوڊاس جو هٿ نمڪ داني ۾ آهي. جيئن سنڌي ۾ نہ چوندا آهن تہ نمڪ حرام آ ۽ جوڊاس ئي نمڪ حرام هو. اهو ڊاونچي جو ڪمال آ.

علي هاڻي ستو پيو آهي مان کي The Last Supper جون پيون بہ ڳالهيون ذهن ۾ اچن ٿيون تہ ٽن جو انگ عيسايت ۾ اهم آهي ۽ حواري ٽن ٽن جي گروپن ۾ ورهايل آهن.

لڳندو آهي تہ زندگي بہ تہ ڪينواس آ،

۽

ٽن وقتن ۾ ورهايل

ماضي،

حال،

مستقبل

ٽئي ساز شون ئي تہ ڪندا آهن!!!

لاڙڪاڻي ۾ گهمندي بہ خوف ٿيندو آهي.

مارشلا جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن هٿ ۾ ڪتاب بہ کڻي هلڻ ڏوهہ لڳندو آهي. بسن ۾، هوٽلن تي وڏيون مڇون رکندڙ ڪي پڪڙي بي عزتو ڪيو ويندو آهي. اهو ڏسي مان ڏڪي ويندو آهيان رڳو خوف آهي، روڊن تي رستن تي، هوٽلن تي بسن ۾ ريل ۾ هر هنڌ.

يونيورسٽي ۾ اچڻ سان لڳندو آهي، آزاد آهيان. مان وڏا وڏا ساهہ کڻندو آهيان، هتي ڪو خوف نہ آهي، گهمڻ ڦرڻ، اٿڻ ويهڻ، هلڻ، کلڻ، ٽهڪ ڏيڻ جي بہ آزادي آهي.

پر،

ڪامريڊ نظير عباسي D.S.F جو ليڊر جنهن کي چيچلائي اذيت گاهہ ۾ شهيد ڪيو ويو. ان لاءِ ڪا رڙ، ڪا ڪوڪ، ڪو سڏڪو، ڪو پار نہ نڪتو.

نڪتو تہ اڄ هڪ يونيورسٽي مان جلوس نڪتو احتجاج ڪرڻ لاءِ، پر حبيب الله ناريجي مارشلا خلاف احتجاج ڪندڙ ڪامريڊ کي ٿڦ وهائي ڪڍي.

هاڻي تہ لڳي ٿو هٿ بہ ڪتاب کڻي هلڻ ڏوهہ آهي. ظلم جي خلاف رڙ ڪرڻ ڏوهہ آهي.

مان يونيورسٽي ۾ ئي بي خوف هوندو آهيان.

هاڻي ڊڄان ٿو، هاڻي تہ هٿ بہ ساهہ منجهي ٿو.


books.sindhsalamat.com

ـــ مُنهنجا پيارا آخلاق!

جيئين شال، جواني ماڻين.

ـــ ڦهريائين تہ تون مون کي معافي ڏي جو مان واعدي موجب شڪارپور آچي نہ سگهيس. اصل ۾ جنهن ڏينهن توسان شڪارپور ۾ ملڻ جو واعدو هيو، تنهن ڏينهن شامَ جو خيرپور مان موٽيا هئاسي. مختيار جي ڪتاب واري فنڪشن جي سلسلي ۾ بہ ڏينهن خيرپور ۾ رهڻو پيو هيو. موٽياسي تہ نصير ۽ رزاق بہ گڏ هئا. اُنهن سان بہ ڪمپني ڪرڻي پئي. رات هتي ٽِڪيا. ڪين ڇڏي شڪارپور آچڻ نا ممڪن هو ۽ نہ ئي مناسب. نصير مليو هوندئي تہ ضرور ڳالهِ ڪئي هونداڻين. ڀلا عابد آيو هيو....؟ پوءِ سکر چو نہ آيئو...؟ مان نہ آچي سگهيس تہ توهان ئي ڪٽي آچو ها.


www.sindhsalamat.com

ـــ پلا تُنهنجي هِوءَ پراڻي ڪتابن واري ڪاوڙ لٿي نہ؟ يارَ! ائين زماني واري رَوش نہ هلندو ڪرِ. سچُ ڪتاب موٽي مليا هئا تہ مون کي ڏاڍو صدمو رَسيو هيو. مان تہ ان لاءِ ڪڏهن سوچي بہ نٿي سگهيس ۽ تون آلائجي ڪيئن اهو ڪري بہ ڏيکاريو. شاباس آهي تنهنجي حوصلي کي.

ـــ تون تہ دعوت ڪونہ ڏني ”پنهنجي صفحي“ ۾ لکڻ لاءِ مان پاڻ ئي نڪُ پڪو ڪري شعرَ موڪليانءِ پيو. هنن مان ”لاڳاپو“ نظم تہ هن ئي هفتي هلڻ کپي. ان جو خاص مقصد آهي. سياڻو آهين، پاڻَ سمجهي وڃَ. مان اربع جو انتظار ڪندس. تازو ”ادبي صفحو“ مواد جي لحاظَ کان ڏاڍو وٽيو. محنت ڪيئي ۽ دل پڌي وينين تہ ڏاڍو نالو ڪمائيندين پيارا.

ـــ مدد سائينءَ کي سلامُ چئجانءِ ۽ ڪتاب تي تبصرو ڇپڻ لاءِ وڌيون مهربانيون بہ. يارَ! 7 تاريخ واري اخبار ڪپندي آهي، موڪلي ڏئين تہ وڏا قُربَ.

ـــ پلا هدايت پريمَ کان حال احوال ورتئي....؟ چا پيو چئي....؟ مون کي اوسيئڙو آهي، جوابَ جو ۽ ها ڪائنس اهو بہ پُڇجانءِ تہ ڪيس ”نئون نياپو“ لاءِ مُنهنجي ڪتاب تي تبصرو مليو، قاضي خادم صاحب کان.

ـــ مان تفصيلي خط جو بيچينيءَ سان انتظار ڪندس دير نہ ڪجانءِ دير ڪيئي تہ پوءِ حسابَ ٿيندا.

سلامُ سنگت کي
پيا سُک سپيئي.○

تُنهنجو ئي اياز گل.



سنڌ نيوز جي آفيس ۾ ڪامريڊ مليو.

چيائين :”صبح کان ماني نہ کاڌي اٿم ڪجھ پيسا ڏي“

مان ورندي ڏيڻ کان سواءِ ئي آخري ڏھ روپيا ڪيڊي سندس ترِيءَ تي رکيا. جڏهن هُن پيسا کيسي ۾ رکڻ چاهيا تہ اتان بہ ٽي پيا بہ ڏهين جا نوٽ ظاهر ٿي پيا.

۽

مان رات جي ماني کائڻ کان سواءِ ئي سمهي پيس.○

اوچتو سڄو منظر بدلجي ويو.

ڪجھ ٽائيم اڳ مختلف پوائينٽس شاگردن ۽ استادن جون هڪ قافلو ٺاهي، آهستي آهستي آرٽس فيڪلٽي کان ٽيندين، سينٽرل لائبرريءَ وٽان لاهي لهنديون سپر هاءِ وي تي چڙهيون.

خاموشي آهي. اجاڙ خاموشي. اهڙو اجاڙ ۽ ويران منظر، جنهن ۾ صرف هوائن جا سوسات ۽ وڻ جو ڦٽڪڻ هجي. اهو مون کي پيچي لاهيندو آهي. مان هيٺ ڪالوني طرف وڃڻ ٿو چاهيان، آرٽس فيڪلٽي کي پٺي ڏئي پهاڙي تان بيهي هيٺ ڏسان ٿو.... ڪارن ڪپڙن ۾ ڪا ڇوڪري وڃي رهي آهي. ويهي ٿي، اٿي ٿي، آهستي آهستي هلي ٿي، مان تيز تيز قدم کڻندو، هن وٽ پهچان ٿو.

”اڙي تون!؟‘

هوءَ واڙي چپن ۾ ڦرڪٽي، روئندڙ، پٽ تي ويهي رهي. هن جي ساڄي هٿ ۾ وليم5 جي شيشي آهي. مون کي لڳي ٿو، اها اڌ پريل آهي. مان ست ڏئي ڦريانس ٿو

آءُ اهي به کائيندس.

ڇو؟ پر ڇو؟

مون سان هُو شادي نه ڪندو.

ڇو نه ڪندو؟

مونکي لڳي ٿو.

نه نه تون غلط آهين..... ڪندو بلڪل ڪندو.

اسان آهستي آهستي هلي اچي نم جي وڻ جي هيٺان بيهون ٿا. مان سڀ دليل ذهن ۾ گڏ ٿو ڪيان ته جيئن کيس مطمئن ڪيان. هن کي اوڪارا اچن ٿا، مان پنهنجو ڪپو هٿ هن جي نرڙ تي رکي سڄي هٿ جي وچين آڱر هن جي ڪاڪڙي ۾ هٽان ٿو، هوءَ الٽي ڪري ٿي. هوءَ پنهنجو وات ۽ منهن کي رئي سان



books.sindhsalamat.com


اگهي آهستي آهستي هلي ٿي. مون کي لڳو ته هُن جا هن سان آخري ڏينهن آهن. مون سان ڪافي ڏينهن کان نه مليو آ، مان سيمسٽر جي تياري ۾ آهيان.

هي اداس ڇوڪري.... مون کي لڳندو آ ته ڪو ڀٽڪيل روح آ، جنهن کي سڪون ڇانوري ۽ پناهه جي ڳولها آهي.

پارٽنر مونکي هڪ دفعو سينٽرل ڪينٽين ۾ رات جي ماني کائيندي چيو هو:

يار.... ڏاڍي لٽريٽ ڇوڪري آهي.

ڪير آ؟

ڪير به آ.

پوءِ به؟

يار هوءَ مون سان هڪ ئي ڊيسڪ تي ويهڻ چاهي ٿي بلڪ ويٺي به.... پر اهو سڀ ڪجھ ڪنهن کي به سٺو نه لڳو ۽ مان کي عجيب لڳو.

مون ڏٺو ته الٽي کان پوءِ هوءَ گهڻي حد تائين فريش لڳي. چوڻ لڳي.....

جيڪڏهن مرد عورت کي پنهنجي محبت جو يقين ڏياري ته عورت جبل جهاڳي ڏيکاريندس. پل مري وڃي پر... اخلاق مون کي لڳي ٿو ته هُن وٽ صرف ڏيکاءُ آهي پيار نه آهي.

مون وراڻيو: عورت جي پرس ۾ جڏهن خواب نه پر ڪنڊوم پيا هجن ته نه هوءَ جبل جهاڳي سگهندي بلڪ هوءَ ايترو ڪِري چڪي هوندي جو اٿي به نه سگهندي.

هوءَ سڏڪڻ لڳي. سڏڪندي چوڻ لڳي: هاڻي جا ڪيان....؟ مان هاڻي جا ڪيان... ڪاڏي وڃان....؟ مان هاڻي هن سان گڏ رهڻ نه ٿي چاهيان. هڪ منٽ جي لاءِ به مان کيس برداشت ڪري نه ٿي سگهان.

چوڻ لڳي ”بس مان اڄ فيصلو ٿي ڪيان ته ڪڏهن به وري يونيورسٽي نه ايندس. جو ڪجھ هو، سڀ ڪجھ اجايو هو، ڪجھ سڄايو نه هو.... زندگي کي سڄايو وڃي ڪندس. وري هيڏي نه ورندس.“ ◌



www.sindhsalamat.com

زهر!
ها،
پيئڻ سان
انسان مرندو آهي
ائين
تنهنجي يادن جي
زهر ۾
گهڙي گهڙي
مرندو جيئندو رهان ٿو.◌

شل
موت
جيڏي
زندگي
ملي
مون کي.◌



books.sindhsalamat.com


تون
چئين ٿو
منهنجي خيالن ۾
وسعت ڪونهي
ڇا؟
قيدي ڪبوتر
وسعتن ۾
وڃي سگهيو آهي؟◌

مان
توکي سجاڻان
تون
مون کي سڃاڻين
انا آهي
جا
ملڻ نه ٿي ڏي.◌

اڳ
مان ٻين کي
پيار ڪندو هئم
۽
هاڻ
مان پنهنجو پاڻ کي
پيار ڪندو آهيان.◌



www.sindhsalamat.com

نواب شاهہ پريس ڪلب جي ڪيفي ٽيريا ۾ ادا اشتياق، اشرف پٽي ۽ قاضي محمد بخش ڏامراهہ سان ڪچهري ٿي

پڏايائين، اشتياق جڏهن نواب شاهہ ۾ پڙهندو هو تہ روز رات جو ٽولو ڪري فون ڪندا هئا ۽ شروع ٿيندا ئي گارين ۾، هڪ ٿڪبو هو تہ ٻيو شروع ٿيندو، ٻيو ٿڪبو هو تہ ٽيون شروع ٿيندو.

هڪ دفعو انتظار ڪيم. فون نہ آئي ست ٿيا، اٺ ٿيا، نون ڏهہ.. ٿڪجي نيٺ مان هاسٽل تي اشتياق ڏي فون ڪئي.

”ادا انتظار ۾ ويٺو آهيان، ننڍ ٿي اچي پلا گاريون ڏيو تہ سمهان.“ ◌



ٽون
پروالتاري ٿي
سرمائيدار ٿيڻ لاءِ
ٿو سوچين
پوءِ
سرمائيدار
پروالتاري ٿيڻ لاءِ
ڪيئن سوچيندو. ◌

جي
تو ڪجهہ وڃايو آهي
تہ سڀ ڪجهہ وڃايو اٿئي
جي
ڪجهہ بہ نہ وڃايو اٿئي
تہ ڪجهہ بہ نہ وڃايو اٿئي. ◌

ها
بلڪل
سڪل گلن جي
اهميت آهي. ◌



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

I lose my way and
I wonder
A seek what I cannot get
I get what I do not seek.
(Tagore)

اسحاق يار!

مان جُهري پيو آهيان، پُري پيو آهيان.... وائڙو ٿي گم ٿي ويو آهيان. تارن پري رات آهي، ڪنهن ڪنهن مهل مور جي رڙ خاموشي کي ٽوڙي ٿي ڇڏي نه ته چپ چپات آهي. آسمان ۾ تارا ٽمڪن ٿا. ننڊ نه ٿي اچي مان نگر پارڪر ۾ ڪارونجهر جي پير ۾ ستل آهيان.

سارنگا ته سڏ ونت جي هٿ تريءَ تي پنهنجي ايڊريس لکي وٺي هئي پر هُن کي مان ڪٿي ڳولهيان. هوءَ ائين گم ٿي وئي جيئن آسمان ۾ ڪنوڻ، ڪنوي گم ٿي وڃي، اکين اڳيان اوندهه ڪري ڇڏي. ڪارونجهر ۾ هاڻ ته منهنجي لاءِ جڻ گهري اداسي آهي. ڪارونجهر لاءِ چون ٿا ته ”مري ويندو پر ڪارونجهر جو پاسو نه ڇڏيندو“ ۽ يار اٿئي به ائين ئي.

مان يونيورسٽي کان ٿر تائين جو سڄو سفر هن خط ۾ وقفي وقفي سان هر هنڌان توڏي لکندو رهندس.

توکي ياد هوندو ته ڪارونجهر جبل جو پهريون فوٽو اسان محمد بخش مجنون جي ”مسڪين جهان خان کوسي“ واري ڪتاب ۾ بليڪ اينڊ وائيٽ ڏٺو هو. ۽ ان ئي ڪتاب ۾ ٿر جو پهريون لفظ ”گيڏيو“ سکيوسين. محمد بخش مجنون، بابا جو آفيسر ٿي آيو هو ته ننڍڙا هئاسين، انهن ڏينهن ۾ ٿر ۽ ڪارونجهر جڻ اسان جو رومانس ٿي پيا هئا الائي به چو؟



ڪارونجهر کي ٽن ڏينهن کان گهميو ڦريو آهيان. ڪارونجهر جي هيٺان ننگر شهر آهي. ننگر جي بازار ايتري ننڍڙي ۽ ايتري سهڻي آهي جو دل ٿي چوي ته ساري جمار اتي گذاري ڇڏجي. جيترو به ڪارونجهر گهميو آهي عجيب آهي. ڪٿ به هڪ جهڙو، هڪ رنگو نه آهي ڪٿي ڏگها ڏگها پٿر، ڪٿ گول ڪٿ ٽڪنڊا ڪٿ ته تراڪڙا، ڪٿ گلابي، ڪٿي سرمئي، ڪٿي چٽ ڪمرا، لڳي ٿو ڪنهن آرٽسٽ رکيا آهن، بلڪل ارينجيڊ. نه ٿو لڳي ته ڪو قدرتي آهن، پٿرن جي وچ مان ٿوهر جا وڏا وڏا وڻ ۽ مٿان ڪرنڊڙ وليون گولاڙا ۽ گل.

توکي ڪارونجهر جبل هر وقت مختلف نظر ايندو. صبح جو، شام جو، رات جو. جهڙ ۾، اُس ۾ ڏسندين ته توکي ماني (Monet) جي اها تصوير ياد ايندي، جيڪا هُن هڪ چرچ کي اُس ۾، جهڙ ۾، صبح جو ۽ شام جو پينٽ ڪئي. تصوير هڪ ئي هئي پر اُن تي پونديڙ روشني ۽ وقت اُن جي معنيٰ ئي ڦيرائي ڇڏي. ائين ڪارونجهر جي صبح ۽ شام ۾ ته وڏي وٿي آهي، پر هر گهڙي هر لمحي هر پل کي پنهنجي سونهن ۽ تصوف آهي.

پرين اچي ته ڏس نه.

ننگر کان اتر اولهه تي هندن جو هڪ آستان آهي ”انچلوشور“ لاءِ هڪ به ميل پنڌ ڪيوسين. انچلوشور مٿي آهي هڪ چوٽي تي، جبل تي چڙهڻ لاءِ پٿر جي ڏاڪڻ ٺهيل آهي. ڪجهه ڏاڪا چڙهي وري هيٺ ڏسندين ته منظر ئي مختلف لڳندئي مان 108 ڏاڪا چڙهندي الائي ڪيترن مختلف منظرن جو مزو ورتو ۽ فوٽو ڪڍيا.

مٿي پهتاسين ته منڍي پيگل ڊگو ۽ شو جو لنگ ٽِڪل آهي. گذريل 71 واري جنگ ۾ ڪنهن پيچي ڇڏيا هئا. اتي اشوڪ ڪجهه مٿي وڃي هڪ وڏي گول پٿر وٽان بيٺو. ٻڌايائين ته ”ماٺهو هتان هيٺ لهندو هن اشارو ڪري ڏيکاريندي چيو ”او هُن هنڌان نڪرندو، جتان چشمي جو پاڻي نڪري ٿو، جي پاپي هوندو ته ڦٿندو، جي پاپي نه هوندو ته آرام سان نڪري ايندو.“

”مان ۽ اشوڪ سنهڙا آهيون، اسان نڪري اينداسين“ چيومانس.

چيائين ”جي پاپي هوندؤ تہ پڌندؤ.“
چيومانس ”نيڪ آ! پهلاج تہ پڪ سان ڦاسندو، جو تہ هي ٿلهو آهي. پل پاپي نہ هجي.“
سپ کلڻ لڳا.
انچلوشور، چوڌاري گلابي گول پٿرن جي وچ ۾ آهي. سوچيم هت جيڪي (پاوا) رهندا هوندا، ڪيترا مزي ۾ هوندا. اتي هڪ ڪمرو ٺهيل آهي، جنهن ۾ چلهہ بہ هئي، تون گڏ هجين ها تہ رهي سگهجي ٿو. جڏهن تہ مان ڪنول کي چيم هت رات رهون. گل رڙ ڪري چيو ”نہ نہ بگهڙ کائي ويندئي“. پهلاج ٻڌايو هت ڦڳڻ جي چانڊوڪي ۾ ميلو لڳندو آهي ۽ اسان آستان کان مٿي وڃي جوا ڪيڏندا آهيون. مٿي ڏٺم اتي هڪ ڪوني ٺهيل هئي. هيٺ لهي آياسين.
رستي ۾ هڪ مندر آيو. اتي سنگ مرمر جي پٿر تي پير ٺهيل آهن. مهاراج ٻڌايو تہ اهي لڪٽي پارتي جا آهن.
لڪٽي پارتيءَ ئي اهو مندر ٺهرايو هو ۽ ان جي نالي پنيان سڏجي اندر ڍڳي جي اڳيان ڪڇون هيو.
”ڪڇون ڇو؟.... ائين تہ نہ آهي وشنو جو هڪ اوتار ڪڇون بہ هو، انڪري رکيو هجن.“
ڪنول وراڻيو ”ها ائين هوندو.“
مهاراج کان پڇيم ”ڪڇون ڇو آهي؟“
چيائين ”الائي.“
ٿڪ هجڻ ڪري منجهند ڏاڍي ننڊ جي ڪوشش ڪئي، ننڊ آئي بہ پئي پر جاءِ جي در وٽان بہ ننڍڙيون ٻارڙيون ڪجڪو ڪندي پڇي وڃن. هڪ کان پڇيم.
”نالو ڇا اٿئي؟“
چيائين ”گنگا.“
ٻي چيو ”گنگا پوڙي رب رڌوڙي.“


books.sindhsalamat.com

چوندي ٿي ٽهڪڙا ڏيندين ڊوڙي ويون.
ننگر پارڪر ۾ عجيب خاموشي آهي. توکي ياد هوندو تہ بابا جڏهن 70 ۾ ڪوٽ ڏيجيءَ جو مختيارڪار هيو تہ اسان جو ڪٽنب جيپ ۾ سٽجي رائيس ڪئنال جي ٽاپ ڏئي گهاٽين سنجهين ۽ نمن جي ڇانوَ ۾ رائيس ڪئنال سان پور وچوت سفر ڪري سکر پهچندا هئاسين. سکر کان خيرپور ۽ خيرپور ۽ ڪوٽ ڏيجي جي وچ تي هڪ روڊ جو ٽڪرو اهڙو هو، جو ٻنهي طرفن کان سنجهيون ايترين ڇانيل هنيون جو روڊ تي اُس ئي نہ پوندي هئي.
ءِ.
ڪوٽ ڏيجي هڪ عجيب ڳوٺ. هڪ پاسي ڪناري تي ساوڪ ئي ساوڪ. وچ تي پهاڙيون، جي ڪنهن پهاڙي تي بيهي پري ڏسبو تہ وري اڇڙو ٿر، رڳو رڄ ئي رڄ.
پاڻ هڪ دفعي ان ٿر ۾ هلياسين. رڳو اڇي واريءَ جا دڙا، پري تائين پهريون پيرو واريءَ جو سمنڊ ڏٺوسين. ڪيترو خوف لڳو هيو جو واپس آياسين. خوف تہ هاڻ اهو منظر ياد ڪري ٿئي ٿو تہ پهاڙي تي ٺهيل محل جي پوين پاسي ۾ ڪوٽيل کوهہ هيو، جنهن کي کوہ پنو ڪونہ هو، چوڌاري لاهي هئي ۽ لاهي تي ويهڻ سان ترڪندا هئاسين. هيٺ ڪني پاٽيءَ ۾ ترنڊڙ ڪوازي تي ڪبوتر آنن مٿان آرو ڪندو هو يا پچن کي چوڳو ڏيندو هو.
اتي ڪوٽ ڏيجي ۾ پهريون پيرو ٿر ڏٺوسين، پهاڙ ڏٺاسين، ڪيت گهمياسين.
لالا...!
ٿر، پار ڪري پٽون ٽپي پارڪر پهتو آهيان. لڳي ٿو ڪوٽ ڏيجي جڻ پهريون تعارف هو ٿر جو. ياد اٿئي اتي هڪ مختيارڪار جي گهران ڪرڙ جي گلن (پسين) مان ٺهيل پهرين ڀاڄي کاڌي هئي تہ ڪيڏا حيران ٿيا هئاسين. ائين هن سفر ۾ گهڻو ڪجهہ نئون کاڌو ۽ پيتو ۽ ڏٺو اٿم.
ڪالهہ هت ننگر جي بازار جي هڪ چيڙي تي هڪ مائي ويٺي هئي. ڏهہ


www.sindhsalamat.com

پندرهن مرد ۽ ڪجهه عورتون ويٺيون هيون. پاسڙو وٺي اسان بہ ويناسين. ڪجهه سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڇا تي ٿا بحث ڪن. ڪافي ٽائيم کان پوءِ هوءِ واندي ٿي پڇيائين:

”ابا ڪير آهيو؟“

”شاگرد.“

”ڪٿان آيا آهيو؟“

”مان حيدر آباد کان ۽ هي لاڙڪاڻي جو آهي.“ ڪنول جواب ڏنس.

”منهنجي چانهہ پيئو.“

”نہ ، اسان جي پيئو.“

”نہ بابا! هتي ائين نہ ٿيندو آهي.“

مان ڪانئس پڇيو تہ ”ڇا تي پئي ڳالهايوَ؟“

وراڻيائين ”فيصلو پئي ڪيم.“

هن چانهہ گهرائي، پنهنجي پوٽيءَ جي ڪنڊ ۾ ٻڌل مگ ڪولي چانهہ پيئڻ لڳي. پٽي صاحب جي تعريف ۾ لڳي وئي، ڳالهين ڳالهين ۾ جڏهن پڇيوسونس.

”ماسي جواني ۾ عشق ڪيئي؟“

وراڻيائين ”ڪارونجهر ۾ چوٽي آهي ”مرئي پر مڪيئي ني ڪارونجهر ني ڪور.“

اسحاق يار! ائين اٿئي جڏهن کان آيو آهيان، آرام نہ آهي، هُن کي گورڙيءَ جي گهاٽ تي ڏٺم. پاڻ وڃائي ڇڏيم.

گورڙو نَئين جيڪا ڪارونجهر جي وچ ۾ هيناٿين متاٿين وري پٿر جي سيرن مان هلندي ٿي اچي. هڪ ڪنوڻ آ، وڄ آهي. توکي ائين لڳندو تہ جڻ شو جي جٽائن مان وهي هلي آهي. مختلف رنگن جي پٿرن تي مختلف پاڻي ٿو لڳي، سينواريل پٿرن مان سائو، واڱڻائي، اڇوشفاف ڪارو عجيب رنگ اٿس.

اسحاق! اُها، جنهن مونکي پڇي ۽ پوري ڇڏيو، سانوري ڪولهڻ پونئي سان سائو پڙو پيل، ڪنن ۾ ڏڙڳليا، ڳل پٽو موتين جو ڳچيءَ ۾، ۽ پيٽ تي دن جو هڪ



گهرو ڪُن. ٽالارا ڪندي ڊيل جيان ڊوڙندي گورڙيءَ جي گهاٽ تي ملي ۽ ڪيڏانهن گم ٿي وئي آهي.

ڪنول ماسيءَ کي چيو تہ ’هي ڇوڪري ڏسي، ڦاسي ويو ٿئي.‘

ماسي چيو، ”الائي ڪيترا ڪارونجهر ۾ مري کپي ويا“.

”جُڙيو“ جڏهن ننگر ۾ سپاهي ٿي آيو. مون کي ڏٺئين تہ واڻڙو ٿي ويو. وس ڪيائين پر مان ڪٿي ٿي وٽ ڏيانس. نيٺ ڊوهہ سان هڪ هنڌ ڦاسايائين. ايلاز نيزاريون، نيٺ وڃي پرتي مانس، هُن مون کي حيدر آباد بہ گهمائي. هُن جي بدلي سنڌ تي تہ نوڪري ڇڏي اچي، منهنجي نوڪري ۾ لڳو. هاڻ بہ هت ڪجهه ڪوهہ پرتي رهندو آهي. اڄ ٽائين روز پنڌ ڪري ماني ۽ دوائون ڏئي ايندي آهيانس. ويچاري کي T.B آهي“.

ڪنول چيس ”اسان کي بہ تہ ڪا ننگر جي مرغي ڪاراءِ....“

چيائين ”توهان جو حڪم... جنهن تي هٿ رکندئو... هلو ڳوٺ...“

”نہ، اسان سپاٽي ويندا سين، رات رهي نہ سگهنداسين..“

”صحيح آ..! هونئن بہ رات منهنجي واند ۾ بلا جهرڪيءَ جا ٻچا ڪائي وئي آهي...توهان کي ڪجهه ٿيو تہ چوندا تہ...مڙس...رن جي ڪري مئو.“

ماسي ليڙون جون هزارين ڳالهيون مُنهن ساموهن اچي ڪندوسانءِ. ڪالهہ جڏهن اسان کي هت ”پونئرو“ ڏيکاريو ويو تہ ماستر ڪرشن ٻڌايو تہ ”هت هڪ شاعر آيو هو، جنهن ڪارونجهر کي صحيح نموني سان گهمي ڏٺو. باقي ان سان گڏ جيڪي بہ هئا، گهڻو ٽائيم آرام ڪندا رهيا. ان پونئري ۾ سوڊا هٿيار رکندا هئا، هتان ٿي روپلو ڪولهي کي هٿيار ڪيندي پڪڙيو ويو.“

ماستر اشارو ڪندي چيو ”هُن ٻير جي وڻ جي هيٺان روپلي کي ڦاسي ڏني هئائون. انگريزن جڏهن روپلي کي پڪڙيو تہ هتان هٿيار ڪٽي رهيو هو. مٿان پهاڙ تي فرنگي بيٺا هئا ۽ جڏهن روپلي کي پڪڙي پڇيائونس تہ

”سوڊا ڪٿي آهن؟“

چيائين ”سوڊا منهنجي ور ۾ آهن.“

ان کي وڌيڪ اذيتون ڏنائون ۽ وري پڇيائونس:
ٻڌاءِ ”سوڊا ڪٿي آهن؟“
”سوڊا منهنجي ور ۾ آهن.“
هن کي ماري ماري ٽڪا پر ورين ڪجهه به نه. روپلي جي هٿ جي ترين تي
تيل هاري، آڱر جي وچ ۾ وٽيون ٻاريائون.
ٻڌاءِ هاٽي ”سوڊا ڪٿي آهن؟“
چيائين ”سوڊا منهنجي ور ۾ آهن.“
اتي ان جي زال کي وٺي آيا. جنهن اچي ڪيس پنهنجي ٻوليءَ ۾ چيو ”جي
سچي ڪيئي ته پوءِ ائين سمجهه، مان حرامي ٻار ڄڻي به ان کي انگريزن سان
ويڙهائيندس.“
انگريزن جڏهن زالهنس کان پڇيو ته ”ڇا ٿو چوي؟“
ورندي ڏنائينس چوي ٿو، ”سوڊا منهنجي ور ۾ آهن.“
ان ئي هنڌ پنيان پٽياٽي نَئين ۾ پني ٻوڙ پاٽي آهي. اياز جي وائي آهي.
گرجُ گرجُ اي گونگي ڌرتي! ٻرجُ ٻرجُ پٽياٽي!
ٻرجُ گرجُ پٽياٽي!
ڪارونجهر ۾ ٻَئي پُڪاري، ٻَل ٻَل پريت پُراٽي
ٻرجُ گرجُ پٽياٽي!
پهلاج کان پڇيم ته ”پٽياٽي نئين تي نالو ڪيئن پيو؟“
چيائين: پٽياٽي مائي هئي. اها پنهنجي پتيءَ کان سواءِ ماني نه کائيندي
هئي. هڪ دفعي هن جو پتي ٻاهر ويو ته پوءِ هو مهاراج کان پڇندي هئي ”هُن ماني
کاڌي آهي؟“ جڏهن هو چوندو هو ”ها“ ته پوءِ کائيندي هئي. هڪ دفعي مهاراج
چيس ته تنهنجي پتيءَ جو ديهانت ٿيو آهي. هُن به بکون ڪاٽي پاڻ کي ماري
ڇڏيو پر ائين نه هو. هُو مئو ڪونه هو. مهاراج ڪوڙ ڳالهايو هو. جڏهن سندس
پتي موٽيو ته ڪيس خبر پئي ته هُن به پاڻ کي ماري ڇڏيو.
اهو ته هتان جو عام ماڻهو ٿو ٻڌائي، باقي ڪتابن ۾ ڇا آهي؟


books.sindhsalamat.com

يار! جيڏا بهادر ڪولهي رهيا آهن، هاٽي ته هتي هي ڏاڍا ڏٻل آهن. گونگا
آهن. ڪڏهن گرجندا؟ سمجهه ۾ نه ٿو اچي. ڪولهي ۽ ٻيون ذاتيون ڀل اهي جو
نه مسلمان هجن، هت سيٺيون انهن کان جيئڻ جو حق به ڦري ٿا ڇڏين. سيٺ
پهلاج کي ڪپڙي جو دوڪان آهي. ڪل ڏهه پندرهن به ڪپڙي جا تاڪيا
دوڪان ۾ ڪونه اٿس. پوءِ به دوڪان هليس ٿو. ٻڌايائون ته جيئڻ ڳوٺن ۾ پڙاءِ،
چنرين ۽ چولين سڀ عورتون گهٽو ڪري ساڳي ئي ڪپڙي جون پائن پوءِ اوڌر
تي ڪپڙو وياج سميت ڪٽن. جي وسڪارا ٿيا ته نيڪ، نه ته ٽي ٽي سال ڏڪار
ٿئي پر وياج وڃي وڌندو. ڪڏهن ته هڪ ڪپڙي تاڪيئي جي ڪري سڄو ڳوٺ
قرض ۾ پيو لوڙيندو. انڪري انهن ۾ ايتري مستقبل لاءِ سوچ نه آهي، بلڪ خوف
۾ ٿا گذارين. هتي ته سپاهي به هنن لاءِ ڄڻ ته موت آهي. مان شاعر ته نه آهيان پر
وائي مان به لکي آهي:
چوڏس چپ چپات، آگر هر ڪنهن وات
ڪارونجهر جي ڪور تي.
ڪوهه چاٽان ڪير مئو، رڙ ٿي جا رات
ڪارونجهر جي ڪور تي.
تل ترايون تار، ڪانهي وائي لات
ڪارونجهر جي ڪور تي.
ماروءَ من مئل، ڏانوڻ هر ڪنهن ڏات
ڪارونجهر جي ڪور تي.
روپلا تنهنجي رت سان، ڪيئن ٿي مارن مات
ڪارونجهر جي ڪور تي.
توکي مان ننگر جو احوال ٿو ڏيان پر ”مهراڻو“ کان هيسيتائين جو سفر
توکي پوءِ ٻڌائيندس. شروع مان ڪارونجهر کان ڪيو آهي. ڪارونجهر جي
وک تي توکي تاريخ ملندي، ڏند ڪٿا ملندي. ڪالهه صبح جو ساجهر
نڪتاسين آسمان سڄو ڪڪرن سان ڇانيل هيو، اسان جلدي جلدي هلندا


www.sindhsalamat.com

هلياسين، پهچڻ جي جلدي هئي. رستي ۾ اڌ فوٽ ڳاهه جي وچ تان ڇارا نهيل هئا، اچي ڪارونجهر جي هيٺان پهتاسين.

اسان کي سارڏڙو گهمڻو هو. ٻه ميل ڪن هيٺائين مٿائين تان هلندا اچي سارڏڙي پهتاسين. سارڏڙو هندن جي مقدس عبادت گاهه آهي، هتي حوض آهي، جنهن ۾ چشمي جو پاڻي گڏ ڪيو ويو آهي. ان حوض کي چوڌاري وڻ ڏڪيون بيٺا آهن، پرسان شوِ مهراج جو مندر آهي. مان مندر ۾ گهڙڻ کان اڳ اتي در مٿان لڙڪندڙ گهنڊ وڄايو. سوچيم ته آواز ئي آهن، جنهن سان دنيا وجود ۾ آئي، آواز ئي آهن، جيڪي زندگيءَ جو احساس ڏين ٿا. جمڻ ۽ مرڻ جي وچ واري وچوٽي ۾ جو ڪجهه آهي ته اهي آواز ئي آهن. مندر ۾ اندر داخل ٿيم ته مختلف قسمن جا سنک پيا هئا. وڄائڻ جي ڪوشش ڪيم پر وڄائي نه سگهيس. پرسان پارپتي جي مورتي ۽ هنومان جو بت ۽ ڪوڪڙن مان نهيل مالها پيئي هئي، جا مان پائي ڏٺي. پاهر شوِ مهراج جي سواري يعني "نندي ڏڳو" هئو پر ڪنهن ان جي منڍي لاهي ڇڏي هئي.

چيومانس "هي مورتي ڪٽي هلون؟"

"نه پاپ ٿينديءَ."

ٻي چيو "پاپ ته انهن کي ٿيندو، جن هِن کي ٽوڙيو."

"ڪنهن ٽوڙيو؟"

"مسلمانن."

"معنيٰ ته مسلمان خراب آهن."

ڪنول وراڻيو "نه نه، مسلمان خراب نه آهن. خراب ماڻهو ٿيندو آهي، اهو هندو هجي يا مسلمان."

"ها ها" پهلاج چيو ته "هندن وري مسجدن کي نقصان ڏنو، نقصان ٻنهي جو ٿيو، اهي مندر ڏٺل آهن پر پوءِ به اسان هتي مسلمان ۽ هندو پاڻ ۾ نهيل آهيون."

سارڏڙي لاءِ چون ته هي پوتر آستان آهي. هتي هن ڪُن ۾ جي ڪنهن به مڙدي جا هڏا وجهن ته ائين محسوس ڪندا ته گنگا ۾ وڌا ويا. ان پٺيان به هڪ



ڏند ڪٿا آهي ان ڏند ڪٿا ۾ اهو آهي ته "هڪ هرڻ ۽ هرڻي ڪارونجهر جبل ۾ گهمندا هئا انهن مان هرڻ اوچتو وڃي پاڻيءَ جي ڪُن ۾ ڪريو ته هن جا سپ هڏا ڳري ويا هرڻي ٽپ ڏنو ته اها وڻ ۾ اٽڪي مري وئي پر ان جي جسم جا حصا ڳري ڪُن ۾ ڪرندا رهيا پر منڍي ان وڻ ۾ اٽڪي رهي. اُتي پر پاسي جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ سيٺ جي ڌيءَ کي مٿي ۾ سور پوندو هو انهن کي هڪ برهمڻ چيو ته ان جو مٿي جو سور تڏهن ويندو جڏهن ان هرڻي جي منڍي کي ان ڪُن ۾ وجهبو. منڍي جيئن ڪُن ۾ وڌائون ته ڇوڪري جي مٿي جو سور لهي ويو. اصل ۾ هرڻيءَ جوڻ مٽايو هو، ۽ اها سيٺ جي ڌيءَ جي صورت ۾ پيدا ٿي. اتي هاڻ ان سيٺ اهي ٻه ڪمرا ٺهرايا، ۽ اهو "مرڳهي ڪنڊ" سان مشهور آهي ۽ مندر جي ان حصي کي سارڏڙو چون."

ننگر پارڪر ۾ ڪارونجهر جي ڪور تي گهري خاموشي آهي. جڏهن ڪارونجهر جي وچ مان رستو ٺاهيندڙ گورڏڙو نئين، ائين ٿي نڪري جيئن ڪمان مان تير، نه مان غلط آهيان نئين ائين ٿي نڪري جيئن ماءُ جي ٿڻ مان کير. هوءَ ته ننگر کي پالي ٿي، پالي ته ڪارونجهر به ٿو. چون ٿا ڪارونجهر مان روز سواسير سون نڪرندو آهي. چوڌاري هزارين پکين جا آواز آهن. جي ڪارونجهر سان ٽڪرائجي الائي ڪيترو خوبصورت آوازن جا پڙاڏا ٿي پيا نڪرن. پر هونئن سڄي خاموشي آهي. اهڙي خاموشي ڪوٺ ڏيجي ۾ به هوندي هئي. ڪوٺ ڏيجيءَ جي خاموشيءَ ۾ هڪ اداسي هئي، اها خاموشي ماڻهو کي ماري وجهندي هئي. ڪنهن جي به چهري تي ڪا خوشي ڪانه هوندي هئي. ڪنهن ماڻهو کي ٽهڪ ڏيندي ته ڇا پر مرڪندي به نه ڏٺو هيوسين. اتي به پکيءَ هوندا هئا پاريهر، بلبل، ڳيرا هر هڪ ماڻهو جي هٽ تي هڪ خاص موسم ۾ هڪ بلبل ضرور ويٺل هوندي هئي ۽ ان ماڻهو جو وات هلندو هو جيڪو پڳڙن ۽ ڪشمش کي چباڙي، پيتي ناهي، پيتي پڌل بلبل کي کارائيندو هئو.

انهن ڏينهن ۾ اسان ٿئي پائر آفاق تون ۽ مان، گهوڙي جي نال مان نهيل ڪوڙڪي ميرن جي قتل ڪڙهه ۾ هٽندا هئاسين، ڳيرا ۽ پاريهر ماري کائيندا

هئاسين. سڄو ڏينهن گليليءَ جنهن کي اتان جا ماڻهو تيتک سڏيندا هئا، ان سان پکي ماريندا هئاسين. انهي تي هاڻ ڏک ٿو ٿئي، چاڪاڻ تہ پکي جهڙي معصوميت ڪٿي بہ نہ آهي. هت مور آهن، ڊيلون آهن، ڳيرا ۽ پاريهر... پيا الائي ڪيترا پکي آهن.

مزي جي ڳالھ تہ ڪارونجهر مٿان هڪ چڱو پلو تراڪڙو هنڌ آهي، جت هڪ وڏو قدرتي حوض نميل آهي. ڳاڙهي پٿر تي جڏهن سينور جميو تہ رنگ ٿي پاٽي جو ڪجھ پيو هو، اتي اسان وهنتاسين بہ. پيا بہ گهمڻ جا هنڌ آهن، ڪو گائيڊ ڪونهي. پر توکي پڌايم تہ ننگر جي گهرن جون ڇتيون بہ عجيب آهن، تکر جا نميل "نريا" ان تي وڇايل آهن. پر جي ڪنهن پار آلي مٽيءَ جو کهينوڙو ٿاهي اتي اڇلايو، جيڪو اتي ڄمي ويو، مينهن پوڻ تي ان مان بہ گاھ ڦٽي نڪرندو. عجيب سڳنڌ ملندئي گاھ جي.

ڪارونجهر جبل ۾ ڪجھ وٿيون آهن گهريون، انهن ۾ مٿان جا ماڻهو ٻڪريون چڙدي، ڍنگر ڏئي چڙين، سڄو ڏينهن اتي ٻڪريون چرنديون، شام جو مالڪ ڍنگر هٽائي انهن کي ڪيندو.

هڪ ٽڪري پري کان ڏيکاريندي پهلاج چيو "سامهون ڏسو اها ٽڪري ڪيئن ٿي لڳيوءَ؟"

اسان اڃا ڪجھ سوچي جواب ڏيون، پڌايائين چوٽيءَ تي "ائين نہ ٿو لڳيوءَ تہ ڪو ماڻهو آهي."

"ها يار!"

"اها هڪ عورت هئي، ان کي ڏڳيون ۽ ٻڪريون هيون، هڪ ڏينهن هڪ تپسي آيو، جنهن مائيءَ کان مکڻ گهريو."

مائي چيس "ڪونهي."

مائي وٽ مکڻ پيو هو پر نہ ڏنائينس.

ان تپسيءَ سراپ ڏنس تہ مائي پٿر ٿي وئي.

۽ هو ڏسو لڳوءَ نہ ٿو تہ "ٽڪريءَ تي نظر ايندڙ پٿر ان جون ٻڪريون ۽


books.sindhsalamat.com

ڏڳيون آهن."

اسان ڏئو پري کان ائين پيو لڳي تہ جڻ ٽڪري کان ٻڪريون لهن پيون.

اسحاق!

هتي ڇپي ڇپي تہ ڪماٽيون آهن.

ان رات ڪچهري هلندي دليپ چيو تہ "ڪجھ آواز پئو ٿا؟"

غور ڪيوسين تہ ڪتان ڪا مور جي راڙ، ٻڪري جي ٻيڪ ۽ پرتان پکي جو پڙڪو پئو. ڪجھ هوا جا سوسات هئا.

دليپ چيو تہ ها اهي ساڳا آواز نہ آهن.

"ڪهڙا آواز..؟؟"

چيائين، ڪارونجهر جبل ۾ سڏ ونت ۽ سارنگا جا روح هڪ ٻئي کي سڏيندا آهن مان تہ تن راتين ۾ ڪوڪ آواز نہ پئو.

سڏ ونت جا سڏ.

سارنگا جا سڏ.

سڏ ونت ۽ سارنگا جو قصو ڪجھ هيئن آهي تہ سڏ ونت ۽ سارنگا گڏ هڪ پاٺ شالا ۾ پڙهندا هئا. پڙهندي پڙهندي نينهن جا نياپا آيا ويا، سو ٻئي پريم جي پنڌڻ ۾ پڌجي ويا. سارنگا جيئن جوان ٿي تہ سندس شادي ڪنهن ٻئي سان ڪرائي وئي. هُن سڏونت کي هڪ مندر ۾ ملڻ جو چيو. سڏونت اتي شام کان ئي لڪي ويهي رهيو. ننڊ پئي آيس تہ هُن ننڊ ڦٽائڻ جي پوتي ڪاڏي پر اصل ۾ اها پوتي ننڊ ڏيارڻ جي هئي، سارنگا آئي. هن کي جاڳائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيائين، پر سڏونت سجاڳ نہ ٿيو تہ سارنگا سڏ ونت جي هٿ تي لکي وئي:

"پاري ننگر کان پڌاري، ڪر جو پڳوئا ويس،
جنهن گهر ناريل رونکڙو، تنهن گهر ڪر جو اليک"

سڏ ونت صبح جو سجاڳ ٿيو تہ سارنگا جو هٿ تي لکيل نياپو پڙهي، جوڳي ٿي، بن بن پٽڪي وڃي سارنگا جو گهر لڌائين. ناريل واري وٽڻ جي گهر تي صدا هيائين، تہ سارنگا سمجهي وئي. محبوب لاءِ موتين جو ٿالھ پري جيئڻ


www.sindhsalamat.com

آئي، هڪ ٻئي سان نظرون ملايائون ته ٻنهي جو ساهه نڪري ويو. انهن ٻنهي جا
آواز/سڏ هاڻ به ماڻهو ڪارونجهر ۾ ٻڌندا آهن.

ڪنول سان ان ڳالهه تي بحث ٿيو ته اصل ۾ سنڌي ادب ۾ اسان ڪافي ڏند ڪٿائن کي پنهنجو نه ڪيو آهي، ان ۾ جيڪي جين ڌرم، ٻڌ ڌرم يا هندو ڌرم سان لاڳاپيل آهن. پر اسان ان کي پنهنجي ڪلچر ۽ پنهنجي ادب جو حصو نه بڻايو آهي. جڏهن ته ڏند ڪٿائون هڪ نه هزارين معنيٰ رکنديون آهن. ائين جيئن لطيف سائين مومل راڻي، سسئي پنهون ۽ عمر مارئي جي ڏند ڪٿائن کي معنيٰ ڏني، معنيٰ به اهڙي جهڙي صدين تائين جو سفر هجي. اهڙي طرح منهنجي خواهش آهي ته سنڌ ۾ جيتريون به ڏند ڪٿائون آهن، انهن کي گڏ ڪجي، ان تي ريسرچ ڪرائجي ۽ لکرائجي.

هڪ تمام گهري اونداهي رات جو هڪ ڇوڪري ڏاڍ هنئي ته هتي هٿ جيڏا وڇون ٿين. مون کي حيرت ٿي، يقين نه ڪرڻ تي هُو به وڏا ڪارا وڇون پڪڙي آيو.

ٿر ۾ وسڪاري کان پوءِ هر ماڻهو پنهنجي ڪمن ۾ ائين مشغول ٿي ويندو آهي، جيئن اسان يونيورسٽي ۾ سيمسٽر امتحان ۾ مشغول ٿي ويندا آهيون. ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آهي، ٽائيم ته هوندو آهي پر پوءِ به دوستن کان لنوائي ڪسڪي ويندا آهيون. ڪو به ماڻهو اسان کي پوڙيسر جو تلاءُ ۽ مسجد ڏيکارڻ لاءِ سونهون نه پئي ٿيو. نيٺ هڪ ڪولهي کي پهلاج چيو:

”هنن کي پوڙيسر گهمائي آ؟'

'نه. مونکي ڪم آ.'

'خرچي ڏيندئي؟'

'نه.'

”ڏيهاڙي ڏيني تا... وچ.“

”ٺيڪ آ.“

”گهڻو.“


books.sindhsalamat.com

”ويهه روپيا“

اسان چيو، ”ٺيڪ آ.“

ڪولهي جو نالو ڪيشو آهي ۽ ان سان ننڍڙو ڇوڪرو گڏ آهي، فتو ڪري ٿو سڏيس.

ڪيشو رستي ۾ ڇندو ٿو هلي ته:

'ڇا ڇا گهميو اٿو؟'

”انچلوشور، سارڏڙو، گوڙڏڙو، ڀنورو، ننگر جو جين ڌرم وارو پراڻو مندر ۽ ڪارونجهر ...“ ٻڌايو مانس.

چيائين، ”پيسا ڏيندو ته مان تروٽ جو ٿلهو به گهمائيندوسانوءِ.“

”ڀيم گوڏا ڏٺو؟“

نه.

”گئو مکي؟“

نه.

”پاڻ جو پيسٽو؟“

نه.

”باقي ڇا گهميو اٿوَ. ٺيڪ پيا ڏيو ته گهمايانوَ.“

'نه يار! اسان صبح جو ساجهر ويرا واهه هليا ويندا سين.“

ڪڇهري ڪندا اچي پوڙيسر پهتاسين. پهرين نظر مسجد تي پئي، ايتري وڏي نه آهي. مسجد جي پويان هڪ وڏو تلاءُ هو، اسان ان جي پاٽيءَ ۾ پير پسايا. ڪجهه ٽائيم ويهي بند تي چڙهياسين. ٻه ٽي ڪتبا ۽ قبرون نظر آيون، ان ڪتبن تي گرمڪي ۽ هندي ۾ ڪجهه لکيل هو پر ڏنل هئڻ ڪري پڙهڻ ۾ نه پئي آيو. اتي نهيل تصوير مان لڳي ٿو ته، سا ڪنهن جنگي سپاهيءَ جي آهي. هڪ تي وڏو هٿ ۽ پرسان هڪ ماڻهو بيٺو آهي، جنهن جي هٿ ۾ پپل جي پن جهڙو ڪو ٿانءُ اٿس ۽ ٻي قبر تي گهوڙي تي چڙهيل سپاهي ۽ هٿ ۾ نيزو اٿس. ان جي منهن تي ڏڪ لڳل آهن. ڪنهن ان کي ڊاهڻ چاهيو آ. پرسان ئي جين مندر ۾ آياسين، اتي


www.sindhsalamat.com

ڪيشوءَ پڌايو تہ ان مندر تي لکيل هوندو هو ”متو وڏي مال ڪيڏي“. هڪ جوڳي آيو، انڊيا کان. جيڪو رات جو مندر مٿان سون ڪيندو هو ۽ ڏينهن جو جوڳي تي پوندو هو. اهو هتان سڄو سون ڪيڏي ويو. پيا بہ مندر ڏناسين. وڻ هيٺان ويهي رهياسين. ڪيشو پرتان آيو، اچي چيائين تہ

”هي وٽ.“

’ڇا آهي؟‘

”تر جي سوڪڙي آ.“

ڏنم گول گول پتاتي جهڙو.

’چلي کاءُ.‘

”ڇا آهي؟“

”ڳنڍير آ ڳنڍير.“

ڪاڄم. ذائقو ڦڪو لڳو پاٽي جهڙو. سمجهہ ۾ نہ آيو، اهو ڳنڍير لطيف وارو تہ نہ آهي!

”جيئن ڳنڍيُون مَنجهہ ڳنڍيِرَ، تيئن مُون مَنُ مارُوئَڙَنِ سين.“

چيومانس ”ڪارونجهر ۾ ڳنڍير بہ ٿيندو آ ڇا؟“

”سائين ڳنڍير، ماڪي مکڻ، گگر، ڪوئنر، ڪنييون الائي ڇا ڇا تي ڪارونجهر ۾.“

”پر هاٽي تہ وسڪارا آهن، ڏڪر ۾ ڇا ڪيو؟“

”سائين ڪارونجهر لاءِ چوٽي آهي، هتان روز ڏيڍ سير سون پيدا ٿئي، سائين ڪارونجهر ڏڪر ۾ يا سڪر ۾ پيو اسان کي ڪارائيندو آهي.“

”معنيٰ تہ ڏڪر سڪر ۾ ڪارونجهر توهان کي پيءُ وانگر پاليندو آهي.“

”جي سائين! ائين ئي سمجهہ تہ ڪارونجهر اسان جو بابو آهي.“

رات جو ڪافي دير تي وئي آهي. سياٽي پاري ننگر ۾ ويرا واهہ ويندا سين.

اتان پوءِ ڏاني ڏانڊل جتي بہ واندڪائي لڳي تہ خط اتان ئي شروع ڪندس.

هاٽي ڏاني ڏانڊل ۾ وينو آهيان توکي جام ڳوٺ، پاري نگر ۾ ويرا واهہ جا


books.sindhsalamat.com

حال احوال لکڻ لاءِ. ڪجهہ وقت اڳ رات جي ماني کائي ويناسين. سائين مينا رام سان ڪچهري ٿي. مينا رام تہ گهمندڙن لاءِ وڏو ڏيڌ آهي. نئون ڪوٽ کان ننگر پارڪر تائين ڪيڪڙي تي 24 ڪلاڪ لڳي وڃن، وچ تي ڏاني ۾ مينا رام ئي سيني کي سڪ ڏيندو، ماڻ ڏيندو، رهائيندو. ويرا واهہ، پالوا ۽ گوڙيءَ جا ڏهرا گهمائڻ ۾ مدد ڪندو.

هاڻ بحث ٿو ڪري تہ مارئي ڪير هئي؟

مارئي لاڪي ڦلاڻي مان هئي؟

جام ڦل جي ڌيءُ هئي؟

يا

پالڻي جي ڌيءُ هئي؟

مارئي جي لاءِ ايترو تہ ڳالهيائين، سچ تہ مون کي يا ڪنول کي مارئي جي باري ۾ ايتري ڄاڻ نہ آهي، اسان رڳو وينا پيا پڙهون. آخر ۾ دلچسپ ڳالهہ پڌايائين تہ رباري قوم اڄ بہ ائين چوندي آهي تہ مارئي رباڻ هئي. انڪري اڄ تائين رباري پنهنجي ڪنوار کي شادي رات جو ڪارو ڪتو ڏين. چون تہ مارئي اڄ بہ قيد آهي.

اسان اتي ڪا رباڻ عورت نہ ڏٺي. باقي مرد ڏٺو، ڏاڙهي مڇون وڌيل، مٿي تي اڇو پٽڪو، اڇو لنبو ننڍو فراڪ چوڪرين جهڙو ۽ ڌوتي. مونکي پئي لڳو تہ اها سڄي پوشاڪ رڍ جي اُن مان ٺهيل آهي.

هاٽي ڏاني ڏانڊل ۾ آهيون. ڪجهہ وقت اڳ مس ننڊ پئي آئي تہ پرتان ڪجهہ آواز آيا. ٽين جا کڙڪا ٿيا. سيٺ جو نوڪر آيو. چيائين:

”ڦوڪٽي آئي آهي.“

”ڦوڪٽي ڇا آهي؟“

”بلا آ! رات جو جڏهن ماڻهو سمهيو پيو هوندو آهي تہ وات ۾ زهر هاري ڦوڪ ڏئي، وڃڻ مهل سٽر تي پڇ هڻندي، ۽ جيئن ئي ماڻهو چرڪ پري اٿي ويهندو تہ زهر پنهنجو اثر ڪندو... ڦوڪٽي کي پيٽڻ بلا بہ چون.“


www.sindhsalamat.com

"پوءِ؟!..." ڪنول خوف مان پڇيس.

"پوءِ سائين! ان وقت ئي ڦٽڪي ۾ ڪير ڪڪيل ڪي پياريندا سين ۾ سندس اکيون ٻڌي چڙهيون، جي صبح جو روشني ڏٺائين تہ انڌو ٿي ويندو."

ڪٿي هوا جي سرسراهٽ ٿي تہ مان ۽ ڪنول اٿي ويهي ٿي رهياسين. پرسان لالٽين ٻري ٿي اوچتو هڪ گهوڙي سوار اونده مان ظاهر ٿيو. گهوڙي تان لهي اچي مليو.

"ڪير جوان آهيو؟"

شاگرد آهيون ... ٿر گهمڻ آيا آهيون.

"ڪٿان پيا اچو؟"

ننگر ڪان موٽيا آهيون.

"پوءِ مزو آيو؟"

ها ڏاڍو.

"ڇا ڇا گهميو؟"

ڪارونجهر ڏاڍو سٺو لڳو.

"سنڌ مان ڪٿان ڪان آيا آهيو؟"

لاڙڪاڻي مان.. مون وراڻيو.

"بسم الله بسم الله... مان پٽي صاحب جو نوڪر ۽ ان جي ڳوٺ وارن جو بہ نوڪر. مان توهان جي ڪهڙي خدمت ڪيان؟"

ڪنول چيس: ڪهڙي خدمت ڪندين؟

چيائين: "جيڪو حڪم ڪيو."

ڪنول چيس: پيئاري سگهين ٿو؟

"ها! چو نہ، بس اڌ ڪلاڪ ڇڏيو، مان اجهو آيس. انڊيا جي بوتل پئي آ. "

هن گهوڙي کي اڙي هنئي ۽ گم ٿي ويو.

اسحاق! اسان ڄام خان جي ڳوٺ ۾ رهياسين. پاري ننگر گهمڻ لاءِ رات جو ننڊ نہ ڪئي هئي جڏهن پاري ننگر گهمڻ آياسين. ڳوٺ پاهران اوطاق مان



books.sindhsalamat.com

سڏ ڪياسين تہ هڪ همراهہ آيو. ٻڌايوسين تہ ڦلاڻي موڪليو آهي، توهان جا مهمان آهيون. هن اسان کي بسترو ڏنو. رات جي ماني ڪارائي گم ٿي ويو. رات جو اسان اڪيلا ويٺا هئاسين. چوڌاري اونده، ڪوبہ ڪچهري ۾ حال احوال لاءِ نہ آيو. اوچتو زوردار مينهن پيو، بسترا ويڙهي ڄار جي وڏي وڻ هيٺان اچي ويٺاسين. مينهن اوڙڪون ڪندو وسندو رهيو. بسترا نوان هئا، ان ڪري مينهن ۾ خراب ڪرڻ نہ پئي چاهياسين. ڪچهري ڪندي ڪنول پنهنجي شاعري ٻڌائي. ميران جا راسوڙا ڳايا ۽ اياز جو غزل ٻڌايو:

اڃان ڪيستائين رهون دور دور؟
سرءُ ڪان رهي دور ٿو جيئڻ بسنتُ،
نہ ڪامهڙ نہ ڪونپل، نہ پارا نہ پور.
اڃان ڪيستائين رهون دور دور؟...

صبح جو آذان ٻڌي تہ ننڊ اچي وئي. اٿياسين تہ اوطاق تي ڇوڪرو آيو نيرن ڪرايائين. اسان کيس چيو تہ پاري ننگر گهماءِ. هو اسان سان گڏ هليو پر ديوين جي اوٽ ڏيندو، ڊونبو ڏيندو، ديوين ۾ لڪندو، ڊڄندو ٿي هليو.

"ڪنهن کان ٿو ڊڄين؟"

رينجرز وارا تنگ ڪندا.

"ڇو؟"

سپاٽي گهرائي پڇندا تہ توهان وٽ ڪير آيا هئا، ڪنهن کي رهايو هيوءِ...تہ پوءِ؟

اسان ان کان اتان موڪلايوسي.

اتي سامهون چمڪندڙ چاندي جهڙي ترائي نظر آئي هئي، جنهن کي ڪاري پئي چيائون. ان ڪاري تي پهتاسين جنهن کي "سانگاهہ" چون ۽ ان جي سامهون ئي پاري ننگر آهي. جتي ورهہ اڳ سمنڊ هوندو هيو.

نيٺ پاري ننگر پهتاسين. پاري ننگر ڪنهن دؤر ۾ وڏو شهر هيو هتان سمنڊ وهندو هو. هتي وڏا وڏا اڄگر جيڏا جهاز لنگر هڻندا هتي "ڏوتڙ" تي ميلن



www.sindhsalamat.com

تائين ڳاڙهين سرن جا ٽوٽا ۽ لوهه جا ٽڪر ڦهليل هئا.

ڳالهه پئي ڪئي ته پاري ننگر گهمڻ ڪان پوءِ ويرا واهه ويا هياسين. شام جو ويرا واهه وٽ هيرو نالي همراهه مليو، جنهن سان پڻ تي همراهه به گڏ هئا. ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪندي چيائون ته هتي ڏيورين ۾ هڪ ڏيوري تي ڏيئو آهي، جيڪو ان کي پڇندو ته ان جو ڪنڌ جن پڇي ڇڏيندا آهن. هلندا اچي اتي پهتاسين. چارين ۽ ديوين جي وچ تي ڏيوريون هيون، مان اڳتي وڌندو ويس. سچي ڳالهه ته شام جي لهندڙ پاڇن ۾ واريءَ ۾ پنن مان نڪرندڙ آوازن ڏيڄاريو. نيٺ ڏيوري مان ڏيئو ڪڍي سر تي رکي پي سر متان هنئي مانس ته ڪونه پڳو، وري ڪوشش ڪيم ته به نه پڳو. نهن سان تيل تي جمي ويل مٽي هٽايم ته پتل ظاهر ٿيو. اچي انهن کي هٿ ۾ ڏيئو ڏنو. چيم ته ”يار جي نڪر جو هجي ها ته پڇي پوي ها، پوءِ پل جن منهنجو ڪنڌ پڇي ها.“

توکي ياد هوندو ته ننڍي هوندي ڳالهه پڌي هئيسين ته ڪنهن شرط رکي هئي ته فلاڻي خالي پيل جاءِ ۾ رات جو ڪوٺي ۾ ڪو ڪلي ٺوڪي ايندو ته اهو شرط ڪٽندو. پوءِ هڪ همراهه رات جو ڪلي هڻڻ ويو. پيا پاهر انتظار ڪندا رهيا، جڏهن گهڻو ٽائيم گذري ويو ته سپ ٽارچون ڪڍي وڃي ڏسن ته همرا مئو پيو آهي.

ٿيو ايئن ته اڳ وڏي گهيڙ واري سلوار پائيندا هئا ۽ اوندهه ۾ ڪلي سلوار مان نڪري ڪوٺي جي فرش ۾ ٺوڪجي وئي، ۽ جيئن ئي همراهه اٿڻ جي ڪئي ته ست آئي هوندس، ۽ ائين سمجهو هونداڻين ته جن پڪڙيو آهي ۽ پوءِ هو خوف ۾ ئي اتي مري ويو. ۽ وڏا اسان کي حاصل مطلب سمجهائيندا هئا ته ”سپ نه ماري پر سپ جو سراپ ماري“.

لالا! هت به ساڳي ڳالهه ٿي.

ويرا واهه ۾ جين ڌرم جا مندر ڏناسين.

ڪالهه رات اسان کي چاچو نور محمد پنهنجي ڳوٺ ”رام سر“ وٺي هليو هو. چاچو نور محمد جسم ۾ پريل، اچي پتڪي سان ڪلٽو ماٺو آهي. سندس


books.sindhsalamat.com

ڳوٺ پنڌ ئي وياسين. رستي ۾ پيل مليو. جنهن سان ڪچهري ڪندو هليم.

”يار پيل ڏاڍا سخت آهن.“

چيائين، نه ائين ته نه آهي.

چيم، هر هڪ چوي ٿو ته پيل ويڙهاڪ آهن.

چيائين، ها.

چو؟

پيا وڙهن ته اسان کي وڙهڻ ۾ چا آهي.

اسان ڪولهي نه آهيون، جو ڊڄڻ وانگر چپ رهون.

”هن ۾ چا اتي؟“ ڳنڍ ڏانهن اشارو ڪندي چيومانس.

چيائين، ”ڳڙ“.

چيومانس، ”هلون تنهنجي ڳوٺ ڳڙ کارائيندي؟“

”اتي ڪاءُ.“

”نه، تنهنجي ڳوٺ، اتي رب پيار“

ڪليو. ”رب“ جو نالو ٻڌي.

”يار ڪڪڙ ته سپ ٿا کارائين، ڪڪڙ ته اسان پنهنجي گهرن ۾ به کائيندا آهيون، تر ۾ ته پيو ڪجهه کائجي. اسان کي رب پيئار.“

”هلو.“

نالو ته پڌايئي ڪونه؟

”موتي“.

واهه جو نالو ٿئي.

”تون اسان وٽ هلي کائيندين؟“

چو؟

”اسان پيل آهيون.“

پيل ماٺهو نه هوندا آهن چا؟

”هوندا آهن.“


www.sindhsalamat.com

جهڙو نڪ توڪي، اهڙو مون کي. جهڙا هٿ توکي اهڙا مون کي. فرق ڪهڙو آ. پڳوان جهڙو تنهنجو اهڙو منهنجو.

چيائين، اسان گهٽ آهيون.

چيم. ها صرف علم ۾.

چيائين. ها علم آهي تہ عزت آهي.

ڳالهائيندا اچي ”رام سر“ پهتاسين. رات جو رام سر رهياسين، پرهہ ڦٽي جو جاڳ ٿي. ڏاڍو وڻندڙ منظر، آهستي آهستي سوجهرو ٿيندو ويو تہ پٽ تي ڪارين ناسي پڪرين چٽيون ٿينديون ويون. پير جي چڀن وڻ تي ويٺل مورن ڏسڻ جو منظر واهہ جو لڳو. پٽ جي اُس واري پاسي کي ”تڙڪول“ ۽ ڇانوَ واري پاسي کي ”گوچار“ سڏين.

صبح جو چاچي نور محمد وهٽ تيار ڪري ڇڏيا گهوڙو ۽ اٺ. اسان جو سفر پالوا ڏانهن شروع ٿيو، اٺ تي لڏندا لمندا آهستي آهستي هلياسين پئي. چاچو اٺ تي مون سان گڏ ۽ ڪنول گهوڙي تي چڙهيو. هڪ پٽ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين ”ان پٽ تان انڊيا توبون هلايون پنج هنيون ۽ پريان پاڪستان جي هڪ جيپ“. اٺ تي مون کي ويهڻ ۾ ڏاڍي تڪليف پئي ٿي جڻ ٽنگن مان رت سڪي ويو هجي، ساٿيون ٿي پيون.

”پوءِ؟“ پڇانس ٿو...

”پوءِ هو وڙهندا رهيا. اسان پارين پچين رات جو گهر گهات، انُ ۽ دور ڏڳا ڇڏي پند پيياسين، وچان ئي وچان ...انُ نہ پاٽي... اچي شهر پهتاسين.“

لالا! اٺ تي چڙهڻ جو پنهنجو مزو اٿئي، هن تي صحيح نموني ويهڻ جي پريڪٽس هجي تہ شاهي سواري آ، خاص ڪري ٿر ۾. توکي اٺ مٿان ويهي منظر ڏسڻ مان مزو وڌيڪ ايندو.

اوچتو چاچي اشارو ڪندي چيو: ”او... هو سامهون ڏس پٽ ان پٽ تي مارئي جو پڊ اٿئي. اتي مارئي رهندي هئي، ڇيلا چاريندي هئي.“

اٺ رستو ڇڏيو ۽ پنيءَ جي وچ مان هلڻ لڳاسين. يار ايڏو تہ مزو آيو پئي



جڻ بلڪل مارئي جي دؤر ۾ پهچي وياسين.

سامهون رستي تان ئي مارئي جو کوهہ نظر اچي ويو. کوهہ تي پهتاسين تہ هن اٺ کي هشايو. اچن پراڻن پٿرن سان نهيل کوهہ هو، جنهن کي تازو سيمينٽ سان پڪو ڪيو ويو آهي. ان جي پرسان ننڍڙي حوض، جنهن کي هٿ ”ڪونڊي“ چون. جت مارئي ڇيلڙن کي پاڻي پياريندي هئي، کوهہ کان سامهون مارئي جي پٽ تي نظر ڪئي تہ اتي اڪيلو ڪنڊي جو وڻ نظر آيو. عجيب منظر عجيب اداسائي. ائين پئي لڳو تہ جڻ مارئي جي ڪچي وڃڻ کان پوءِ ملير کي نظر لڳي وئي، ڪابہ خوشي ڪوبہ ٺهڪ پٽڻ ۾ نہ آيو پئي. کوهہ جي پاهران سنگ مرمر جي سر تي هي اڪريل آهي.

”عمر آئين اوچتو ڪهڙي هاج همير
تو ڏنو مون پئي ٿئي سنڪو منجهہ سرير
ميان منجهہ ملير اڳ نہ ڏٺو ڪڏهن“

ملير ۾ گهمندين تہ اداس ٿي ويندين. اتي هوا ۾ جڻ تہ اڄ تائين ماتم آهي.

هاڻي بہ اتي پٽن تي گاهہ آهي، مارو جي ملڪ ۾ پرتان ارهن پريل ڪا ڪولهڻ ڪارن ڇيلڙن کي چاري ٿي. ڏاڍو خوبصورت منظر لڳو.

”The Area of Malir of Marvee“

” ملير جي مارئي جو ڳوٺ پالوا“

مارئي جي عظمت مارن سان محبت، عورت جي نيچر جي ابتڙ پلا ۽ پلاءُ ڇڏي ميها ۽ موڪ کي مانُ ڏيندڙ، مارن جي عزت ۽ لڄ رکندڙ، ساٿيهہ سان سڪ جو اهڃاڻ مارئي. مان ائين سوچيندو پئي هليم. اٺ تي ويهڻ سان مون کي تڪليف پئي ٿي، انڪري مان گهوڙي تي چڙهيس. گهوڙي پنيان هني ۾ پئي هٿ وجهي چنبڙيو پيو هيس. چوڪري اجرڪ جي پٽڪي ٻڌندي چيو.

”گهوڙيءَ تي مٿو اگهاڙو ڪري ويهڻ عيب آهي.. جوان جو مرڪ نہ آ.“

گهوڙيءَ کي ڊوڙائڻ لڳو تہ چيومانس ”آهستي، گهوڙيءَ کي آهستي ڪر“

چيائين، ”سنڌ مان آئي آهي، ٿڪل آهي نہ تہ اسان کي اهڙي ڪٽي جو..“

اسان گوڙي جي مندر ڏي روانا ٿياسين.

سامهون اسان کي اڇيون عمارتون نظر اچڻ لڳيون. جنهن ۾ گنبذ نما مندر هو. اهو جين ڌرم جو مندر آهي. جيڪي پارسناٿ جا پوڄاري آهن، جيڪو گرو گورک ناٿ جو چيلو هو. انڪري ان کي گوڙيچو به چون. مندر ۾ ڳوٺ گوڙي گوڙيچي پنيان سڏجي.

گوڙي جي مندر لاءِ هڪ ڪٿا ٻڌائي وئي ته پاري نن‍گر ۾ هڪ ماڻهو منگهو نالو رهندو هو. جيڪو واپار سانگي گجرات ويو اتي ڪيس خواب آيو ته "پارسناٿ" جو بت فلاڻي چاڪي جي گهر ۾ پوريل آهي سو ڪڍائي وڃي ڪنهن مندر ۾ رک ان خواب ۾ آيل ڏس تي چاڪي جو گهر ڳولهي لڌو ۽ کوٽائي ڪرايائين ته اتان هن کي بت مليو وري خواب آيس ته اهو پنهنجي وطن کڻي وڃ هي ڏاند گاڏي تي کڻي پئي آيو ته رستي ۾ گاڏي ڀڄي پيس وري خواب ۾ ديوتا آيس جنهن چيس ته ساڄي پاسي کوهه آهي اتي خزانو اٿئي اهو ڪڍي مندر ٺهراءِ جيئن صبح ٿيندو ٻه رازا ايندئي جنهن جا هٿ ڪپيل هوندا برابر صبح جو رازا آيا انهن جا هٿ ڪپيل هئا خزانو هٿ ڪري مزدور ڪري جهنگ ۾ مندر جوڙايائين جيڪو اڄ به پارسناٿ گوڙيچي پنيان "گوڙي جو مندر" سڏجي.

ائين توکي ياد هوندو ته اسان جي لوڪ ڪهاڻين لوڪ قصن ۽ روز مرهه جي زندگيءَ ۾ خوابن کي گهڻي اهميت آهي. ڪنهن خواب ڏٺو پوءِ اتان قصو شروع ٿيندو ۽ وڃي اهو حقيقت تي پهچندو.

ننڍپڻ ۾ جڏهن اسان ناناڻي شڪارپور ويندا هئاسين ته اتي اهڙو قصو ٿيو ته ڪي ماڻهو ڪنهن ڏيگي کي دسن پيا کهڻ لاءِ اهو انهن کان دسجي نه پيو ته ماما قمر زور ڏئي انهن کي دسيو ڏيگي جي لت ماما کي لڳي ان ڪري سندس ڄنگهه سُڄي وئي ڪوبه علاج نه پئي لڳس. هڪ رات جو خواب ڏٺائين ته روهڙي جي هڪ پساري جي ڪرل ۾ هڪ موتي پيو آهي جي اهو موتي چيلهه سان ٻڌبو ته ٽنگ جو سور ڇڏي ويندو. ماڻهو ويا روهڙي ۾ بلڪل پساري جو دوڪان هيو ۽ ڪرل ۾ موتي به هو. جيڪو ساري زندگي ماما جي چيلهه سان ٻڌل رهيو ۽ جي


books.sindhsalamat.com

لاهيندو هو ته سندس وري ٽنگ سُڄي ويندي هئي. خواب ۽ ڏند ڪٿائون ادب کي سگهارو ڪنديون آهن.

هت به اهڙي ئي سرنگ نظر آئي جهڙي مان توکي ٻڌائي ته نن‍گر پارڪر ۾ جنهن کي "پونئرو" پئي سڏيائون. چاچي نور محمد چيو ته هي هتان شروع ٿيندو ۽ ختم وري وڃي نن‍گر ۾ ٿيندو. ها پر سائين هاڻ ته هن ۾ جانور رهندا آهن.

مان ٽارچ هڻي ڏٺي سرنگ اندر چمڙا پيا لڙڪن.

چوڪرو ڪٿان ڪوئلو ڪٽي آيو چيائين تون به نالو لک.

ڪٿي؟

ان پٽ تي چيائين ڏس مان به سال اڳ نالو لکيو هو.

ڏٺم اتي انگريزي، هندي ۽ گرمکي ۾ هزارين نالا لکيل هئا. مان ڪوئلو ڦٽي ڪري ڇڏيو.

مان ڪنول کي چيو سنڌ جي ۽ سنڌي ماڻهن جي ڪيڏي نه وڏي دريا دلي آهي جو هتي هر مذهب کي جڳهه ملي آهي ۽ هر مذهب وڌيو آهي پوءِ ڀيل هندو هجن، جين هجن، مسلمان هجن، زرتشتي هجن يا اسماعيلي هجن.

ڪنول چيو ها سچل هجي لطيف هجي انهن وٽ به ڪو فرق نه هئو انهن جا هيرا به مذهب جي قيد ڪان آزاد هئا.

جڏهن ته ڪالهه ڪجهه ڪنول تيز ٿي ويو جڏهن ڀيل ٻڌايس ته پالوا وٽان مسلمان چوندا آهن ته اسان جي ڳوٺ وٽان گذرو ته اٺ ۽ گهوڙي تان لهي هلو ان ڀيل ٻڌايس ته ان ڏينهن اسان جي اٺ کي پالوا وٽان لٺيون هنيائون.

ڪنول کي چيم يار ڳالهه ٻڌ ٿر ۾ جيترو ظلم لهاڻا ٿا ڪن ڀيلن ۽ ڪولهن سان ايترو ته مسلمان به نه ٿا ڪن. لهاڻا نه انهن کي پرسان ويهڻ ڏين نه گڏ کائڻ نه پيئڻ. هميشوري به انهن جو ڇهيل کاڌو نه کائن. باقي نه مان مسلمان نه هندو، جي غلط ڳالهه کي صحيح چوندس.

گوڙيءَ جي مندر ۾ ننڍڙا ڪمرا ٺهيل آهن، جنهن ۾ ويهي عبادت ڪندا


www.sindhsalamat.com

هئا. اها جاءِ ايتري ننڍي آهي جو اتي رڳو ويهي سگهجي ٿو. اسان سڀئي موٽياسين مان گهوڙيءَ تي هجان، جيئن رين چڪيان تہ گهوڙي تيز ٿي پئي وڃي ۽ جي ڍري ڪيان تہ گاهہ کائيندي هلي نيٺ هڪ ٻني مان گذرياسين تہ مائيءَ کاوڙ پئي ڪري. سامهون لوڙهو هٽائي، کاوڙجندي ڪجهہ چيائين تہ مان ورندي ڏني تہ ”حيدرآباد... حيدرآباد...“

مان کي لڳو، تہ پڇي پئي، ڪٿي جو آهين؟

تہ اڳيان ٻنيءَ ۾ ٻيئل ٻار بہ کلن پيا تہ چاچو بہ کلي پيو. پڇيومانس ”چا تي ٿا کلو؟“

چيائين بس.

پوءِ بہ؟

مائي پئي چوي انڌو آن چا، جو گهٽي بہ نہ ٿو ڏسين ۽ تو وري چيس، حيدرآباد... حيدرآباد...

سڀ ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳاسين.

”ڏاني ڏانڌل“ واپس ايندي وچ ۾ پرتان ٻول ٻڌڻ ۾ آيا. ماڻهو ڳائن پيا ڪنهن ٻڌايو ”همرچو“ ٿا ڳائن پر ٻول سمجهہ ۾ نہ آيا. همرچو جي چاڻ مون کي شيخ اياز جي نظم مان ملي.

گَرجي گَرجي گاجَڙلو، لا...

هَمَرَچي جو ويلو ڙي!

هيلَ گَهتا گهنگهورُ آلا لا!

سانوَڻُ زوران زورُ آلا لا!

هَمَرَچي جو ويلو ڙي!

رات ڪافي لڙي چڪي آهي. سڄو حال احوال توکي ڏنم. ڪنول پنهنجي کٽ تي اجان پاسا ورائي ٿو، لالٽين ٻري پئي. پرتان ماڻهن جا هلڪا هلڪا آواز اچن پيا. دل چوي پئي تہ مان بہ ننڊ ڪيان پر اوچتو پري کان ساڳيو همراهہ گهوڙي تان ظاهر ٿيو. ڪنول بہ پنهنجي کٽ تي ويهي رهيو آ. هُن سلام ورائي



اڏيکي بوتل ڪنول جي آڏو رکي.

چيائين: ”ٻيو حڪم؟“

خوش رهہ بس قرب ڪري چڏيئي. بر ۾ بازار لڳائي چڏيئي.

ڪنول پيئڻ شروع ڪيو آ.

ڪنول کي چيم تہ: مون کي ائين لڳو هيو تہ همراهہ ڏاڙي آهي پر نہ يار..

ڪنول موڊ ناهڻ شروع ڪيو آ الله واهي مان ننڊ ٿو ڪيان، صبح جو مٿي ويندا سين. باقي مٿي جو حال احوال پوءِ ڪبو.

اڄ شام جو مٿيءَ پهتاسين. ڏاڍو ٿڪجي پيا آهيون. هاڻي تہ طاقت ئي نہ رهي آهي، وڏيڪ گهمڻ جو ست ئي نہ آهي. مٿيءَ ۾ ڪنول جي مائٽ وٽ ئي رهيل آهيون منهنجي ساڄي پاسي واري کٽ تي ڪنول ستل آ. کاٻي پاسي گلاب ستل آهي، وچ ۾ منهنجي کٽ آهي، هر هر ٻڪري جي ڪنن ڪڙڪائڻ جو آواز اچي ٿو.

توکي خبر آهي تہ ننڍپڻ کان اسان سفر ۾ ئي رهيا آهيون. بابا جي نوڪري ڪري ڪڏهن ڪنهن شهر تہ ڪڏهن ڪنهن ڳوٺ بابا سائين سان جيپ تي ان شهر ڏي سفر ۽ اٺ گاڏي تي سامان اچي پهچندو. هاڻ لالٽين ٻري ٿي، ننڊ نہ پئي آئي تہ توڏي خط لکان پيو:

ٿر اچڻ کان اڳ اسان جي امتحانن جو شيڊول هيو. مان غفار وسنداڻي سان شام جو ايل هاسٽل جي ڇت تي پئي گهميس. گهاٽا ڪارا ڪڪر هئا پر مينهن نہ پئي وسيو، اتر کان ڪنوٽين جون ڪجڪارون هيون. غفار وسنداڻي جي ميرانجهڙين اکڙين ۾ آگم اچي ويو. ”اهي منهنجي ڳوٺ تي ڪنوٽيون آهن... ڪنهن ٻڌايو تہ اڄ ٿر وسيو آهي.“

هن جي سِڪ منهنجي اندر ۾ اڄ پيري چڏي غفار کي مان رڳو ڪيمسٽ سمجهندو آهيان. اسان وٽ ڪيمسٽريءَ ۾ ذهين شاگردن ۾ هڪ غفار آهي، جو ٿر جو آهي. ٻيو ساغر سميجو جو ڪڏهن ڪڏهن نظر اچي، هو ڪميونسٽ ليڊر آهي. وري جو ڪڏهن گم ٿي وڃي تہ خبر پئي تہ جيل ۾ آهي. ساغر سميجي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سان منهنجي سلام دعا نه آهي پر مون کي وڻندو آهي، مزي جي ڳالهه سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪهڙي به ڊپارٽمينٽ ۾ جي ٽريو پڙهندو ته پوزيشن ضرور ڪڍندو.

رات جي ماني مان ۽ ڪنول لطاٽي ايل ايم سي ۾ پناڻ جي هوٽل تي ڪاڌي. ان جو انڊو چپس ۽ پينڊيون لاجواب آهن. هوٽل جو بيرو لڏندو لمندو جڻ ڊانس ڪندو ايندو. ڪراڙو آهي سڀ "گورنر" چوندا اٿس، اصل ۾ اها ان جي نيچرل بيهور آهي. ڪنول کي چيم:

يار! تر گهمون؟

گهمون!!

ها.

جي امتحان پوسٽ پون ٿين تا ته پوءِ پڪ سان هلبو.

پي ڏينهن امتحان پوسٽ پون ٿيا. ڪنول چيو "ڀن ڏينهن لاءِ مان ڳوٺان تي اچان".

مان نوابشاهه مان ادا اشتياق سان هڪ رات جي ڪچهري ڪري موٽيس.

۽

اسان تر آياسين.

ميرپورخاص ۾ سائين روچي رام وٽ رهياسين. سائين روچي رام جو ذڪر پوءِ ڪيان ٿو.

ميرپورخاص کان بس ۾ چڙهياسين، اڇي نئون ڪوٽ پهتاسين. نئون ڪوٽ جي ريلوي اسٽيشن ٻاهران ٻه ٽي فوجي ٽرڪون بيٺون هيون، انهن مان هڪ تي چڙهياسين. هنن سيٽ ڏيڻ پئي چاهي پر اسان ڊرائيور جي مٿان نهيل ڇت تي ويهڻ جو چيو. جيئن تر کي چڱي نموني ڏسي سگهون. هوئن معتبر ماڻهوءَ کي سيٽ ڏين، پنين سيٽ عورتن لاءِ هئي. ڪنول پڏايو ته هي نه بس آ نه ٽرڪ آ...

چا آهي؟؟

"ڪيڪڙو."


books.sindhsalamat.com

ڪيڪڙو ته سمنڊ ۾ رهندو آ.

ها.

هي واريءَ جي سمنڊ ۾ هلندو آهي.

نيٺ ڪيڪڙو هليو. مان پنهنجي ٿيلهي کي ٽيڪ ڏئي بالم ٻڌجي ويهي رهيس. ڪيڪڙو هليو اچي هڪ موري وٽ بيٺو، اتان واهه پئي وهيو. پرسان واري کان پڇيم:

هن اسٽاپ کي ڇا چون؟

چيائين "تر جو ڊارو"

تر جو ڊارو؟

ها.

"گلوءَ جي موري" به چون.

اسان جي پرسان وڏو ڊانمبر جو ڊرم پيو هو.

اهو سڄو ٽين جي ڍڪڻ سان واهه مان پاڻي سان پري ڇڏيائون. اصل ۾ اهو ڊرم ايئن سمجهه ته جيئن ڪار ۾ ٻوتل هوندي آهي، جنهن مان پاڻي ريڊيٽر ڏي ويندو آهي. اها ڪيڪڙي جي ٻوتل آ، جنهن مان ريڊيٽر ڏي پاڻي ويندو.

اتي ڏوڪا ورتاسين.

جيڪي اتي جا ماڻهو "حليلا" پيا چون. آهستي آهستي گاڏي هلي ته واري وارو حصو ظاهر ٿيو. پرتان قلعو نظر آيو نئون ڪوٽ جو.

ڪنول چيو:

واپسي ۾ اهو گهمبو.

ڪيڪڙو پيچري تان هلي ٿو، جيڪو ڀن ٽائرن جي ڪري ٺهي ويو آهي.

برسات ڪري چارن جي وچ ۾ گاهه ڦٽي آيو. چارا ايئن ور وڪڙ آهن جو مٿان کان ڏسڻ سان اتان لڳي ٿو ته جڻ ڪنهن شرارتي ٻار ٻه چانگي ڪٽي ڊسڙ مان گوهيون ڏيندو ڊوڙندو ويو هجي. واري جي ڊڙي کي "پٽ" چون، ۽ ڀن پٽن جي وچ واري حصي کي "لڪ" چون. جڏهن ته پٽ جي هيٺان پٽ کي "ڏهر"


www.sindhsalamat.com

چون. ڏهر ۾ هر ڪاهيل هئا، ڪن هنڌن تي ڏهر ۾ اٺ سان هر هليا پئي. ڪيڪڙي تي ڪنهن ٻڌايو ته هڪ هر ۾ ٻه ٻه ڳهوٻا ٻه لڳل هوندا آهن. پٽ مٿان هيٺ ڏهر ۾ ڏسون پيا ته هر آيل جاٽ جڻ ته ڌرتيءَ جي سينڌ هجي. اڳتي زمين ڪي سنوت ۾ آٽڻ گڏهه ڪِي هڪ تختو ٻڌل هو، جنهن ڪي ”سُهاڳ / سانهر“ چون. پٽ ٽپي ته چونئرا نظر آيا.

تڏهن ڪنول سان ڪچهري ڪندي چيو، ”جي هت يونيورسٽيءَ جو ڪيمپس هجي ته ڪيڏو نه مزو اچي، چوئنرن ۾ ڪلاس هلن، ايئن ئي جيئن شانتي نيڪتن ۾ شاگرد وڻن هيٺان ويٺا پڙهن. هت ڪنهن پٽ تي ڪو شاگرد ايزل ڪنيون ڪو لينڊاسڪيپ ٺاهيندو هجي. ڪنهن چوئنري ۾ راڳ ۽ ميوزڪ جو ڪلاس هلي.“

گاڏي جڏهن لڪ مان گذري ٿي ته وڏو گوڙ ٿو ٿئي، جي ڪنهن پٽ تي چڙهي ٿي آهستي آهستي آواز سان دونهان ڪيڏندي جڏهن مٿي پهتي ته جڻ ساهه پئي پٽيائين. اصل ۾ گاڏي جي گهٽي گرم ٿي وڃي ته ڪجهه وقت بيهاريون پيئي.

اسان سان گڏ هڪ پوڙهو بدين جو هو، تنهن به پئي سفر ڪيو. ڏاڍا حال احوال ڪندو هليو. جڏهن جهاڪا پئي آيا يا ڪيڪڙو پٽ تان هيٺ لهي ته تيزيءَ ۾ ڪاٻي ساڄي جهاڪن ڪري لڏندو پيو هلي ته رڙ ڪري ”خبردار!“. هر پٽ تان لهڻ مهل چئي، ’توهان اسڪولي ڇوڪرا آهيو، قابو ٿجو.‘

”خبردار“.

خبردار سان پاڻ وڃي ماڻهن جي جهولي ۾ پئي ڪريو.

هڪ ڏهر ۾ هڪ هر سان ٻه اٺ ٻڌل نظر آيا، انهن ڪي ”ٻلهاڙو“ پئي چيائون اسان وٽ هرُ صرف ڏاندن سان ئي ڏياريو ويندو آهي.

رستي ۾ پٽ جي چوٽيءَ تي ننڍڙا ٻار ڪنيين ڪي ڪاٺيءَ ۾ وجهي وڪڻڻ لاءِ ويٺا هئا. ايئن تي جيئن اسان وٽ سياري ۾ ٻار ۽ وڏا ڪڙهي سان مڇيون ماري ڪانين ۾ ٽنبي ڳوٺ ڏي مال سان موٽندا آهن ۽ انهن جون مايون ٻنيءَ مان پلي



پٽي اينديون، مڇي ۽ پلي اسان وٽ گهٽ ۾ گهٽ چئن مهينن تائين مفت ۾ رات جي ماني ٿئي ۽ ڏاڍي مزيدار. اتي ئي هڪ ٻارڙي مٺ ۾ ڪجهه گاهه جهلي بيٺي هئي.

ڇا آهي؟

”پپون“.

گهڻو انهن جو؟

رپيو.

رپيو نه.

ٻارنهن آنا.

ڏي.

پرسان اگهاڙي ٻار وٽ به هٿ ۾ پپون هيا.

گهڻا.

چيائين چار آنا.

مان ٻنهي کي گڏي روپيو ڏنو ڪيڪڙو هليو. روپيو ڏئي چيومانس چار آنا هِن کي ڏي.

ڪيڪڙو هليو ته هڪ ٻار هيٺان رڙيون پيو ڪري. ڪيڪڙي جي ڪڍ ڊوڙندو ٿي آيو ”الائي ڙي منهنجو رپيو... الاڙي منهنجو رپيو“ ڪنهن پپون ورتا هئس پر پيسا ڪونه ڏنائينس. مان هن جي منهن ۾ غربت ڏسي رپيو اڇلايو، هوءَ رپيو کڻي ڪيڪڙي ڏي ڏسندي رهي.

پپون چڪيم، ڪسارا هئا بلڪل ايئن جيئن لوٽڪ جون پنن سواءِ ڏانڊيون هجن. اسان ڪي ذائقي ۾ نه وڻيون. رستي ۾ هڪ ٻار ڊگهيون ڪاهي پئي ويو ته مٿان ڪنول اهي ان ڏي اڇلايا پر هن نه ڪنيا.

هاٽي پٽن تي گاهه گهاٽو ٿي نظر آيو. پري پري تائين ساواڻ هئي جڻ گاف جا وڏا ميدان هجن، اصل ۾ اها پيٽ پري جي سوچ آهي. اهو گاهه پيٽ پرڻ لاءِ، عورتن جي سڪل ٽٽن ۾ ڪير آٽڻ لاءِ، مارن لاءِ ڪير، مکڻ ۽ چاڏيون ولوڙڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. پرتان گهوڙا ۽ ٻڪريون ۽ ڳئون چرن پيون. مٿي آسمان ۾ جهڙ آهي ۽ هيٺ ڪيڪڙي جي آواز تي ڳيرا اُڏرن پيا. ڪٿان ڪٿان تتر پڙڪو ڏئي اُڏامي ٿي ويا، پٽن تي ڪارا ڪارا ٽندڻ گهٽا نظر آيا. وٽن ۾ ڪنڊي ۽ ٿوهر نظر اچن ٿا. نئون ڪوٽ جتان اسان داخل ٿياسين، ان کي ”مهراڻو“ چون يعني ”منڊو وارو“.

مهراڻو تر ۾ داخل ٿيڻ سان شروع ٿئي، مهراڻو سڄو وارياسو آهي. تر دراصل ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. پڪو ۽ ڪچو. ڪچي کي ڊٽ چون. ڊٽ سڄو وارياسو رڳو پٽون ئي پٽون پڪي ۾ نارو ۽ ميرپورخاص آهي. اوچتو تيز هلندڙ ڪيڪڙو بيهجي ويو. پرسان ڏٺم، سڪل ٽنگن وارو فقير ويٺو هو. ماڻهن ڪليل پيسا ڦٽي ڪيا. ڪيڪڙو اچي تمام وڏي لڪ وٽ پهتو، جنهن کي ”ڳاڏي وارو لڪ“ چون. اها چاڙهي تمام گهٽي وڏي هئي، ڪيڪڙو ائين پئي چڙهيو آهستي آهستي جڻ ڪو بلڊپريشر جو مريض آهستي آهستي تلڪ چاڙهي چڙهندو هجي. جڏهن مٿي پهتاسين ته ڪجهه وقت بيهي رهياسين. هيٺ ڏٺم، پٽن جي هيٺان ڳئون پئي چريون، اڇون اڇون ڳئون جڻ ته ايري آيل ڪنييون هجن. ان وڏي پٽ کي ”راضي شاهه واري پٽ“ پيا چون. ڳاڏي پيچرن تان هلندي. جي ان پيچرن تي پاڻي ڊٻي جي صورت وٺي بيٺل هيو ته ڊرائيور ڳاڏي ان مٿان نه پئي هلائي، پاسو وٺي هليو ٿي. پاڻيءَ جو قدر ٿئي ڪيائون. لڪ تان هيٺ لهڻ سان هڪ ڳوٺ آيو، ڏاڍو خوبصورت جتي هڪ کوهه آهي. ٻه ٽي هوٽل ۽ هڪ خوبصورت ڪنڊيءَ جو وڻ ڌرتي تي ليٽيل. پنيان ڏٺم ته وڏي پٽ کر ڪٽي بيٺل، جنهن تان اسان لٿا هئاسين. هن ڳوٺ کي ”وجوٽو“ پئي چيائون، نالو جو وٽندڙ هو ته مان ڪنهن کان پڇيم:

وجوٽو معنيٰ؟

جواب مليو ته ڪنهن ڏؤر ۾ هت وچ ڪري هئي سڄي ڳوٺ جو مال ٻڪريون ڳئون ٿهي ويون هيون گم ٿي ويون هيون، ان پنيان ”وچ ٿهيو“ مان وجوٽو ٿي ويو. پندرهن ويهن منٽن کان پوءِ ڪجهه رنگ برنگي جڳهون نظر آيون. ڪنول چيو:



”مٺي.“

بدين وارو چاچو خير محمد ڏاڍو خوش ٿي نظر آيو.

مٺي جي اسٽينڊ تي جيئن ڪيڪڙو بيٺو ته هڪ وٽندڙ منظر هو، مايون ڪوٽن تي ۽ درن کان رنگ برنگي ڪپڙن ۾ بيٺل. ٻانهون سڄيون اڇين چوڙين سان ڍڪيل، لهندڙ سج جي روشنيءَ ۾ ان منظر کي ”وان گاگ“ ئي چٽي سگهي ها. ڪيڪڙي چوڌاري پار وري آيا، مون کي ائين لڳو ته مٺي جي بيٺل زندگيءَ ۾ هي هڪ وٽندڙ چيئنج آهي. ڪير آيو...؟ ڪير ويو...؟ ڇا وٺي آيا...؟ ڪير وڃي ٿو؟ هونئن به تر ۾ ٽائيم جي جدول ئي پنهنجي آهي.

پڇبو، هن جي عمر گهٽي آهي؟

جواب ملندو: ڪاري ڏڪار مهل پيدا ٿيو.

يا

ان سال جڏهن وسڪارا سڄا سارا ٽي مهينا لڳاتار هليا.

يا

زلزلو نه آيو هو يا جنگ نه لڳي هئي.

اهي سڀ حوالا هر ورجائبا هر سوال تي. هر حوالي ۾ وقت ۽ قصو مختلف هوندو.

صبح جو مان ننڊ مان اٿيس ته ڪنن ۾ ولوڙڻ جون وايون هجن، اچي ٽڙ تي ڏٺم. مهيشوري ذات جون عورتون مٿي تي گهاگهريون کڻيون لوڏ سان لڏنديون ٿي ويون، لڳي پيو ته جڻ چڙن جي آواز تي پولهه لوڏينديون هجن.

هتي مٺيءَ جي وڏي ۾ وڏي پٽ آهي، جنهن کي ”ڳڊي واري پٽ“ سڏين.

مان جڏهن ان جي مٿان ويهي هيٺ ڏٺم ته پاڻيءَ جا ٽي تلاءَ آهن، جن کي:

ڍڳن واري ترائي.

ڪوهن واري ترائي.

۽

ڪنڊين واري ترائي سڏين.

جڏهن شام جو سج لهڻ مهل شفق جي لالاڻ ۾ ٻوڙندڙ ڏيڍيون اڇي ان ٻيٽل پاڻيءَ مان پاڻي پيئنديون ان جا عڪس ڏسين ته اهڙو منظر ڪڏهن به وساري نه سگهين. ان گڏيي جي پٽ تان، مان هيٺ ڏسان ٿو ته ڪابه چرپر نه آهي. ساڪن شهر عجيب لڳو ته ڄڻ ڪنهن آرٽسٽ هڪ وڏي ڪينواس تي هن شهر کي ٺاهي ڇڏيو آهي. ٿورو ڪجهه تون موهن جي دڙي جي ميوزيم ۾. موهن جي دڙي جي شهر جي لڳل تصوير مان اندازو لڳائي سگهين ٿو پر هي Panoramic Viwe ميلن تائين پکڙيل آهي.

اسان گڏ اهڙو منظر ڪوٽ ڏيجيءَ جي قلعي کان ڏسندا هئاسين. هيٺ خاموش شهر، گهوڙن جي ڪڙهه، اسڪول جي ڳاڙهسري عمارت، ڪچا گهر، واٽر سپلاءِ جا وڻ، جبل تي وٽن ۾ گهيريل محل ۽ ان جا مٿان لڳل علم. پر اتي مٺيءَ وانگر گاهه ئي گاهه ۽ ساواڻ ڪونه هئي.

هيٺ پٽ جي تري ۾ ٻيرن ۽ ڪنڊين جا پاچا ترايِن ۾ پوندڙ ڪونه ها ۽ چمڪندڙ سراڻ، سراڻ اصل ۾ هڪ سخت قسم جو اڇو سرمئي پٿريلو ميدان آهي، جنهن جي مٺيءَ سان جيڪڏهن وهنجبو ته مٿي جا وار چلڪندڙ ۽ نرم ٿي ويندا.

مٺي شهر لاءِ چون ٿا، ٿر جي وڏن شهرن مان آهي، جيڪا ”مٺي ٻجيرياڻيءَ“ نالي مائي جي پٽيان آهي.

سنڌ جا اڌ شهرن جا نالا عورتن جي پٽيان آهن جيئن:

ڏيجيءَ جو ڪوٽ

مٺي

مڪلي

مٺيءَ ۾ مون کي دليپ نالي سان ڇوڪرو مليو ويو، جيڪو فرسٽ ايئر جو شاگرد آهي. دليپ کي فڪر اهو آهي ته هن جا ڏند ميرانجهڙا آهن. چيائين ”هر ٿوٽ پيسٽ هنئي آهي پر ڪو فرق نه آهي، چو ته ٿر جي پاڻيءَ ۾ فلورائيڊ ڪونهي، تنهن ڪري هت سڀني جا ڏند ميرانجهڙا آهن.“

سج ڪرٽا ڪيديا، ڏوتيءَ سان همراهه ڳابن جو ڌڻ وٺي پيئي ويو. دليپ ٻڌايو ته هو صرف پٽ پار ڪرائي پاڻ موٽي ايندو، ڌڻ چري شام جو پاڻ ئي واپس هليو ايندو. ٻڪرين جا ڌڻ ٻي..ٻي.. جا وٽندڙ آواز ڪن کي چڙا. دليپ ٻڌايو ته ڪِن ٻڪرين کي اِهي چَڙا ٻَڌن، جيئن گم نه ٿين.

”مٿان ڪو چوري ڪري؟‘ مون پڇيو..

”نه نه... هت چوري ڪونه آهي، هر هڪ وٿ مال آهي، چوري چو ڪن پر جي چوري ٿي به وڃي ته ان جو نسل به ٽريا سڃاڻي وٺن.‘

دليپ چيو، ’هتي امن آ.‘

پٽ تان لهندڙ پاڻيهاريون سڄيون ٻانهون اڇن چوڙين سان ڍڪيل، رنگ برنگي پڙا، مٿان ننڍڙي چولي، ڪن جا پيٽ ظاهر ٿيندڙ، قطار ۾ ٻه ٻه دلا ڪٽي پٽ چڙهي وڃن.

هت کوهه گهٽ آهن، جي آهن ته اهي انتهائي اونها آهن، اسي اسي سئو سئو فوٽ. هيٺ ان ۾ دلا يا ڪوس وجهي گهوڙن ۽ گڏهن کي رسي ٻڌي هڪلين ٿا، تڏهن وڃي پاڻي نڪري. اهو دلو پاڻيءَ جو ڀريل چئن آنن ۾ ڪپائن. پر گهٽ ذات ۽ غريب ماڻهو پلر جو پاڻي پيئن. پڪال کاري پاڻيءَ جي سوا روپئي ۽ مٺي پاڻي جي ٽن روپين ۾ ملي، جيڪي اٺن تي ڪٽي وڪڻن، مٺيءَ ۾ اهو ڏسي عجيب لڳندو ته ماڻهو جڏهن جاءِ ٺهرائن ته ان جو در ”اٺ جي ماپ“ تي رکن، چاڪاڻ ته ڪانيون، انُ پاڻي ۽ ٻيو ڪجهه هتي اٺن جي ذريعي ئي هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ وڃي. مٺيءَ ۾ مان ڏٺو ته پاڻهيارين جا دلا به مختلف هئا، ڪن کي ٽڪر جا، ڪن کي پتل جا، ڪن کي ننڍا، ڪن جا وڏا، ڪن جا ويڪرا، ڪافي قسمن جا.

دليپ ٻڌايو ته:

پاڻي ڀرڻ جا ٿانوَ ٽامي جا آهن. نالا ڪجهه جنهن کي موريو هيل منگهتو سڏن. پوٺيون ڪنواريون پائن ته پرٽيل جهٻو پائين.

يار اسحاق! ٿر نه آهي ڄڻ مذهبن، ٻولين ۽ ڪلچر جو ميوزيم آهي. هنڌين هنڌين کوهن جا منظر پٽن تي نالا ۽ ڍهرن جا نالا، لڪن جا نالا، ان پٽيان هڪ تاريخ، هڪ ڏند ڪٿا ويٺو ٻڌ، سچ ته ماڻهو وائڙو ٿي وڃي.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪي ڏک وارا منظر بہ ڏٺم. ننيڙي ترائيءَ جو ميرو پاڻي هڪ کولھڙي جو پار، ننيڙي دليءَ ۾ پُڪ سان وجھي رهيو هو،جنهن جي مٿي جا وار ڪينچي سان ڪٽي جناح ڪيپ جيان ڪيو ويو، هن اسان کي ڏسي پاڻي وجھڻ ئي بند ڪري ڇڏيو.

اِهو پاڻي پيئندين؟؟

ڪنڌ جي اشاري سان هائوڪار ڪيائين.

ڏک ٿيو.

پٽ جي هيئان هڪ ڏڳي ويني هئي، جنهن جي چوڏاري مکيون ويٺيون هيون، اتي نہ پئي سگھي، بيمار هئي. پيا ڏيگا ۽ ڏيگيون سارنگ جي ساٿ ڪري بود ۾ هئا، ڊوڙندا پئي ويا. هيءَ بنا واهر جي اڪيلي اپاٽڪي. گئون ماتا جنهن الائي ڪيترو ڪير پياريو هوندو، نستي پئي هئي.

اسان جي مٿيءَ ۾ اچڻ کان هڪ رات اڳ مندر مان مورتي چوري ٿي وئي آهي. مورتي شايد سون جي هئي. مندر ۾ آيم، راڌا ۽ ڪرشن جي مورتي اڳيان سندور پيو هو، اتي نوي سالن جي پوڙهي مٿي تي تلڪ ڪڍي، هري اوم.. هري اوم.. ڪرڻ لڳي ۽ هرهر توبھ پئي ڪيائين، مان سندس سامهون بيٺم تہ هن دليپ کان پڇيو:

مسلمان آ؟

نہ.

ڪير آ؟

چيم، لوهاڻو آهيان.

دليپ چيس، گنگا رام جو ڇوٽون نمبر پاءُ آ.

هن مرڪي پاڻ سان گڏ ويهاريو. چيائين "توهان جيڏا ڇوڪرا پاٺ لاءِ مندر ۾ اچن ئي ڪونہ."

ڪيس چيم: پچن پڏاءِ.

هن آهستي آهستي ڳائڻ شروع ڪيو، اکيون پوٺيون ويس ۽ ڳچيءَ جون رڳون ڦوڪجنديون ويس، آڱوٺا نڪ تي توبھ لاءِ پئي ڪيائين.



هاٽي مون کي ننڊ ڪرڻ ڪپندي آ، صبح جو سڌو يونيورسٽي ويندا سي. جڏهن تہ ڪامريڊ روچي رام ڏاڍو زور پريو هو تہ ٿر سڄو گھمي آخري رات مون وٽ رهجو، ڪچهري ڪنداسين پر هاٽي اهو پروگرام ناهي. ڪامريڊ روچي رام انتهائي شفيق ۽ پروگريسو آهي، اسان سان سڄو وقت سنڌ جي ڪاپي ڏر جي سياست ۽ ادب تي ڪچهري ڪئي هئي ان شام جو ڏاڍو زوردار مينهن پيو هو. پڪوڙن پاپڙن ۽ ڪافي پيئندي ڪامريڊ سان ڪچهري ۾ ڏاڍو مزو آيو. ڪامريڊ جي ڪچهري، سائين جي ايم سيد ۽ سوڀي گيان چنداڻي جهڙي لڳي.

ان رات مون کي ۽ ڪنول کي پنهنجي گھر پاتين سان هڪ ئي اڱڻ ۾ ڪٽون وجھي سمهاريو هو. ايڏو پيار ايڏي عزت ڏئي هن ماڻهوءَ تہ مون کي خريد ڪري ڇڏيو. ڪامريڊ جو پٽ نيل ڪنٺ ميڊيڪل جو شاگرد آهي. نيل ڪنٺ نالو مونکي ڏاڍو وڻيو، هندن جي خدا شو جنهن کي نيل ڪنٺ بہ چون هڪ پيري ديئتن ۽ ديون جي وچ ۾ جنگ لڳي تہ ڪير حق تي آهي فيصلو اهيو ڪيو ويو تہ سمنڊ ولوڙجي جيڪا وهہ نڪري ۽ جيڪو پئي ۽ جيئي تہ اهو حق تي هوندو. سمنڊ ۾ جبل رکي نانگ وڪوڙي ڪچون مٿان رکي منڌاڻي ناهي سمنڊ ولوڙيو ويو، جيڪو وهہ جو وٽو نڪتو، اهو مها ديوا/ شو پيتو سڄو جسم ڪارو ٿي ويس، ڳچي گھري نيري ٿي ويس. ديون جي فتح تي تنهن پنيان ان کي نيل ڪنٺ چون.

پرتان لالٽين پري ٿي، مال جي چڙن جا آواز اچن ٿا، منهنجون اکيون پريون ٿيون وڃن، ننڊ پئي اچي.

ٿر ڇڏيندي ڏک ٿو ٿئي.

هر شيءَ جو انت آ.

انت جو انت،

ڪٿي آهي.

رڳورچ آهي،

رڳورچ آهي.○

غريب
جو گهر،
ڌرتيءَ جو دوزخ○

ڪنڊڻ
مان هلندڙ
رستا!
تون،
ڪيڏو خوبصورت آن.○

اِها
ڪيڏي نہ
ٽريجڊي آ
تہ ڪو پنهنجي
ڏک کي
لفظ ئي نہ ڏئي سگهي.○


books.sindhsalamat.com

توهان
سڀ رنگ هاري ڇڏيو.
پاهر
آڪاس تي اندلٺ
ڦهليل آ.○

زندگي
۽
ميوزڪ جو اهڙو رليشن آ.
جهڙو،
آڪسيجن
۽
ماڻهوءَ جو.○

تون
تون
تون
.......؟؟
؟؟
سڀ ڪجھ آن
سڀ ڪجھ آن.○


www.sindhsalamat.com

آخري بس بہ نڪري وئي.
اولڊ ڪيمپس مان ٽيچرس جي پوائنٽ تي چڙهياسين.
پوين سيٽ تي طارق مان سڪڙجي ويهي رهياسين.
هوءَ تازو آمريڪا مان Ph.D ڪري موٽي هئي، ڏاڍي سوبر آهي. مان سندس هڪ ڪهاڻي پڙهي آهي.
پروفيسر هن جي اگهاڙين پانهن کي ڏسندي اگهاڙا چرچا ڪري لست ٿا وٺن. هوءَ ڏاڍي برد باري ۽ خوش اسلوبي سان ڪين جواب ٿي ڏي.
يڪو اهو ساڳيو بحث ٿا ڪن تہ
”ميڊم! اهيو برگر اسان کي ڏي“
”نہ“
”ميڊم! هن کي ڏي، هي گنجو آ“ هڪڙي پروفيسر چيو.
ٺهڪ اجايا ٺهڪ.
”ميڊم! مون کي ڏي“ هڪ نوجوان ليڪچرر چيو
”نہ“
”ميڊم! ڏسو هاڻ تہ ويجها آهيون... ڏيو ڪٽي.“ هڪ سنهڙي پروفيسر چيو.
ميڊم ڪنڌ ورائي سيني کي ڏسندي چيو.
It will be very unpleasant to listen hungry barks of my dogs..
ڪنهن جواب نہ ڏنو.
سڀي بس خاموش هئي. مون کي لڳو، سڄي بس خالي آهي، ائين پئي ڊوڙي اجائي سڀُرهاءِ وي تي.○


books.sindhsalamat.com





www.sindhsalamat.com

هاٽي اک کولي آهي.

ڪمرو سڄو رابيل جي گلن جي خوشبوءِ سان واسيل آهي. رات سڄي قيس سان يونيورسٽي ۾ ڪالوني جي روڊن تي رلي سندس گهر آياسين، قيس اٽو ڳوهي ماني پچائڻ جي ڪئي پر نہ پڪي، ڳوهيل اٽو ٻاهر ڦٽي ڪري، چانهہ ٺاهي پيتي سي.

قيس منهنجو پينسل سان پورٽريٽ ٺاهيو، ان جي مٿان منهنجي ڊائري ۾ لکيل، هڪ پيج لکيائين:

"توهان
مون کي پنهنجي
ذهن مان
تڙي ڪڍيو
مان توهان کي
وسارڻ لاءِ سوچيندس"

صبح جو پٽاٽن، ٽماٽن سان نيرن ڪري آءِ قاضي جي مزار ٻاهران ليٽرن مان فريش ٿيم. اهو باٿ روم ڏاڍو استعمال ڪيو آهي. ڇت نہ اٿس لڳندڙ هوا مٿان ڇڻندڙ پنن ۾ هت ڏاڍو مزو ايندو آهي. قاضي جي مزار تان رابيل جا گل پٽي اچي روم ۾ رکيم گهري ننڊ ڪري اٿيو آهيان. ريڊيو کوليم، خبرن ۾ ٻڌايائون تہ:

ساحر لڌيانوي مري ويو.

ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو. رابيل جا گل ۽ خوشبوءِ سندس نانءِ ڪيم. ○



آگم جي آفيس مان اٿي مان ۽ طارق ڊيلڪس هوٽل ۾ آياسين. هن جاري مان ڪيس نمبر ڏنو.

هن ڊائل ڪري چيس: "سر انگيج آ".

مان ۽ طارق ٽيبل تي ويهي رهياسين. چانهہ جو آرڊر ڏنو.

چوڻ لڳو: "يار هُن مون سان ڏاڍي زيادتي ڪئي آ.... هوءَ سڀ ڏنل گفٽون ڦوٽوز ڊائريون کڻي هلي وئي. پر مان وٽ اڃان بہ هڪ شيءِ آهي."

اوچتو بيري طارق کي فون جو اشارو ڏنو.

طارق رسيور کڻي ڪجهہ ڳالهايو ۽ مون کي چيائين 'هل.'

ڏٺم تہ طارق ٽڪڙو ٻاهر هليو ويو.

مان لڙڪندڙ رسيور کڻي، ڪن تي رکيم تہ آواز هئا:

"امي.... امي باجي کي الائي ڇا ٿي ويو آهي... ڪِري پئي آ".

مان ٽڪڙو ٻاهر طارق وٽ پهتم.

چيائين: "مون وٽ هن جا هٿ اکر اهڙا آهن جو.... مان هن جي زندگي تباهہ ڪندس". ○

## آئوٽنگ

نيٽن ۾
لڙڪن لار
ءِ من ۾
تنھنجي
ڳالھين جي
مٺڙي مھڪار ڪٽي
تنھنجي
شھر ڪان دور
گھڻو دور
نڪري
آيو آھيان...!◌

(اطھر منگي)

تون
پنھنجن نظرين جي
نوڙيءَ ۾ ٿي
ٽنگيو ٿو رھين.◌


books.sindhsalamat.com

خاموشيءَ
جي زبان ۾.
تو ٻه اھو ڪجھ چيو آ
جيڪو مان چيو.
رڳو
رڳو
ضرورت آھي مرڪ جي
جيڪا
تعارف ڪرائي.◌

ھڪ
ٻه
ٽي
چار
ائين ٿي
تنھنجي نالي جي
لفظن جيان
ڏنگيندڙ
اھي ڏينھن
ھڪ ھڪ
ٿي اچن ٿا
ساڙن ٿا

(بڪواس توڪيان)◌


www.sindhsalamat.com

1980 آهستي آهستي رڙهندو رڙهندو پنهنجي منزل طرف وڌي رهيو آهي. مان مشتاق جي ڪمري ۾ چانهه جو ڪوپ اڳيان رکي گهڙيال ۾ هرهر ڏسندي هي خط لکي رهيو آهيان. جتي 12 جي انگ تي ننڍي ۽ وڏي سئي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي 80 کي خدا حافظ چئي رهيون آهن، ۽ مان هن وقت تائين صرف ان ئي گهڙيءَ لاءِ جاڳيو آهيان. هونئن ته سڄي سال ۾ ننڊون پيا ڪيون پر گهٽ ۾ گهٽ نئين سال کي ته جاڳندي خوش آمديد ڪيون. ڪيڏو نه چڱو ٿئي ها، جڏهن اوهان ٻئي هت هجو ها ۽ گڏجي 80 کي الوداع ۽ 81 جي آمد ڪيون ها.

سچ پڇو ته 1980 سال مان اڪيلو گذاريو آهي. اوهان سان ۽ دوستن سان گڏ رهندي به ڌار رهيو آهيان ۽ سڄو سال ڪڏهن به پاڻ کي ڪاٿي به Adjust نه ڪري سگهيو آهيان. جنهن جي خبر شايد اوهان کي به هجي پر مان پنهنجي وس نه آهيان. آهي به ته اسانجي زندگي گهاڻي جي ڏڳي وانگر اکين تي ڪوپا ٻڌي هڪ ئي چڪر ۾ ڦرون ٿا. ۽ مان چوان ٿو ته توهان کي سڄي سال جي هر ڏينهن جو حال ڏيئي سگهان ٿو. هر ڏينهن هڪ جهڙو آهي ۽ ان يڪسانيت کي متائڻ لاءِ جڏهن ڪجهه بدلائيندو آهيان، ته دوست ناراض ٿيندا آهن ۽ دوست خوش ته وري مان Disturb. دوستي عذاب به آهي، ۽ راحت به. ڪڏهن ته اهڙو بيزار ڪري ڇڏي جو دوستيءَ جي پڇر ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي وڃون. پر ڪڏهن ته چوندا آهيون ته هڪ پل به دوست پري نه هجن.

انسان آهي ئي تبديلي چاهيندڙ، پوءِ ڪٿي ڪيڏي به سٺي شيءِ چو نه هجي، انسان ان کان ڀڄڻ چاهيندو جيڪا شيءِ مستقل طور هن سان هوندي.

خير 80 پورو ٿيو ڏسون 81 ڪهڙا ڏک سک پاڻ سان کنيو ٿو اچي؟

تنهنجو اسحاق انصاري



ڪجهه وقت اڳ مان ۽ طارق آرٽس فيڪلٽي جي اڳيان لان تي نارنگيون پئي کاڌيون، ستا پيا هئاسين، مٿي نيري آسمان ۾ پوٽڻين جهڙا اڇا اڇا ڪڪر ترندا پئي ويا.

پريان روڊ تي
ڪار ۾ ظفرحسن گذري ويو
طارق کي چيم:

"اِها ڪهڙي قوم پرستي آهي جو زور پرجي ته "اردو ڪتاب نه پڙهو" اِها ڪهڙي قوم پرستي آهي.... سطحي پڻو آ..!"

طارق کي ڳالهه نه وڻي. چپ رهيو مون کي به مزو نه آيو.

ڪمري تي هليو آيس.

بالڪوني واري در کان سونهري اُس ڪمري ۾ ٽپي آئي آهي، سياري ۾ به دري ۽ در کولي ڇڏيو اٿم.◌



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مان
تباھ ٿي رهيو آھيان
جاڻيندي بہ ڪجھ ڪري نہ
ٿو سگھان.○

جيئڻ
جي
ڪوشش ۾
مري
رهيو آھيان.○

رستا
سڀ منھنجا
هٿ جي ليڪن جيان
بي معنيٰ
ٿي ويا.○



ڇا
ڪيان
هر
ان ڳالھ کي چاهيندي
بہ محسوس نہ ڪيان!
پر
ڪري ٿو ويهان.
۽ تون
سچ
تون
جاڻيندي بہ نہ ٿو جاڻين
لڳي ٿو
تون اڻ جاڻ آن
لڳي ٿو
مان بہ اڻجاڻ آھيان.○

ٻين کي
"چريو"
سمجھڻ واروءَ
"وڏا چريا"
تہ توهان آھيو
جو انهن کي
سمجھي نہ سگھيا آھيو ○

رات ننڍاڪڙي آ. ٻڙ ھيٺان ويٺا آھيون.

ھيٺ ڏاڪڻيون وڃي ڪينجھر جي پيرن ۾ پون ٿيون. ڪينجھر، شو مھراج جي مندرن جي ڏاڪڻ جي پيرن کي چمي ٿي.

ھن ھنڌ ڪان ڏسان ٿو، پرتان ڪجيون ڪنھن ساڌو جيان گيان ۽ ڌيان ۾ گم آھن. طارق، آفاق، اسحاق ۽ مان رسول بخش درس سان ڪينجھر تي گھمڻ آيا آھيون، ڪناري تي گھمندي درس ٻڌايو تہ ھي ھنڌ آ جتي شيخ اياز ”آسارا آسارا ڪينجھر جا ڪنارا“ غزل لکڻ جو خيال آيو ھو. ھاڻ سامھون ڪينجھر ماٺي آھي، لھر نہ لوڏو، وڏا وڏا پيڻ جا پن سانت بيٺا آھن. چوڌاري ايڏي سانت چون ٿا تہ جڏھن حضرت ابراھيم خدا کي قرباني ڏيڻ لاءِ حضرت اسماعيل کي وٺيون پئي ويو تہ ساري ڪائنات سانت ٿي وئي ھئي، اھا ئي دنيا جي وڏي خاموشي سمجھي وڃي ٿي.

ءِ

ھي سانت شو مھراج جي مندر وٽ مون ۾ خوف پيري ٿي چڙي، مان ڊجي رسول بخش درس جي وڏين اکين ۾ نھاري سانت ٽوڙيان ٿو.... جمپيير ۾ جادو آھي سحر آ ڏس آسمان ۾ چمڪندڙ چنڊ جھڙو متي آھي، اھڙو ئي ڪينجھر جي چر تي چمڪي ٿو ٽٽي نہ ٿو.○


books.sindhsalamat.com

مون ڪان
سپ
رستا رُسي ويا آھن.○


www.sindhsalamat.com

اخلاق پيارا

خوش هجين____

هتان خط لکڻ جو واعدو ڪري ويو هئين، پر پاڙيو ڪونه هيئي. ان ڪان پوءِ سندر هٿ "ٻہ اکر" لکي موڪليا هيئي. جنهن جي موٽ ۾ ٻہ سئو روپيا ۽ هڪ ڪهاڻي سنڌي ساهت لاءِ موڪلي هئي مانءِ. اميد ته اهي شيون پهتيون هونديئي. ان سان گڏ ڪوهه جيڏو ڊگهو خط ٻہ لکيو هيومانءِ پر جواب....! چا ڳالهہ آهي، يونيورسٽيءَ وچي اصل وساري ڇڏين سڀ واعدا، (شايد مون ڪي ٻہ). ها توکي ايڏانهن سنا سنا دوست آهن ۽ شايد پيو ٻہ گهڻو ڪجهہ... جنهن ڪري مان پلا توکي ڪيئن ياد پوندس. پر سچ اخلاق، مان توکي الاءِ چو هڪ ڏينهن لاءِ ٻہ وساري نہ سگهندو آهيان. الائجي چوا تنهنجي خط جو انتظار ٻہ ڪندو رهيو آهيان پر ڏاڍو پڪو آهين. خير هاڻي ٻہ مان ئي پيو خط لکان ۽ ان اميد سان تہ جواب ڏيندين ۽ جلدي. تفصيل سان خط لکجانءِ پوءِ وڌيڪ ڳالهيون سنڌي ساهت ڪڏهن پيو اچي؟ تون ڪڏهن ٿو اچين؟

تنهنجو پنهنجو
زيب سنڌي



books.sindhsalamat.com

الائي
چو
مان
اڄڪلهه
روئي نہ ٿو
سگهان.○

غربت
جي
ذلت
انتقام آهي انسان ڪان.○

تون
پٿ تي
ڇڙهندڙ
سائي ول
جيان.○



www.sindhsalamat.com

ياد اٿم
اهي ڏينهن
جڏهن هوا کي
چيريندو ٻوڙندو
هئم
ياد اٿم
اهي ڏينهن.◌

(شرجيل)

اي ڏاهپ!
تنهنجي ئي ڪري
پيڙا تا پوڳيون
تنهنجي ئي ڪري
سک تا ڏسون.◌


books.sindhsalamat.com

## ياد رک!

### توئي دين (ويٽنام)

ياد رک
تو وٽ تنهنجو عقل ۽ تنهنجو علم
تنهنجي وطن ۽ قوم جون امانتون آهن
امتحان پاس ڪري
وطن جي ويرن وٽ
ڪرسي ماڻڻ،
تنهن کان وڏي بي حيائي ذلالت ۽ غداري ٻي ڪانهي.
پنهنجي علم،
کي پنهنجي وطن جي قتل نصيب سنوارڻ لاءِ وقف ڪر.
پنهنجي حياتي جي پل پل سان
قوم جي تاريخ ۾ سونهن ۽ سينگار پيدا ڪر.◌


www.sindhsalamat.com

زندگي
ان پرابلم جيان
جنهن جو
ڪو جواب ڪونهي.◌

مان
سچو اهو رستو
وقت
کان اڳ طئي ڪري
آيو آهيان.◌

اڄ
ائين آهيان
جيئن
ڪالهه هئس
نه
ڄاڻان
اڄ ۽ ڪالهه جي
وچ ۾
آهي ڇا؟◌


books.sindhsalamat.com

ڪمري تي جرڳو ٿيو.
"اڄ کان پوءِ اسان سڀ اقرار ٿا ڪيون ته غلام مصطفيٰ چارڻ جيڪو پاڻ کي شينهن سڏائيندو آهي. ان کي اڄ کان شينهن مڃون ٿا."
پر
"هو دنيا جو چوٿون نمبر، ڪدڙي وارو شينهن هوندو."
اصل ۾ غلام مصطفيٰ چارڻ پيل ڪيڏو به پرسان وينو هوندو پر ڳالهائيندو وڏي آواز ۾. چوندا آهيونس "يار آهستي، رڙ نه ڪر."
چوندو شينهن آهيان شينهن، شينهن گجندو آهي رڙ نه ڪندو آ.
ايل هاسٽل جي ڇت تان رڙ ڪندو ته آواز اسان پنهنجي هاسٽل جي ڪمري ۾ ٻڌنداسين ۽ ڪمري جي بالڪونيءَ مان بيهي ان جو نياپو ونبو.
نصر چوندو آهي ته "جڏهن لائوڊ اسپيڪر نه هئا ته چارڻ جا وڏا دادو ۾ چوڪ تي بيهي خبرون پڙهندا هئا ته سڄو شهر ٻڌو هو.
چارڻ کي چوندا آهيون ته دنيا ۾ ڪل شينهن آهن ٽي، پهريون شينهن لومڙيءَ وارو، ٻيو شينهن پولڙي وارو ۽ ٽيون شينهن گڏهه وارو.
تون ڪهڙي نمبر وارو شينهن آن؟؟
چوندو "مان اصلي شينهن آهيان."
پر ان ڏينهن سنگت مان ڪنهن ڏٺس ته ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ واري روڊ تان ٽڪڙو ٽڪڙو جڻ ڊوڙندو، وار ڪنڊريل وائڙو ته پڇيوسيس
"شينهن! خير ته آهي؟'
چيائين، 'نه... خير نه آهي.'
'ڇا ٿيو؟'
چيائين، 'پاڻ بچائي نڪتو آهيان.'
'ڪنهن کان؟'
'يار! اسٽيشن کان ڊڪندو ٿو اچان، ڪدڙو ڪيڏ آ.'◌


www.sindhsalamat.com

ڪير ٻه ڪنهنجي
مرڻ تي ڪونہ روئندو
آهي.
جي روئي ٻه ٿو تہ
اهي سندس ئي ڏک
آهن،
جيڪي ڪيس روئارن ٿا.○

وقت
حالتون
۽ مفاصلو
تنهي اڳيان اسان مجبور
آهيون
حالت ناڪيلي آهي تہ
مفاصلو ۽ وقت نوڙي ۽ جت آهن
جنهن جي مرضي مطابق
اسان هلون ٿا.○

مان
مان
مان
..........؟؟؟
؟؟
ڪجهه ٻہ نہ آن
ڪجهه ٻہ نہ آن ○



books.sindhsalamat.com

تون آيو آهين... مان 22 تاريخ کان ڏاڍو مصروف هيس. توکي خبر هوندي تہ 24 تاريخ تي سائين مهتاب علي جي شادي هئي. اچ واندو ٿيو آهيان، ۽ سڄو ڏينهن گهر ننڊ ڪئي اٿم. تو وٽ آيس پر خبر نہ اٿم تہ ڪيڏانهن گم آهين. ڪافي وقت اڪيلو ويٺو رهيس، هاٽي وڃان پيو. تنهنجي چاهي ٻہ مون وٽ هئي، جيڪا ٻہ رکيو پيو وڃان. خبر نہ اٿم تہ ڪيترو پريشان ٿيو هوندين يا پيا پريشان ٿيا هوندا.
چڱو موڪلاڻي ڪونهي سياڻي ڊپارٽمينٽ ۾ گڏ.○

تنهنجو قيس



www.sindhsalamat.com

در ڏئي ٻاهر نڪتم ڪاريڊور مان طارق پئي آيو. ٻئي گڏجي هاسٽل جي ڏاڪڻ کان لهي روڊ تي چڙهياسين.
چيائين.. ڇو؟
ڇو
ڇا ٿيو آهي
يار K.N.Shah ۾ فوجين بوٽن سان ڇتي نوجوان ماري وڌو آهي. مزو نڪري ويو آهي. سنڌ ۾ تحريڪ هلي ٿي پر يونيورسٽي کليل آهي.
ٻئي چپ چاپ هلون ٿا.
مان يونيورسٽيءَ کان اڳ ڪجھ مهينا شناختي ڪارڊ جي آفيس ڪلارڪي ڪئي هئي
اتي جيڪو گارڊ هيو، اهو رٽائرڊ فوجي هيو. بشير نالو هيس. ان مون کي ٻڌايو ته ”اسان کي ٻڌايائون ئي نه، ته ڪاڏي ٿا هلون. رات جو ڪراچي مان جهاز تي چاڙهيائون ڊرگ روڊ مٿان ائين پئي لڳو جيئن آسمان ۾ ڪيرڏارا. اسان کي مشرقي پاڪستان ۾ ڍاڪا يونيورسٽي ۾ اچي لاٿوئون، اتي جنهن ڪمري ۾ اسان کي رهايائون، اهو سڄو مٽيءَ ۽ رت سان ڀريل هو، رڳو ڏپ ئي ڏپ هئي.“
هاڻ
منهنجي سامهون هتي سنڌ يونيورسٽي جي اقبال هاسٽل آهي. ائين ته نه ٿيندو جو ڪو فوجي ڪڏهن، ڪنهن کي ائين ٻڌائيندو ته...!!؟؟ ○



ڇا؟
تون به
اهو مون جيان
محسوس ڪيو آهي
ته
ڪي ڪي ماڻهو
ڪڏهن نفرت لائق،
گندگيءَ جو
ڍير بلڪل بدبودار
ڪنهن ڍونڍ جيان. ○

۽
هن پل
تون هن وڻ هيٺان
مون جيان
پنهنجي دل ۾ مون
لاءِ سوچيو هوندو
۽
هڪ نظر انهن
خالي
ڏاڪڻ تي وڌي
هوندءِ. ○



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

؟؟
انسان
انسان جي مرڻ تي
روئي ٿو
حيوان جي مرڻ تي
چو نہ.◌

گل
ڪان ڪير
خوشبوءِ ڪسي نہ ٿو
سگھي
۽
توکان ڪير
؟؟؟

آڪاش
جي باغ ۾
ستارن جي گلن
جي چوڌاري
گھمندي.
چنڊ جي ڦوهاري
آڏو ويهي
ڦوهاري جي پاڻيءَ
سان وهنجي
اڇا اجرا ٿيون.◌


books.sindhsalamat.com

توکي وساري
اکين
مان سپني لڙڪن
کي
ڪيرائي ڇڏيم.
۽
هاڻ
ڪلڻ
۽
روئڻ لاءِ ڪجھ
رهيو ئي نہ آهي.◌

ڪيئن ٻڌايان
توکي لالا
قبرن مان ڪي
تهڪ اٿيا هن.◌

نہ
جاڳان تہ چو
سپ خوبصورت يادون.
بليڪ هولس ۾
گم ٿيو وڃن
۽
توکي
وسارڻ نہ ٿو چاهيان.◌


www.sindhsalamat.com

ڪوبہ خوبصورت ڪونهي
هر هڪ
جو بہ ڌرتيءَ تي رهي ٿو
اهو
اسپتال جيان ٻاهران
سهڻو ۽ اندران ڏاڍو
پيانڪ ۽ ڪوڙهہ ورتل آهي.◌

اسان
سڀ
اسپتالن جيان،
ٻاهران سهڻا.
۽
اندران!
سوچن جا
سوين
مريض
رهايون ٿا.◌



books.sindhsalamat.com

امرتا پريتم لکيو آهي تہ يوگوسلوايا ۾ هڪ نوجوان شاعر، هر هنڌ هر وقت رڳو مون کي ڏسندو ئي هيو، هُن ڪڏهن ڳالهايو ئي نہ. ايئرپورٽ تي ڏسان تہ هن جي هٿن ۾ منهنجو اور ڪوٽ هو:

”اڙي اهو وزن مون کي ڏي“

هن ڪوٽ ڏيندي چيو ، ”ها! هي وزن توهان کڻو، باقي وزن مون وٽ آ.“

اهڙو ئي بار امرتا جڻ اسان تي رکي ڇڏيو.

ڪنول لوهاڻو انڊيا کان واپس آيو آهي. مان ولي رام ولڀ کي بہ دعوت ڏني. روم تي ڊبل ڊائث تي ڪچهري ڪئي سين پئي. هن انڊيا جا حال احوال ڏنا. ٻڌايائين، امرتا پريتم انتهائي نفيس مائي آهي.

مان ڪيس سنڌي ۾ ترجمو ٿيل سندس ناول ”بند دروازو“ ڏنو تہ چيائين

’چاهي؟‘

’توهان جو ناول ”بند دروازي“ جو سنڌي روپ‘

هن ڪتاب ئي نہ ڪنيو.

چيائين، ’رائيلٽي ڪٿي آهي؟‘

چيومانس، ’اسان وٽ رائيلٽيءَ جو تصور ئي نہ آهي.‘

’ڇو؟‘

چيومانس، ’سنڌي قوم موهن جي دڙي جي تهذيب رکندڙ دنيا جي امير ٻولين مان هڪ، هاڻي اسان سخت ڪرائسز ۾ آهيون، پنهنجي ٻوليءَ ۽ تهذيب جي بقا لاءِ جنگ ۾ آهيون.... اسان پنهنجي سنڌي ادب ۾ ڪنهن کي جي جڳهہ ڏيندا آهيون تہ اهو ٿورو تہ نہ آهي پر مڃتا آهي. ۽ سنڌي عزت ضرور ڏيندو آهي. توهان کي سنڌي پيار ڪندا آهن.‘

ڪچهري دوران امرتا چيو سنڌين کي چئجو تہ منهنجي شاعري، ناول ۽ ڪهاڻيون ڇپائن، مون کان اجازت وٺڻ جي بہ ضرورت نہ آهي.

مون کي لڳو تہ امرتا جڻ اسان تي بار رکي ڇڏيو.◌



www.sindhsalamat.com

مون کي پتو آهي
تنهنجن اکين جو
تنهنجن ڳلن جو
تنهنجن وارن جو
تنهنجي مرڪڻ جو
۽
توکي پتو نہ آهي
منهنجن اکين جو
منهنجن ڳلن جو
منهنجن وارن جو
منهنجي مرڪڻ جو
پر
تو سڀ ڪجهہ محسوس ڪرايو
پر
سچ
مان بزدل آهيان
چا ڪيان بزدل آهيان.◌


books.sindhsalamat.com

تن جا ياڳ پلا چئبا
جن جا هن احساس مئل.◌
(زيب سنڌي)

منهنجو
موت
ڏاڍو خوبصورت
هوندو.◌


www.sindhsalamat.com

قسم
آهي توهان کي
توهان جو ئي
جڏهن به
توهان اچو ميڙ ڪري
منهنجي ذهن جي خالي
کوکي ۾ داخل ٿيو
ته
ان وقت
صرف منهنجو هڪ عرض
مڃجو
ته
پاڻ سان
صرف
هُن جي سوچ کي به
ساڻ آڻجو.○


books.sindhsalamat.com

سانجهي ويلي سينٽرل ڪينٽين جي ٻاهران چانهه پيئندي لڳو ته سينٽرل ڪينٽين جي ديوار به ڪارڪن آهي. مختلف دؤر ن ۾ مختلف سياسي پارٽين جي ڪارڪن ٿي نعرا پئي هڻي.

ڪجهه نئين ۽ ڪجهه پراڻي ڍهي ويل چاڪنگ:

”سنڌ يونيورسٽي، بند يونيورسٽيءَ جو وي سي شيخ اياز... شيخ اياز“
”جام ساقي کي...“
”تنهنجو ديش منهنجو ديش...“
”گهنشام پرڪاش ڪٿي آهي.“
”امرلعل...“
”تنهنجو رهبر منهنجو رهبر جي ايم سيد.. جي ايم سيد.“
”تنهنجو ساهه منهنجو ساهه شاهه محمد شاهه...“
”حيدر شاهه جا وارنٽ...“
”ضياءُالحق تي لعنت“
”شهيدن کي سرخ...“○


www.sindhsalamat.com

49 – انٽرنيشنل ۾

هڪ
لاش پيو آ.
لاش
ڪي ڪير به
ڪٽڻ وارو ڪونهي.
ڏپ ڪان هوا،
درين ۽ درن سان،
متو ٿي ٽڪرائي،
پنهنجي بيوسيءَ تي.
پڙدا ڦٿڪن ٿا،
پر
هوا ٿڪجي پئي.
پڙدا ساٽا ٿي بيهي رهيا.
لاش،
خوش ٿي ڪلي ڏنو
ڪلي ۽ روئي ڏنو.○


books.sindhsalamat.com

اڄ
جي
ڊائري
جو
صفحو
تنهنجي
نالـــــــي.○


www.sindhsalamat.com

اسان جيئن ئي ٽئي ڀائر هڪ ئي روم ۾ گڏ رهڻ لڳاسين.

تہ مون چيو هاڻي اسان ٽئي ڀائرن سان گڏ پارٽنر بہ آهيون، ڪو ننڍو وڏو، ڪو جونئير سينئر نہ آهي. سڀني جو هن ڪمري ۾ هڪ جيترو حق آهي.

صبح جي چانهہ جيڪا روم ۾ ٺهندي، ان لاءِ ڪڻا ٿيندا جنهن جو ڪڻو نڪرندو اهو چانهہ ٺاهيندو.

روز ڪڻا ڪيندا آهيون. ۽ روز ئي منهنجو نالو نڪري. مان پريشان اڄ بہ ڪڻو ڪيو. ان ۾ بہ منهنجو نالو هيو... ٽئي پرچيون قبضي ۾ ڪري کولي پڙهيون تہ منهنجا ئي نالا هئا.

هاڻي هر صبح جو مان وڏو ڀاءُ هوندو آهيان ۽ ننڍا چانهہ ٺاهيندا آهن.○


books.sindhsalamat.com

ايڪسپريس ڀڳي ٽوڙهي ڏانهن وڌي رهي آهي. ريل ڀڳي ٽوڙهي وٽ نانگ وانگر وڪڙ کائيندي ڊوڙندي اڌ گول ۾ ٿي ويندي آهي ۽ هيٺ ماٿري، سايون ڀنيون ۽ پرتان دريا تجلا پيو ڏيندو.

هيٺ گهرائي ۾ ڏسي ممتاز سولنگيءَ کي چيم: ”خودڪشي ڪرڻي هجي تہ هتان ڪجي“.

هُن رڙ ڪري چيو: ”نہ ابا! ماڻهو مري وڃي“.○


www.sindhsalamat.com

*ایسا نہ ہو یہ درد بنے درد لازوال،*
*ایسا نہ ہو کہ تم بھی مداوا نہ کر سکو۔*

پيارا اخلاق

اميد تي خوش هوندين

خط جي آخر ۾ تو لکيو آهي: منهنجو موت منهنجي هٿان ٿيندو.

مان جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هيس، هڪ دفعي شهر ۾ روڊن تي گهمندي شوڪت کي چيو هيم، 'يار! منهنجو موت ڪنهن حادثي ۾ ٿيندو يا خودڪشي ڪندس.' ان ڳالهه کي چار پنج سال ٿي ويا آهن پر انهن پنهي مان ڪا به ڳالهه ڪونه ٿي آهي.

هڪ دفعي جڏهن عابد مظهر يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري ڪندو هيو، طارق به هيو، چيوهياٿين منهنجو وس نٿو پڄي نه ته خودڪشي ڪيان. ان وقت نه ماڻڪ خودڪشي ڪئي هئي ۽ نه مانيٽي اوني درياهه ۾ ٽپو ڏنو هيو. مون پڇيو هيومانس ته تنهنجو وس ڪيئن نه ٿو پڄي؟

”منهنجون ٻانهون ننڍيون آهن، مان جڏهن بندوق پاڻ تي هلائيندس ته منهنجا هٿ ٽريگر تي ڪونه پهچندا“ وراڻيو هياٿين.

مون ڪيس چيو هيو ”ماڻهو جيڪڏهن خودڪشي ڪرڻ چاهي ته اهو مسئلو ڪونهي. اسان وڏا بزدل آهيون، پيو ڪجهه ڪرڻ کان پاڻ بچائڻ لاءِ آپگهات جو سوچيون ٿا. ۽ ان کان بچڻ لاءِ پيا بهانا ڳولي وٺون ٿا.“


books.sindhsalamat.com

هو منهنجي ان ڳالهه سان به متفق ڪونه ٿيو هيو. ساڳي عابد کي نوڪريءَ مان به ڪڍيو ويو ۽ انهن ڏينهن ۾ ٻهرين ڪان به وڌيڪ پريشان هيو. پر آپگهات نه ڪري سگهيو.

حقيقت ۾ آپگهات جون ڳالهيون ڪرڻ سوليون آهن ۽ آپگهات ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو. اهڙن موقعن تي مون کي انور جو آزاد نظم ياد ايندو آهي:

زندگي
ڪيڏي به رڪي
ڪيڏي به ڏکي
ڪيڏو به ڏچو
جيڪڏهن سچ پڇو
موت کان پياري آهي.

مون هاڻي آپگهات جو ڳالهيون ڪرڻ ڇڏي ڏنيون آهن ته مان اهو سوچڻ لڳو آهيان ته اهڙا ڪيترائي ماڻهو آهن، جيڪي مون کان به ذليل زندگي گذاري رهيا آهن. ان حوالي سان مان پاڻ کي خوشنصيب ٿو سمجهان. وري ائين به ڪونهي ته هيءَ زندگي گذاري نٿي سگهجي. بابا (منهنجو پيءُ) سڄي زندگي محنت ڪندو رهيو آهي ۽ تڪليفون ڏسندو رهيو آهي. هن وقت جڏهن سندس ٻه پٽ نوڪريءَ سان آهن، ٽيون ڊاڪٽري پاس ڪري چڪو آهي ۽ جلدئي ڪنهن روزگار سان لڳندو، پاڻ اڃا تائين نه رڳو سڪون سان ويهي ڪونه سگهيو آهي پر اڳي کان وڌيڪ محنت ڪري رهيو آهي. جيتوڻيڪ سندس نظر جو اهو حال آهي جو پڙهڻ وقت آتشي شيشو (Lens) استعمال ڪرڻو پوندو اٿس. ۽ خبر ناهي سندس نظر ڪنهن وقت بلڪل جواب ڏئي ڇڏيندي. تنهنجي نظر ۾ ڇا هاڻي بابا کي آپگهات ڪرڻ گهرجي؟ ۽ جيڪڏهن ائين ڪندو ته انهن حالتن ۾ جن جي ڪري ڪيس اها محنت ڪرڻي پوي ٿي، تبديل ٿي وينديون؟


www.sindhsalamat.com

اخلاق! تون قيس وٽ رهي آيو آن. قيس کي اسان کان وڌيڪ پگهار ملي ٿي پر هو ڪيئن ٿو گذاري، ان کان اڻ واقف تون بہ ڪونہ آهين. هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي مختلف ڏچن ۾ زندگي گذاري ٿو، ۽ سچ تہ ڏچن ۾ گذارڻ ئي زندگي آهي. پار جڏهن جوان ٿئي ٿو تہ ڪيترائي خواب ڏسي ٿو. ۽ ضروري ناهي تہ ان جا اهي خواب ساپيا جو روپ بہ وٺن. ۽ سچ پچين مون وٽ تہ هاڻي ڪوبہ خواب ڪونهي، جنهن جي سهاري زندگي گذاريان. ڪڏهن ڪڏهن مان اهو بہ سوچيندو آهيان تہ ننڊ ۾ ئي سهي ڪوڙو ئي سهي، ڪو تہ خواب ڏسان. پر نہ مون وٽ ڪجهہ بہ ڪونهي وقت گذارڻ لاءِ روڊن تي رلندو آهيان. بسن ۾ ڌڪا کائيندو آهيان، هڪڙي پاسي کان ٻئي پاسي، ٻئي کان ٽئين پاسي ايندو ويندو رهندو آهيان. ۽ ان کان سواءِ پيو ڪري بہ ڇا ٿو سگهجي. آپگهات ڪرڻ سان مون وٽ منهنجا خواب موٽي تہ ڪونہ ايندا؟ ها مون جيڪي ذلتون ۽ محبتون زندگيءَ ۾ ڏٺيون آهن، اهي مون کان ڪونہ وسرنديون . وسارڻ چاهيان تڏهن بہ نہ پر انهن کي ياد ڪرڻ مان ڇا ورندو. بهتر آهي تہ انهن سپني کي وساري ڇڏجي. سپني کي وساري ڇڏجي. شايد ان ۾ ئي اسان جو ڀلو آهي. ۽ شايد ائين ڪرڻ سان ئي اسان جيئرا رهي سگهنداسين.◌

تو لاءِ
تنهنجو
الطاف احمد



هن قبر ۾
مان پوريل آهيان.
دعا پڙهڻ جي ڪا بہ
ضرورت ڪانهي.
۽
نہ ئي روئڻجو.
ڇا لاءِ؟
تہ مون کي پڪ آهي،
تہ اهي ڳوڙها توهان
مون لاءِ نہ ٿا ڳاڙيو.
پر
پنهنجي ئي مئل
ارمانن تي روئو ٿا.◌

اخلاق

ڪمري جي
درين ۽ دروازن کي
بند ٿي رهڻ ڏيو
پوءِ ٿو ٿئي
تہ روشني
اچي
اوندهہ سان گڏ
مون کي
بہ نہ تڙي ڪڍي.○

سوچيو اٿم
اڄ ڪان پوءِ
مان اهو ڪجھہ
نہ سوچيندس
جنهن ۾ تنهنجو
ذڪر هجي.○



اڄ ننڍي پيءُ جو خط. آيو اسحاق ڏي، لکيو اٿئين

پيارا پاءُ

......... توهان محنت ڪري پڙهو. اسان ۽ امان توهان کي ڏاڍيون دعائون ڪندا آهيون. توهان پاس ٿي وڏا آفيسر ٿيو. توکي گٽار وٺڻ جو شوق آهي.... مان پنهنجي خرچي گڏ ڪري 20 روپيا. هن لفافي ۾ وجهي موڪليان ٿي...

پر لفافي ۾ فقط خط ئي هو.
اسحاق ڏاڍو رنو. اجا بہ روئي پيو.○

سڀ
لفظ گم ٿي ويا
توکي،
ڏسندي ئي.◌

مان وٽ رڳو
لفظ ئي آهن
بنا اثر
بغير موسيقيءَ جي
خالي خالي
(مون جهڙا)◌



رات سڄي عذاب ۾ گذري. اندر ۾ هرويرو جو هڪ ڏک آهي، اڪيلائپ جو احساس آهي. ڪنول لهاٽو روز صبح جو ساجهر اٿڻ مهل بيبڊ چڙٺ ڪان اڳ مون کي ميران ٻائي جو ڪو نہ ڪو راسوڙو ٻڌائيندو آهي.
اڄ ٻڌايائين
ميواڙا راڻا زهر پيئو جاڻي جاڻي....◌

منهنجي
هڪ
خواهش آهي ته
اي خدا
هڪ دفعو مان ڪي
ڪجهه مهينا
T.B سينيٽوريم ۾ رکـ.◌

چا؟
لکان؟؟
صليب ناهي تو چڏيان.◌
(امداد حسيني)



Dear Akhlaq,

How is it, that I have not heard from you, far long I am ok, hope you to be the same Ishaq and Afaq are also ok.

The exams of theirs are over, Ishaq was land up with malaria during the exams. He appeared in the papers in the feverish condition. And now he is ok and fine.

Yesterday I went to meet Zaib at his store over there we had a long conversation on your personality and literary work, Zaib gave me a copy of “Sindhi Sahat” in which your dairy has been printed. I read the dairy with great interest particularly the following notes:

.1
خودڪشي
پنهنجو پاڻ سان
بي انتها
پيار جو ثبوت آهي

.2

مان پاڻ کي

توهان وٽ

وساري آيو آهيان

(منهنجي پارت اٿو)

I have also read the comments published in “Daily Hilal Pakistan”. Hope you written anything else or published somewhere.

When are you coming? We have been listening for arrival since long.

Dear there is a request a book “Every Day Science” I had seen at Jamshoro would you please, bring the same, with you when you came. Else is ok. Any service to this side.

Yours
Ashfaq Ansari.



books.sindhsalamat.com

آرٽس ڪائونسل ۾ دير سان پهتاسين.

پير حسام الدين راشدي تقرير ڪري رهيو هو. سڀ چپ ڇڙ تہ ڪڪيل هئا.

چپ چپات اسان ٽن کي ابڙي، طارق ۽ مون کي، ٽي ڪرسيون اسٽيج جي پرسان پاسي سان مليون. سامهون ٽن ڪرسين تي ٽي ڇوڪريون ويٺيون هيون.

پير حسام الدين چئي پيو: مان ڳالهائيندس ڳالهائيندس، توکي جيڪو وٺي ڪر، مون کي ڳلي جو ڪينسر آ، متان آواز بند ٿي وڃي.... پر مان سيد آهيان، سيد جو ڳلو رڳو يزيد ئي ڪٽي سگهي ٿو.

پير حسام الدين راشدي مارشلا خلاف زوردار تقرير ڪري رهيو هيو، هر جملي تي رڳو تاڙيون ئي تاڙيون هيون.

سامهون ويٺل ڇوڪرين ۾ هڪ يونيڪ عجيب ڊونا سمر جهڙي ڇوڪري ۽ پوءِ اسان مان هر ڪنهن ائين پئي سمجهيو تہ ”مون کي ٿي ڏسي“.

هن جنهن کي بہ ڏٺو پئي پر..... مان هن وٽ رهجي ويم.



www.sindhsalamat.com

جنهن
پل
توکي ڏنو اٿم
پنهنجو
پاڻ
وڃايو اٿم.○

مان
رڳو سوچيان ٿو
تو لاءِ
جڏهن
تہ مون کي
سوچڻو اڄان ڪجهہ
پيو آهي.○



books.sindhsalamat.com


Love
L
O
V
E
Love
L – O – V – E
Love (is life)
Love – Love – Love
Love – Love – Love
Love – Love – Love
Love
Love (is fine)
Love
L
O
V
E
(Love might win in the Books not here)
Audin.



www.sindhsalamat.com

سائين جو سؤگنڌ سيان آهي سهڻو.○

(شاهه)

مان
ڪي توهان
سچايون ڏيو
سچ
مان
پاڻ ڪي
توهان ناڻ
ارپي ڇڏيان.○


books.sindhsalamat.com

اڄ مون ڪيس فون ڪئي.

هلو.

جي.

اسلام عليڪم.

جي... وعليڪم اسلام.

ڪير توهان؟

توهان سان ڳالهائڻ ٿو چاهيان؟

توهان آهيو ڪير؟

مان ٻڌايان ٿو، مان توهان سان ڳالهائڻ ٿو چاهيان.

ڳالهايو.

بس توهان ڪي ڏسڻ ڪان پوءِ....

توهان پهرين پنهنجو نالو ٻڌايو؟

في الحال ائين سمجهو تہ ڪو منهنجو نالو آهي ئي ڪونہ.

مطلب؟

مطلب تہ معنيٰ ۽ اهميت تہ احساسن ڪي هوندي آهي.... نالن ڪي نہ....

هُن فون بند ڪري ڇڏي.○


www.sindhsalamat.com

قيس
جڏهن اچ پڇو
نالو تنهنجو
؟
ڇا ٻڌايانس؟
نہ ڄاڻان تہ نالو
تنهنجو ڇا آهي
هن ٺهڪ ڏنا

ۦ

سوچيم
ڇا شخصيت نالن جي
محتاج آهي
يا
نالا شخصيت جا محتاج آهن

ۦ

مان نہ چاهيندي بہ
تنهنجي نالي جي
ڄاڻ رکڻ نہ ٿو چاهيان.◌



books.sindhsalamat.com

جڏهن
ڪاري رات پنهنجي
آلن وارن کي نپوڙي
ماڪ ڦڙا ڪيري.

ۦ

ڪارو ماتمي لباس لاهي
ڏينهن جو
سونهري ڪرڻن سان
اڇيل پوشاڪ پهري.
سچ
تون انهي ڏينهن
جهڙي سهڻي آهين،
پرهہ جهڙي معصوم،
شام جهڙي اداس.

ۦ

مان توکي اداس
ڏسڻ نہ ٿو چاهيان.◌



www.sindhsalamat.com

مان
مري وڃان
تہ
منهنجي
قبر تي ڪتبو
نہ هڻجو.○

سچ
اهو
وقت نہ ڏسان
جنهن
ڏينهن تون
سچائڻ کان انڪار
ڪرين.○

منهنجي
قبر
وڙ هيٺان
ناهجو.○


books.sindhsalamat.com

هوءَ منهنجي حواسن تي ڇانئجي وئي آهي ڪٿي بہ اڪيلي نہ آهي.
سهيلين سان اڄ بہ جاگرافي ڊپارٽمينٽ جي ڏاڪڻين تي ويٺي هئي.
اڄ وري ڪلاڪ اڳ ڪيس هاسٽل تي فون ڪيم ”ڪمرو نمبر 5 بلاڪ بي“.
ادي ڪمري نمبر 5 مان شاهده کي تہ سڏائي ڏيو.
جي.
پرتان قدمن جا آواز پڌم پئي تہ جسم مان سگهہ ڇڏائجي وئي.
هلو.
جي هلو.
ڪير؟
اهو ئي نيم ليس بواءِ.
تون چاهين ڇا ٿو؟
بس توسان ڳالهائڻ ٿو چاهيان... الائي بہ ڇو تون منهنجي ذهن تي حاوي ٿي وئي آهين.
پوءِ مان ڇا ڪيان؟
ائين ڪر بہ تي گاريون ڏي.
مان بد تميز نہ آهيان.
مون کي خبر آهي صرف تون مون سان ڳالهائيندي ڪر...
توهان مونکي ڊسٽرب ٿا ڪيو.
مان پاڻ ڊسٽرب ٿي ويو آهيان.○


www.sindhsalamat.com

تون
مان
هر هڪ
۽
سڀ ڪو
صرف
پاڻ لاءِ ئي
ٿو سوچي.○

تو
ڪٽيو
مون
هارايو
تون
هاڻ تون نہ آن
۽
مان
هاڻ مان نہ رهيو آهيان.○


books.sindhsalamat.com

محبت = نفرت
|
بي انتها محبت
ئي
بي انتها نفرت
آهي.○

گوتم
بي انتها بزدل هو
۽
تون گوتم کان متاثر
آهين؟
تون خودڪشي ٿو ڪرين
گوتم جيان.○


www.sindhsalamat.com

اج مان ڏاڍو هلڪو ٿي پيو آهيان.
سمجهه ۾ نہ ٿو اچي ڇا ڪيان. مان لمحن ۾ بدلجي ويو آهيان سڀ ڪجهہ بدلجي ويو آهي. مان اڃان پاڻ کي سمجهي ئي نہ ٿو سگهان. اڄ ڳالهايو مانس.

هلو.

جي.

هلو.

توهان ايترو ٽائيم ڪٿي هئو؟

منهنجا امتحان هئا اڄ پورا ٿيا.

ڪهڙي ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهندا آهيو؟

ميٿميٽڪ ۾.

رهو ڪهڙي هاسٽل ۾؟

بس منهنجو ڪمرو منهنجي پناهہ گاهہ آهي، ان جي اڳيان توت جو وڻ آهي جنهن تي ڪوئل ۽ ڪٽڇي ويهنديون آهن. اولهہ ۾ لهندڙ سج جي اڳيان موهن جي دڙي جي استوپا جهڙي ٽڪري آ.

هان؟

ها رات جو بالڪوني مان هيٺ ڏسندو آهيان تہ سيڙهہ، سيهڙ، نور، گدڙ، لومڙي، ڳوهہ هيٺ اچي فروٽ جون کلون ۽ ٻچيل ماني کائيندا آهن.

پر توهان ڪوڙ ٿا ڳالهايو.

ڇو؟؟ ڪيئن؟

توکي ائين نہ ڪرڻ کپندو هو، مون کي ادا قيس توهان جون ڪهاڻيون ڏئي ويو آهي. تون ائين نہ ڪرين ها، نالو ٻڌائين ها.

بس... بس نہ...

هاڻي ڪجهہ نہ ٻڌندي ساڻ مون سان اچي مل.○


books.sindhsalamat.com

منهنجون
سوچون،
خيال
سڀ جذبا
شوق
تنهنجي نالي
۽
تون..؟؟

مان
ڪنهن
پيليل پار جيان
اوچنگار ڏيئي
روئي پوندس.
(مون کي منهنجو رستو
ڏيکاريو.)○

مون
کي يقين آهي
تنهنجو
انهن ٿڪن اندر
ڪو سڏڪو بہ هوندو.○


www.sindhsalamat.com

هي دنيا جنهن ۾ اسان رهون ٿا
نه هي اسان لاءِ آهي
نه اسان هن لاءِ آهيون
اسان ته اهي رولو آهيون
جي نئين دنيا جي تلاش ۾
سرگردان رهون ٿا.○

(ايڊورڊ بورڪ. هپي شاعر)

جپان
۾ هڪ ماڻهوءَ جا
پنج سؤ ڊالر بانڊ ۾ نڪتا
هن اهو بانڊ هڪ چوڪ
تي بيهي ڦاڙي ڇيو
”اها دولت منهنجا دوست
کسيندي ۽ مان دوستن کان
الڳ ٿيڻ نه ٿو چاهيان“.
۽
اسان؟؟
جيڪر دولت وٺي دوست ڇڏيون ○



فزڪس ڊپارٽمينٽ جي باٿ روم جي ڀتين تان:

○ توهان جو
مستقبل توهان جي
هٿ ۾ آ...
(يورنل مٿان لکيل)

○ ايترو زور
پڙهائي تي ڏين ها،
ته فزڪس ۾ پي ايچ ڊي
هجين ها.

○ دنيا چنڊ تي وڃي پهتي
تون اجان اتي وينو آن.

○ پنهنجي سامان جي پاڻ حفاظت ڪيو.

○ ڪاپي ڏسو، ساڃي ڏسو
اڙي هيڏي هوڏي نه ڏس پنهنجو ڪم ڪر.

○ Enter like Horse, sit like Thief,
Leave like a King.

مٺا اخلاق

ڪھڙا حال آھن تنھنجا؟

پرين پياءُ

مان ھن دفعي توسان رهاڻ به ڪري نه سگھيس. تنھن جو افسوس اٿم، ھڪ ته موڪل تمام گھٽ مليل ھئي ۽ مٿان تنھنجا امتحان. دل ته ڏاڍي پئي چيو ته توسان ڏگھي ڪچھري ڪريان، پر چاھيندي به توکي روڪي نه سگھيس ھاسٽل وڃڻ کان. خير جيئن تنھنجا امتحان ختم ٿين ته ھليو اچجان، ھتي طاري کي به گڏ وٺي اچجان پر اچڻ کان اڳ مڙئي ٽيليفون ڪجو.

اچڻ سان گھر ۾ طاري ڏانھن به خط لکيا اٿم. امید ته مليا ھوندا.

پرين

تنھنجي ڊونا جو نه پڇي سگھيو ھيس!؟

ته ڪيئن آھي، ڪيس پنھنجي غلطي جو احساس ھوندو. ۽ ھا مٺا، مان ھت آرام سان پھتس، لاڙڪاڻي اسٽيشن تي زيب آيو ھيو ۽ ان سان گڏ منظور ظفر ۽ الطاف بيدار به ھيا. ساڻن ٿوري وقت لاءِ سٺي ڪمپني رھي.

ھاڻ وڌيڪ توکي ڊسٽرب نه ٿو ڪريان، تون پڙھ ۽ امتحان ڏئي، مان وٽ اچ، ڪيئن نيڪ آھي نه؟؟؟

آفاق ۽ اسحاق به امید ته پنھنجي پڙھائي ۾ مشغول ھوندا. کين آھستي آھستي ڪَنَ منجھه سلام ڏيڄ.

ھاڻ ڏيم اجازت

وقت ملئي ته مختصر جواب ڏجان.

گھر وڃڻ ٿئي ته امڙ سائڻ کي پيرن تي ھٿ ۽ سلام سيني کي

باقي پيار ڪارونجھر، خوشبو، بيبي ۽ طاري لاءِ ○

تنھنجو قيس



ايترين
ذلتون سھندي به
انسان
جيئي چو ٿو؟

ته چا
مرڻ کان پوءِ
دنيا ختم ٿي ويندي؟
نه نه نه ؟؟
اجا به وڌيڪ
ٿھندي ○

تون
اھو ٿو
سمجھين ته
تنھنجن انھن
وڏن ٺڪن کي
سمجھي نه سگھيو
آھيان
چريا.○

سنڌالاجي ۾ پري کان ئي عبدالقادر جوڻيجو ا شهد آڱر لوڏيندي چيو:
”واهه اخلاق واهه.... نيٺ مير ماريئي...“
ڪالهه هن مونکي ٻونا سان گڏ گهمندي ڏٺو هو.
چيومانس: ”ادا... توهان جون دعائون آهن...“
ويجهو اچي پڪ هٽندي چيائين: ”مان به اندي هنئي،
ملهه ته مان آهيان.... پر.... ماري تون وئين.“ ○



ڏير تي
سڪل پادر جي
ڪا به اهميت نه
هوندي آهي. ○

دوست
توکان
اهو پڇندو ته
مان بکايل ٻار جيان
توڏي نهاريان.
۽
تون مون ڏي مرڪي
وينو
چتخارا ڏئين. ○

مان
ٻار ٻڌو اٿم.

تو
ٻار ڏٺو آهي. ○



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سپ
ڪوڙيون
روشنيون بند ڪريو
سچ کي اپڙڻ ڏيو.◌

جيڪڏهن
مان توکي اهو
سپ ڪجهه ٻڌايان
تہ
جيڪر
تون مون کان
بي انتها
نفرت ڪرين.◌

مون
سپ
ڏک
پاڻ
ڏانهن
ارپي ڇڏيا.◌



ءِ

هاڻ تاريخ سان گڏ ڏينهن بہ خميس مان بدلجي جمعو ٿي ويو آهي. جڏهن ننڍي سئي ٻارنهن تي وئي ۽ وڏي سئي اڳتي وڌي پئي، تڏهن مان اکين تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻڻ لاءِ هيٺ ڪولر تان پاڻي پيڻ ويم. ڪاريڊور مان گهمندي چنڊ ڏٺم، اڌ هيو. سوچيم ”جي تون ڏرتي تي هجين هان تہ، اي چنڊ! تنهنجو اهو اڌ بہ نہ بچي ها.“

ءِ،

ٽي وي تي ڪامن هال ۾ اردو فلم پئي هلي، سوچيم تہ تون فلم ڏسندي ضرور اهو سوچيو هوندو تہ مان بہ هاسٽل ۾ فلم ڏسندو هوندس. پاڻي لاءِ ڪولر هيٺان جڳ رکي چوڪيدار کي ڏٺم، ويڙهيو سيهڙيو خاموش ويٺو هو. Volume matric flask ۾ گلدستو ناهڻ لاءِ گل پٽيم، هيٺين ڪاريڊور مان بہ ڏيڏريون هڪ ننڍي ٻي وڏي لنگهن پيون، گڏ ئي گڏ منهنجي گذرڻ ڪري هو پئي مختلف طرفن ڏي هليون ويون. بهر حال مان ائين نہ چاهيو هو. ڏيڏرن جو سنجوڳ بہ عجيب آهي. نر مادي جي مٿان چڙهي رڳو سندس پيٽ کي زور ڏيندو، ان جا آنا نڪرندا، هو نر داڻا ان مٿان هاريندو ۽ بس!.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هونئن بہ ٻين جا ڪھڙا سيڪشول رليشن سٺا هوندا آهن! مان ڪرڙين، طوطن، ڪبوترن، ٻلين، ڪتن، گڏهن، ٻڪرين، مينهن جا لڳ ڏٺا اٿم. انهن ۾ هر هڪ جو عجيب ۽ وحشت ڀريل ۽ نفرت لائق سنجوڳ هوندو آهي. باقي ڪبوتر وٺ اهو آهي جيڪو انسانن وٽ بہ نہ آهي.

۽،

هاڻي جڏهن مان اڪين تي چنبڙا هنيا اٿم، تڏهن بہ هڪ اک کُري ٿي، ڪجھ ڪلاڪ اڳ لکيو هيم:

سچي
شهر جون
گهٽيون گهمي
رلي ٿڪي
اچي
سٽو آهيان
تنهنجي
سوچ سان.◌

سڀ
اخلاقي پابنديون
مون اڳيان
پاٽيءَ جي
ليڪن جيان ◌

لڳي
ٿو
دنيا ۾ رڳو بہ شيون
آهن ۽ انهن جي وچ ۾
ڪابہ
شئي ڪانهي.◌

ماڻهو ماڻهو
پاڇي جيان
بي جان ۽ بي ست
ڪنڌ نوايل
سڏڪا سمهيل
سوچون سوچيندا وڃن ٿا
سوچڻ ڪو ڏوھ تہ ڪونهي
سوچڻ ڪو ڏوھ تہ ڪونهي؟ ◌

هاستل جي ڪاريڊور مان پرين ڇيڙي تي امداد چانڊيو هٿ مٿي ڪري لوڏي سلام ٿو ڪري: ڪامريڊ پورهيت انقلاب زندهه آباد رڙ ٿو ڪري ته "Internationalism is real nationalism"

امداد پيارو دوست سنو شاعر ۽ ڊي ايس ايف جو مرڪزي عهديدار آهي. ۽ انهن يونيورسٽي ۾ بلوچ اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن کولي آهي، جنهن ۾ ڪوبه ميمبر بلوچستان جو بلوچ نه آهي.

مونکي ڏک اهو آهي ته B.S.O ۾ به امداد عهديدار آهي. مان ڪيس جواب ڏيان ٿو: ڪامريڊ، Nationalism, is a real Internationalism مظلوم ماڻهو ۽ مظلوم قومون زندهه آباد."○


books.sindhsalamat.com

برائي
چا آهي
ڪجهه به نه
اهي سڀ
اسان جا ماپا آهن
سچ
اسان انهن ڪان مٿي آهيون
جڏهن
هيٺ ٿيون ته برا آهيون.○

مان
چاهيان ٿو
ڌرتيءَ جي دوزخ
جي باهه مان
نڪري
پولار جي
دريا ۾ گم ٿي
وڃان
|
ٽٽل تاري جيان○


www.sindhsalamat.com

مٺا اخلاق

ڪهڙا حال اٿائين؟

سٺا منهنجا محبوب...

خبر اٿئي الاهي ڏينهن کان ويٺو سوچيان تہ تو ڏانهن خط لکان. پر پنهنجي ذهني مونجهارن ۾ اچي ايڏو تہ اڙجي ٿو وڃان، جو رڳو سواءِ سوچڻ جي، ٻيو ڪو ڪم ٿئي ڪونہ ٿو.

پرين

سچ تہ ياد ڏاڍو ايندو آهين. دل تہ چوندي آ تہ جيڪر تون بہ هتي هجي؟ هتي اچڻ کان پوءِ ڪم جي گهٽائي ڪري بہ پريشان رهيو آهيان. ڇو تہ منهنجن آفيسرن آمريڪا ويندي ويندي مان کي ڪوڙ ساترو ڪم ڏئي ويا هيا ۽ مان وري اهو سڄو پيرڊ اتي يونيورسٽي گهاريو هيو. هاڻ اچي سڀ ڪم کي اُڪلايو اٿم پر آفيس وارن نوٽيس ڏنو آ تہ هاڻي مان موڪلن جي معاملي منجهہ خيال ڪريان! ڇو تہ مان 13 ڏينهن وڌيڪ موڪلون ڪائي چڪو آهيان، جيڪي ڊسمبر تائين وڃي بيلنس ٿينديون.

سو مٺا! هي اٿيئي حال حيات جي ٻارن جا. هاڻ تہ اچي مونجهارن منجهہ ڦاٿو آهيان. پنهنجي شادي حج واري عيد تي ٿيڻ مشڪل آ، ۽ مان پاڻ اهو سوچيو آ تہ اهو پاڻ نيڪ ٿيندو جو ڪجهہ دير سان ڪجي ڊسمبر يا جنوري منجهہ. تيسين پئسن جو مسئلو بہ ڪجهہ گهٽجي ويندو. وڌيڪ تون ٻڌاءِ تہ



ڪهڙا آهن حال تنهنجا. حميده اجا تائين قمبر منجهہ آهي، مان ڀانيان ٿو تہ هاڻ شايد هوءَ وڃي. پر سندس موڪل سيپٽمبر جي چوٿين 4 تاريخ ختم ٿيڻ واري آهي. سندس ڪو بہ احوال اجا نہ پهتو آهي جو هوءَ اتان تہ ڪجهہ بہ لکي نہ سگهندي.

مٺا! مان عيد تي ايندس ڄامشوري، مان ڀانيان ٿو، تون نہ هوندين؟ ها نہ؟ خير جڏهن بہ جنهن بہ تاريخ تي اچڻ ٿيو تہ توکي ٽيلي گرام ڪندس لاڙڪاڻي، پوءِ ملنداسي اسٽيشن تي. سچ تہ تنهنجي سڪ بہ ڏاڍي لڳي اٿم، ۽ ها مان بابا جو لکيل خاڪو (هلال جي ادبي صفحي منجهہ) پڙهيو (ذوالفقار راشدي تي لکيل) سچ تہ مان کي ڏاڍو وڻيو ۽ بابا جي لکت منجهہ مزاح جو انداز تہ پنهنجي الڳ هجڻ جو احساس ڏيندڙ آهي، سچ تہ بابا گهڻي وقت کان پوءِ لکيو آ. پر مان تہ سمجهان ٿو جيڪڏهن وري لکڻ شروع ڪن تہ اڳ کان اڳرا ثابت ٿين. انهي خاڪي جي وڏي خوبي اها جڳهہ تہ ننڍڙي هجڻ جي باوجود مڪمل ۽ ذوالفقار راشدي جو هوبهو اولڙو هيو.

تہ مٺا هاڻ بابا (انيس انصاري) کي خط لکٽو پيو تہ، هو لکن. تنهن ڪري هڪ اڌ ڏينهن اندر کين خط لکندس ۽ گڏوگڏ سندن مهرباني بہ مڃڻي آ. جو سڀ ڪجهہ چڱي طرح ۽ سهڻي نموني سان ڪم ڪيائون (منهنجو مطلب آ تہ مڱڻي جي معاملي منجهہ) سچ تہ جيڪڏهن بابا نہ هلي ها تہ اهو ڪم رنڊڪي پوي ها. باقي ادا هدايت جا ٿورا ئي ٿورا آهن. آفاق ۽ اسحاق ڪيئن آهن؟؟ آهن تہ ٺيڪ نہ؟ کين منهنجي پاران پاڪي پائج. طارو ڪيئن آهي، ڪالهہ سندس خط بہ مليو اٿم. مان سمجهان ٿو تہ هو مونجهاري منجهہ آ! تنهن ڪري تون ڪيس ڪمپني ڏيندو رهجان. اهيو ”منهنجي نالي بدل اٿئي“ ڪيس بہ خط لکان ٿو.

وڌيڪ ڪهڙا حال ڏيان، توکي خبر ٿي مان پاڻ هتي فسٽريڊ آهيان؟ ان ڪري تو ڏانهن ڦهريون لکيل خط ڦاڙي ڇڏيو اٿم ۽ پوءِ نارمل ٿي ائين لکڻ ويٺو آهيان. (تون پريشان نہ ٿيجان) مان ٺيڪ آهيان بلڪل خوش، گهڙي اڳ جي ڏک هيا تن کي ڪن کان جهلي در جي ٻاهر ڦٽي ڪري آيو آهيان. جيڪي اجا

تائين ٻاهران ٻيٺا در کي زور زور سان ٺڪ ٺڪ ڪرڻ لڳا هئا. ۽ مان به ڪين اچڻ نه ڏيندس. ڪيئن نيڪ آهي نه؟ ۽ ها تون گهر جيجل ڏانهن ويندو آهين؟ يا نه؟؟ سندس خيال ڪندو رهه. اهو توکي چوڻ ته فضول ٿو لڳي ڇو ته تون به انهي گهر جو فرد آهين ۽ ان ۾ وسندڙ سيني منهنجا / تنهنجا آهن ۽ تون سان پيار ڪندڙ پڻ. مٺا خبر ٿئي؟ اڄ شام جو جڏهن واڪ ڪرڻ نڪتو هيس ته هڪڙي بنگلي وٽ ٻار اک ٻوٽ کيڏن پيا، سچ ته ان مهل منهنجي ذهن منجهه اها خوبصورت شام (رات) گهوماٽيون ڪائيندي اڀري آئي، جنهن شام تون مان / طارو ۽ ادا هدايت کيڏي هئي ساڳي راند. سچ ته تنهنجي لکڻ جو انداز مان کي جڏهن ياد آيو تڏهن دل چاهيو ته جيڪر هجين ها گڏ ته ڀاڪر پايان ها توکي.

۽ پرين هڪڙي ڳالهه جو افسوس ٿيو اٿم___

اها هي ته اڄ اسانجي آفيس جي چوڪيدار ادا اشتياق جو ٽيلي گرام آٽي ڏنو، جيڪو اسانجي U.N جي ٻي آفيس وارن کي وچي مليو هيو. جيڪا آفيس به سيٽلائٽ ٽاؤن منجهه آهي ۽ انهن يارن وري جڏهن اسانجو چوڪيدار اتي ڪم سان ويو آهي، ته ڏني اٿن، نه ته سمجهان ٿو ته اڃا نه ملي ها. ۽ اها پهتل به سمجهان ٿو ته 29 ڇنڇر جي آهي يا ڀهريائين جي جنهن منجهه لکيل هيو ته مان اچان ٿو 30 آگسٽ ٻولان ميل منجهه. سو مٺا هاڻي ته اچي مونجهاري منجهه ڦاٿو آهيان ته ادا اشتياق ڇا چوندو؟؟ ۽ خبر نه اٿم ته رهيل به ڪٿي آهن؟ سپاڻي جاچ ڪندس. يار ڏاڍو پريشان ٿيو آهيان، سچ ته ائين ٿو لڳي ته ادا چوندو واهه جو آهي قيس؟؟ خير سپاڻي پوري پوري ڪوشش ڪندس

وڏيڪ کهڙا ڏيان حال توکي؟ بس؟

پيرن تي هٿ جيجل جي. پيار خوشبو لاءِ، ننڍڙي ڪارونجهر، ٻيبي ۽ طارق لاءِ. سلام آفاق، اسحاق ۽ سيني گهروارن لاءِ.○

جواب ڏج.

تنهنجو قيس



books.sindhsalamat.com

هي
سپ رشتا
پاٽيءَ جا ڦوٽا

مان اواڪ
اڪيلي پهاڙ جيان.○

دل
ٿي چئي
ساري دنيا کي
مٺ ۾ بند ڪري
ڇپياٽي
پٽا پٽا
ٺمڪ ڏيان.○

ڏس
جيڪو تون ٿو چاهين
سو مون وٽ ڪونهي
جيڪو مان ٿو چاهيان
سو تو وٽ ڪونهي
پوءِ ڀهتر آ ته....○



www.sindhsalamat.com

جڏهن ته
هر انسان
خواهش جي غفائن ۾
گم.
پنهنجو پاڻ ۾ وڃايل
بکايل ۽ اڃايل
ڊوڙندڙ
پاڇن پٺيان .
۽
مان ان دؤر ۾
ياد ٿو ڪيان توکي
ڪيڏو عجيب آهي.○

ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي حالت کي لفظ نه ڏئي سگهندو آهيان
اڄ به الائي ڇا ٿو ٿئي، لڳي ٿو ته مان هڪ ننڍڙي ٻيڙي جو سوار اجهاڳ سمنڊ ۾
ڀٽڪان ٿو
ڪو رستو ڪونهي
ڪيڏانهن وڃجي.
نه چاهيندي به
ونجهه هلايان ٿو.○


books.sindhsalamat.com

اسان جي لاهوري محلي ۾ خوبصورت شاعر قلندر بدوي صاحب جو نوڪر هوندو هو.
ٻار ڇيڙائيندا هئس ”ننڍي.... وڏي“ گاريون ڏيندو ٻارن کي ڊوڙائيندو.
هن جي هڪ پانهن ننڍي هئي ۽ هڪ پانهن وڏي هئي.
هت يونيورسٽي ۾ ڪجهه ڇوڪرن جي به هڪ پانهن ننڍي، هڪ وڏي آهي.
ڪنهن ٻڌايو ”ڏگهڙي جا آهن.“
مان پڇيو، ڇو ڏگهڙيءَ ۾ ٻار ائين ڄمندا آهن ڇا؟
ٻڌايائون، نه اتي هڪ ڊاڪٽر آهي، جيڪو جنهن کي به انجيڪشن هڻندو آهي ته هڪ پانهن ننڍي ٿي ويندي آهي.
مون سوچيو ته چڱو ٿيو اهي لاهوريءَ ۾ نه ٿا رهن.○


www.sindhsalamat.com

ڪالھ جڏھن سجو ڪيڊٽ ڪاليج پيتارو گھمي
آخر ۾ تنبيلي ۾ گھوڙا پئي ڏناسين تہ
هو تھن پيا.
قيس چيو "اسان ڪي ڏسي چرڪن پيا!؟"
ڪيڊٽ مجيب ميتلو ٺهڪ ڏيندي چيو "هنن ڪڏھن وڏا وار ڏٺا ئي نہ آهن."
مان قيس جي وڏن وارن ڪي ڏٺو ۽ هُن مونکي.◌


books.sindhsalamat.com

اڄ ڪوانٽم فزڪس جو پيپر هو. مني ڪلاڪ ۾ ڪري سيٽيون وڄائيندو ٻاهر آيم.
ڪينٽن ۾ ڪي.ڊي.پرهياڙ وائڙو ويٺو هو.
چيائين، ڪيئن ڪيئي؟؟
هٿ سان چپٽي وڄائي
چيم، "هيئن"
هو اڃان بہ وائڙو آ.
ڪنهن جو بہ سٺو پيپر نہ ٿيو آ. سواءِ ٻن ٽن جي. اصل ۾ اسان ڪي ڪوائنٽم فزڪس سمجھ ۾ ئي نہ ٿي اچي صرف رٽيون ٿا. ڪالھ مشتاق ڪي چيم. يار: عثمان ڪيريو صاحب اسٽينسلز ڪي سنڀالي نہ رکندو هوندو!!؟
هو پيپر ليٽو ڪري اسٽينسلز اڇلي ڇڏيندو هوندو. ڪالھ اڍائي ٽين ڏاري ڊپارٽمينٽ جي ٻاهران سر جي آفيس جي دري وٽان اڇلايل گند مان اڄ پيپر واري اسٽينسل ملي وئي. پنج ئي سوال ياد ڪري پيپر ڏئي ڇڏيم.
هاڻ اينڊڙ سيميسٽر جو بہ فڪر نہ آهي.◌


www.sindhsalamat.com

تون
آتما
مان
آتما
تون
پرماتما
مان
پرماتما
آتما پرماتما آهي
پرماتما آتما آهي
پر
تون؟
چو تون آن؟؟
مان؟
چو مان آهيان؟؟◌

منهنجو
ڪو بہ ازم
ڪونهي.
اهو ئي منهنجو
ازم آهي.◌


books.sindhsalamat.com

منهنجو ايترو جذباتي ٿيڻ نيچرل هو.

اڄ ٽيچرس ڪلب ۾ مانيٽو اوٽي جي تعزيتي گڏجاڻي رکي وئي، تقرير ڪندي مان جذباتي ٿي ويم.

تقرير ڪندي چيم: ”اهي سڀ جيڪي مانيٽي کي جيئري مانُ نہ ڏئي سگهيا يا ائين ڪٽي چئجي تہ شعوري طرح نہ ڏنو. بلڪ ان کي نگليٽ ڪيو. ان تي الزام هنيا ويا تہ ايجنٽ آهي، هُن جي ايندي سڀ چڙوچڙ تي ويندا هئا. ۽ هو اڪيلو رهجي ويو...“

هاڻ اهي سڀ پنهنجا هٿ تئي جي پٺي تي هٽي منهن تي ملي چڏين.“

آرٽس ڪائونسل ۾ فنڪشن هيو، جتي پير حسام الدين راشديءَ جذباتي تقرير ڪئي، مان سيد آهيان سيد جو ڳلو يزيد ئي ڪٽي سگهي ٿو. ڳلي ۾ ڪينسر آهي سپاٽي جو منهنجو ڳالهائڻ بند ٿي... اڄ چو نہ حق سچ ڳالهايان ضياءُ الحق سان مخاطب هو ڏاڍو تکوءِ تيز ڳالهايو.

فنڪشن ختم ٿيڻ کان پوءِ اسان فردوس سئنيما وٽ ايس آر ٽي سي جي بس ۾ چڙهياسين. ان بس جي گهٽي ۾ منهنجي پويان مانيٽو اوٽو چٽ جي ريلنگ ۾ پئي هٿ ڦاسائي مون پويان لڳي بيٺو هو.


www.sindhsalamat.com

”مانيٽا مزو اچي ٿو.“

هُن هڪ وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ ان گهڙي ئي سنجيده ٿي ويو، عجيب سنجيدگي ۽ عجيب ٺهڪ جڻ ٿر ۾ ٻڪرال کنوڻ کنوي سڀ ڪجهه روشن ڪري گم ٿي وجي.

بس آهستي آهستي چرندي شهر مان هلندي مارڪيٽ مان نڪري هاءِ وي تي وڏي دونهين سان رڙهڻ لڳي، روڊن مٿان جهيٽي روشني ڦهليل، چوڌاري اوندهه، اوندهه ۾ ديوين جي پراسرار ڀوتن جا پاڇا.

ڄامشوري پل جو وٽندڙ چڪيندڙ ماحول ڪراس ڪري، ڦاٽڪ ٽپي ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ واري ڪالوني جي اسٽاپ تي مانيٽي لهڻ پئي چاهيو ته مان ڪيس روڪيو.

روم تي آياسين. مون کي خبر هئي مانيٽو ڏاڍو پريشان آهي.

انهي رات جو 1.30 وڳي واري پئسنجر ۾ ڳوٺ به وڃڻو هيم، انڪري مانيٽي سان ڪچهري به پئي ڪئي ۽ ٽيلهو به پئي ٿاهيم.

”ها يار! بس مزو نه آهي، اڪيلائپ شديد آهي.“

ڪيس چيم: ”توکي جنهن مهل به ضرورت پوي، ڪچهري جي لاءِ هليو اچ... نه ته به صرف فون ڪندين ته يار مان ئي هليو ايندس.“

”ها“

”پل اڌ رات هوندي ته به ملي پونداسين... ٽائيم جو خيال نه ڪجان.“

”ها... مون کي خبر آهي ته هاسٽلون سڄي رات جاڳنديون آهن.“

”بلڪل“

پر... ٻُڌ رات جو مون کي هاڻ ڊپ ٿيڻ لڳو آ. ڪالوني کان هاسٽلن تائين وڏو پنڌ آ... لڳندو آهي ته ڪو مونکي پويان سڏي ٿو... قدمن جا آواز به هوندا آهن پر هوندو ڪير به نه آهي.

مانيٽي سان اُن رات مان هڪ ڊگهي ڪچهري ڪئي. روم تي چانهه پيتي.



هُن ٻڌايو ته ”هو مون کي مارائڻ ٿا چاهين... ڪو ڏاڙيل آهي، ان کي اهو ٽاسڪ ڏنو ويو آهي ته مون کي ماري... جڏهن ته منهنجو ڪو ڏوهه نه آهي. پر ڪالوني ۾ الائي ڪيترن ڏهاڙن کان اوپرا ماڻهو ڏسان پيو...“

”ٻُڌ!“

”جي“

”ائين ته نه آهي.. پٽي صاحب تي جيڪو نظم لکيو اٿم، انڪري منهنجي جاسوسي ٿيندي هجي..؟“

هان؟

نه يار.

هونئن به ته توکي خبر آهي ته انقلابين کي ائين ئي ته پريشان ڪندا آهن... جيئن هو ذهني مريض ٿي... اڪيلا ٿي وڃن.

اسان اديب آهيون ڪهڙا ٽيررسٽ جو، حڪومت اسان کي مارائي...

حقيقت ۾ مانيٽو اونو شديد اڪيلو ٿي ويو هو، يا اڪيلو ڪيو ويو هو.

هُن جي پريشان رهڻ جا ڪجهه سبب مونکي هي لڳا ته...

1. عشق ۾ ناڪامي.
2. نوڪري وڃائڻ جو خوف.
3. ايجنسي جي جاسوسي.
4. ڏاڙيلن هٿان مارائڻ.
5. جنسي بک.
6. پيار جي اڻ هوند.

جڏهن ته ڄامشوري جي رومانٽڪ ڊرتي ۽ خوابناڪ ماحول ۾ هوائن جا گيت هجن، آزاد ۽ بي خوف ماحول ۾ هو جڻ اڪيلائي جي قيد ۾ ڦاسي پيو... ۽ پوءِ هن کي ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ جي چوڪيدار وٽان هٿ جو ٺهيل شراب ملڻ لڳو ۽ هن کي اهو پيئندي ڏنو ويو. زندگي ۾ Absurdity وڌي ويس.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هو پوءِ خودڪشي ڪندڙ ماڻهن ڪي ئي هيرو تصور ڪرڻ لڳو هو. اهڙو هڪ اشارو ان ئي رات جو جڏهن هن سان گڏ مان ٽيلهو ڪٽي روم ڇڏي ته ڏنو هئائين.

ڪمري جو در ڏيندي دري جو تاڪ جيڪا هٿ جي هلڪي زور ته کلي ويو ڪيس انترلاڪ جي چاٻي رکندي ڏيکاريندي چيو: ”مانيٽا منهنجو ڪمرو ڪڏهن به بند نه ملندئي.. هي چاٻي ڪٽي ويهي رهه، ڪو به نه پڇندئي توکي هت هر وقت ڪونه ڪو دوست ڪمپني لاءِ به ملي ويندو... ٺيڪ آهي نه..؟“

”ها“

مان هن سان ان رات ڀرپور ڪچهري ڪئي. ڏهن ڏينهن جو ڇٽئي ڳوٺ آيم. موٽيم ته دادو اسٽيشن تي اخبار ملي ان ۾ بيڪ اپ نيوز هئي ته ”سنڌوءَ مان اڻڄاتل لاش جي سڃاڻپ ٿي وئي، هو شاعر مانيٽو اوٺو آهي.“

سچ ته ڏاڍو ڏک آهي. ڏک ته انهن جو ٿيو، جيڪي اڄ وڏيون تقريرون پيا ڪن. ان جي فن تي، ان جي اڪيلائپ تي، ان جي سچائيءَ تي. عابد مظهر پرتي وٺي هلي چيو: ”تنهنجو جذباتي ٿيڻ سپاويڪ هو.“

”مان ڏٺو ته عابد روئي رهيو هو....“ ◌


books.sindhsalamat.com

گوتم جو گيان
نه مان
ڪپل وستو جو راجڪمار
”سڌارتا“
نه تون
منهنجي پريم پتني
”يشوڌرا“
نه تنهنجو منهنجو
جائو ڪوئي
”راهولا“
پوءِ به
ٻڄڻ چاهيان ٿو
”گوتم ٻڌ“
ڏيان ڏي
اي ديوتا
ڪو دان ڏي
مونکي
گوتم ٻڌ جهڙو
گيان ڏي. ◌

(اياز عالم)


www.sindhsalamat.com

اخبار ۾
خبر آئي
وچ آفريڪا ۾ 100 ٻارن
کي
سنگينن ۽ ڏنڊن سان
ماريو ويو. هو گهر کري
رهيا هئا. ته اسان اسڪولي
يونيفارم نه پائيندا اسين.

ڇا؟
انهن کي پنهنجا پٽ نه هوندا
ڇا؟
انهن به ٻارن انهن سان
ڪپڙن پائڻ ۽ نه پائڻ تي
انگل نه ڪيا هوندا.
اڄ جو انسان
موت جو ديوتا
اڄ جو انسان
بگهڙ جو روپ.○



منهنجو وڏو Complex منهنجو پنهنجو ڪو گهر نه آهي،
گهر ته آهي
گهر جي اڱڻ نه آهي
ان اڱڻ تي آسمان نه آهي
منهنجو چنڊ نه آهي
مان ڊونا کي چيو هو
اڄ اسان رلندا اچي آءِ قاضي جي پٽيان پهاڙ جي لاهي ۾ ويناسين
هت گهر ناهيون؟ هُن چيو
مان ڏٺو
هُن اٿي. پتر هٽايا. ويهڻ کان پوءِ سمهڻ جيتري جاءِ ٿي وئي.
چوڏاري ديوي جا پوٽا آهن 10x10 جيتري جڳهه صاف ڪئي آهي.
هاڻي هتي ويهندا آهيون مٿان آسمان آهي، منهنجو پنهنجو چنڊ آهي.
ڊونا چيو جڻ هي منهنجو/ تنهنجو گهر آهي
الائي ڇا ٿي ويو
ڏاڍو رنم
ڇيائين
بس ڪر.... بس ڪر...
اسان پنهنجو پڪو گهر ٺهرائيندا اسين.
اجان وڌيڪ روئڻ آيو، هوءِ پرچائڻ ۾ پوري.○

توهان
ها توهان
پاڻ سان نہ
اصولن سان
ساٿين سان نہ
نظرين سان
پيار ڪيو
پر
اي بيوقوف
نظريا ڪنهن لاءِ آهن!؟
انسانن سان پيار ڪيو
توهان انسان سان پيار ڪيو.○

هي سماج
يا
هو سماج
ڪهڙو بہ سماج هجي.
توڪي تن جون پابنديون
سهڻيون پونديون.
چاڪاڻ
تہ
اسان سڀ قيدي آهيون.○


books.sindhsalamat.com

اڄ پڻ اڪڙين سڄڻ پنهنجا ساريا
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن
سندي سڪ پرين لوڪ ڏٺي تان نہ لهي

پاءِ اخلاق سدائين سکيو رهين

جيئي سنڌ چوندي عرض ڪندس تہ ڪافي وقت گذري ويو آهي يعني اٽڪل ڏيڍ سال گذري چڪو آهي تہ هڪ ٻئي جي احوال جي ڪا بہ خبر نہ پئي آهي انهيءَ ۾ منهنجو قصور آهي. ڇاڪاڻ تہ آءٌ ڪافي دوستن کي خط لکندو رهندو آهيان. پر خبر نہ آهي تہ توهان کي ڇو نہ خط لکي سگهيس ان لاءِ معافي. بلڪ اوهان کي منهنجن حوالن جي خبر پوندي رهندي هوندي. اڄ خيال ٿيم تہ ڪي خط وسيلي اوهان سان بہ چار ڳالهيون ڪجن. آءٌ ڏيڍ سال کن اڳ ۾ پاڪستان سرڪار جي روبي ۽ الياس ابڙي ۽ ان جي پالتو نمڪ حلالي ڪتن کان تنگ ٿي آمريڪا هليو آيس. شروع ۾ مون کي ڪافي تڪليفون آيون، ڇو جو نئون ماحول هيو، سڀ کان وڏيڪ ٻولي جو مسئلو هيو، ڇاڪاڻ تہ پاڻ سنڌ ۾ ڪنهن سان انگريزي ڳالهائي نہ هئي، ان ڪري لڄ محسوس پئي ٿي. جڏهن ڏنم


www.sindhsalamat.com

تہ چئن سالن کان آمريڪا ۾ رهندڙ بہ صحيح انگريزي نہ پئي ڳالهائي سگهيا، ان ڪري آءُ بہ ڳالهائيندو رهيس ۽ هينئر سڀ ڪجهہ سمجهي ۽ ڳالهائي سگهان ٿو، پيو تہ سڀ کان وڏيڪ جاب جي تڪليف هئي. پر مهينن کانپوءِ جاب بہ ملي ويو پوءِ ڪجهہ پريشانيون ختم ٿيون. هتان جو معاشرو ايترو تہ گند سان ڀريل آهي جو ان تي سوچيندي ماڻهو چريو ٿيو پوي. هتي نوجوان نسل چرس، شراب، Sex ۽ ميوزڪ طرف گهڻو مائل آهي. انهن جي خرچ جي پورائي لاءِ ڪافي ڪرائيم ڪن ٿا. روز سوين ڦرون، ۽ چوري جا واقعا ٿيندا رهن ٿا. رستي تي، جاب تي، ۽ گهر ۾ ڪنهن بہ قسم جي سڪيورٽي نہ آهي. رستي تي هلندڙ ماڻهو کي اها پڪ نہ آهي تہ صحيح سلامت گهر پهچندس، گهر ۾ ويٺل ماڻهوءَ کي پڪ نہ آهي تہ اڄ رات خير سان گذرندي. جاب تي اها پڪ نہ آهي تہ اڄ بنا ڦرجڻ جي گهر واپس ويندس. آءُ سال کن جي عرصي ۾ اٽڪل 12 دفعا ڦرجي چڪو آهيان. هتي رسڪ کنيو رهيا پيا آهيون، آءُ تہ تمام گهڻو تنگ آهيان. ٿورا ڪجهہ پيسا بچت ٿين تہ واپس موٽبو. هتي رات جي رنگينين ۾ اگهاڙيون ڪلبون بہ آهن تہ ايئرڪنڊيشن گهر بہ آهن. انهن ۾ پاڻ کي مزو نہ ٿو اچي. چاڪاڻ تہ پاڻ هڪ غلام قوم سان واسطو رکون ٿا. انهيءَ ڪري سڪون نہ آهي. جڏهن آءُ پنهنجن ترقي پسند دوستن جا ڪم ۽ سوچ ڏسندو آهيان تہ مون کي شرم ايندو آهي. هتي ترقي پسندن جي اها سوچ آهي تہ آمريڪا ۾ رهي ترقي پسندي جون ڳالهيون ڪجن ۽ پاڻ کي سرمائيدار بنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هتي سرمائيداري نظام ۾ ڪٿي ٿا سرمائيدار ٿين. چاڪاڻ تہ هتي جڏهن 10 ڪلاڪ روز ڪم ڪيون ٿا، تڏهن وڃي گذارو ٿئي ٿو. جڏهن ڪم مان ڪڍن ٿا تہ وقت گذارڻ لاءِ پئسو نہ آهي. انهي سوچ ۾ آهيون تہ بنا روزگار جي ڏينهن ڪيئن گذرندا. ڪوبہ ڪنهن جي مدد نہ ٿو ڪري. ٻئي طرف هتي سنڌي اديب جو ڪردار ڏسي مون کي شرم ٿو اچي تہ سنڌي اديب جيڪو پاڻ کي ڪهاڻين ۾ ترقي پسند ۽ هر برائي کان پاڪ سمجهندو آهي، تہ اهو بہ ائين ڪري سگهي ٿو. هتي جنهن ڪمپنيءَ ۾ اسٽور تي آءُ جاب ڪندو آهيان، هڪ



سنڌي اديب بہ انهيءَ ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو هيو، جڏهن ان کي ڪمپنيءَ مان ڪڍيو ويو تہ اهو الزام لڳس تہ عورتن جو ڪاروبار ٿو ڪرين ۽ اسٽور جي اندر گراهڪ ڦاسائي انهن کان پيسا وٺندو آهين. جڏهن مون اهو ٻڌو تہ مونکي تمام گهڻو شرم محسوس ٿيو پر افسوس نہ ٿيو.

آءُ هڪ ڪمپني ۾ جاب ڪندو آهيان، 250 ڊالر هفتي ۾ ملندا آهن. ڪلهہ 25 ڊسمبر ڪرسمس ڊي هيو. يعني انگريزن جي شراب پيئڻ ۽ گهمڻ جو ڏينهن هيو. انهيءَ ڪري شهر کي تمام گهڻو صاف ڪيو هئائون، سينگاريو هئائونس. جنرل ضياءَ آمريڪا آيو هيو، جتي بہ ويو، اتي سنڌس خلاف مظاهرا ٿيا. ڪيناڊا بہ ويو پر ڪيس سٺي عزت نہ ملي. اڄ ڪلهہ بيمار آهي ۽ واشنگٽن ۾ علاج ٿو ڪرائي. اوهان کي تہ يونيورسٽيءَ ۾ آخري ڏينهن هوندا چاڪاڻ تہ اوهان کي ڊگري ملڻ واري هوندي. سُندر سان، سُندر ٿي ويا آهيو يا اڃا هاري ۽ زميندار وارو جهيڙو آهي. مناسب سمجهو تہ مٿين ئي ائڊريس تي جواب ڏيندا. آخر ۾ ادا اشتياق ۽ ٻين دوستن کي جيئي سنڌ چوندا.○

بشير شاهاڻي.

مان
پاڻيءَ جيان ،
هر شئي کي
پاڻ ۾ ملائي
سڀ کي سمائي
ٿو ڇڏيان.
انڪري ئي ڪنو ٿو
رهان.◌

ڏس
ڪڏهن
هڪ ديوار
يا
ڏهہ قدم
يا
ٽي لفظ ئي
ڪيڏا ويڇا ٿا وجهي ڇڏين.◌

سوچيان ٿو؟
مان
هيترو وقت
سوچن جي صحرا ۾
ڊڙيو آهيان.
صرف
ننڍڙي غلطيءَ ڪري.◌



پار
علامت آهي
مستقبل جي.
۽
توهان
مستقبل کي ڪنو آهي.◌

گدڙ ڊاک نہ پڄي
آکي ٿُوڪتا.
|
نہ
نہ
|
مون لاءِ هر اها شئي
حسين آ.
جيڪا،
مان وٽ کونهي.◌

مانوارا ڀاءُ اخلاق

اميد تہ مزي ۾ هوندا____

مان بہ هت خيريت سان آهيان... سچ ڀاءُ توهان منهنجو خط پڙهندي حيران تہ ضرور ٿيندؤ، پر مان خط لکڻ ۾ ڏاڍي سست آهيان، ۽ مان هي خط گهڻو اڳ اوهان ڏي لکڻ ٿي چاهيو. نہ!!! بهر حال هينئر بہ ايتري دير ڪونہ ٿي آهي..! ها نہ... ها تہ ڀاءُ مان جيڪو ڪجهہ لکڻ چاهيان ٿي، شايد ئي انهن جذبن کي لفظن ۾ اوتي سگهان! ۽ هڪ مسئلو تہ مونسان اِهو بہ آهي خط لکڻ کان اڳ جيڪو ڪجهہ ذهن ۾ هوندو آهي، اهو مان ڪاڳرن تي اتاري نہ سگهندي آهيان...!!! بهرحال مونکي اوهان لاءِ بي انتها احترام آهي، اوهان لاءِ عزت آهي..!! جو اوهان جي ڪوشش اسان کي (قيس ۽ مونکي) ڏيهہ ۾ مانائتو ڪيو.. سچ تہ اوهان جي والد لاءِ بي انتها عقيدت اٿم، جنهن پنهنجن هزارها ڪمن کي ڇڏي اسان کي ماڳ رسايو... ڀاءُ! دوست تہ جڳ ۾ گهڻائي هوندا آهن.. پر منهنجي خيال ۾ دوست اهي ئي آهن جيڪي هر خوشي ۽ ڏک تائين ساٿ ڏين، ۽ هر وقت سهڪار ڪن.. سو توهان قيس جي انهن دوستن مان آهيو جيڪي هر وقت سهڪار ڪن.. پر پنهنجن وڏن جو بہ سهڪار ڏيارن... ادا! مونکي اڳ ۾ ئي اوهان ۾ اميد هئي تہ اوهين سهڪار ڪندا... توهانکي ياد آهي نہ تہ مون توهانکي چيو هيو تہ توهان ڪم جا ماڻهو آهيو... لاڙڪاڻي ۾ هر ذميداري اوهانکي نڀائڻي پوندي... بهر حال اوهان منهنجن توقع ڪان بہ متاهون لڌا.. بهر حال مونکي قيس جا اهي دوست سٺا لڳندا آهن، جيڪي قيس جي هر سٺائي کي ساراهن ۽ هر ڏک ۽ سک ۾ ساٿ ڏين. ۽ مان انهن لاءِ پنهنجي گهر جا دروازا هر وقت کولي رکندس اوهين تہ پنهنجي گهر جا ڀاتي آهيو.

چڱو ڀاءُ، ٿورا نہ ٿورا مون تي ماروئڙن جا○

توهانجي ڀاڄائي

حميده


books.sindhsalamat.com

مان
جاڳان ٿو
اهو
سڀ ڪجهہ
جيڪي تنهنجي
من ۾ آهي
۽
تون؟
جاڳين ٿي
اهو
سڀ ڪجهہ
جيڪي منهنجي
من ۾ آهي
پر
پوءِ بہ...؟○

اڪيلائي
بزدل بڻايو ڇڏي
تڏهن تہ
مان...○


www.sindhsalamat.com

ڏس
مان ڪيڏو حرامي
آهيان
جو
توکان انتقام
وٺندي به تون
ائين ٿو سمجهين
مان
سڀ ڪجهه وساري چڪو
آهيان
مان
ڪنهن کي به
نه ڇڏيندو آهيان
منهنجا مٺا.○

جاڻ
وڏو دوکو ٿي ڏي
پهرين
سک ڏيئي
پوءِ
ڏک ٿي ڏي...○


books.sindhsalamat.com

اخلاق جاني
ڪڏؤ چيو آهي
اچجو شامَ کان اڳ
ڪٽي وچ
ڪارڊ.
قيس جي وهاڻءُ جا
آيس اوهان کي چوڻ
اوهين آهيو ڪونه
ڇڏيان پيو
هيءَ چٺي
منجهان قربن گهڻن
هدايت پريم تنهنجو.○

اڄ وري آيس پر هت ڪو به نه آهي.
ڪارڊ ڇپجي ويا آهن، ٽيبل تي رکيو پيو وڃان.
صلاح مشورو ڪرڻو هجيو ته ڀلي اچ گهر اچجو.○

فقط هدايت پريم


www.sindhsalamat.com

ڪنهن مان
ڪا اميد نہ رکجي.
اميد اصل ۾
مايوسي جو بنياد آهي.○

ڄاڻ اٿم
؟
؟؟
پوءِ بہ
ڇا ڪجي!○

بزدلي
۽
بهادري
۾
ڪڏهن ڪو بہ
فرق نہ رهجيو وڃي.○


books.sindhsalamat.com

خدا بخش ابڙي جو قيس جي شادي لاءِ ٺاهيل ميندي رنگو ڪارڊ ڏسي مزو اچي ويو.

قيس جو وهانءُ
ڪنوار جي خاني ۾
حميده جو نانءُ.

اوهان کي آهي سڏ
ويهين تي لاڙڪاڻي ۾
سڄڻ ٿجو گڏ.

سمبارا ۾ جاني!
20 جنوري 8 وڳي شام
نڪاح ۽ ماني.

آسائتا ــ انيس انصاري
محمد عالم ابڙو
ذوالفقار راشدي.○

## قربائتي ڪوٽ


www.sindhsalamat.com

سر محمد حسن بودلو وليم بليڪ جو ”The Tiger“ نظم پڙهندو رهيو:
”اهو هٽ ڪيڏو نه مضبوط هوندو، جنهن ايڏي وڏي خوفناڪ شي ٺاهي، ان جون پرندڙ اکيون ۽ ان جا مضبوط ڪلها ڪئين هوندا، جنهن تنهنجي دل جي شريانين کي ٺاهيو ۽ تنهنجن مضبوط پيرن ۽... ان جو هٿوڙو ٻاهه جي ڀٽي، اها سنداڻ ڪيڏي نه وڏي هوندي...“

سر اجان هيءُ سِٽَ پڙهي ٿي ته:

“Did he smile his work to see?”

هُن خاموش ماحول ۾ رڙ ڪندي اٿي چيو:

No Sir! No Sir…

ائين نه آهي ان جو مطلب ته ”God have a definite figure“

No Sir No ائين نه آهي.

هوءَ اجا مس ڳالهائي ويني ٿي ته مان اٿي چيو:

ها خدا ڏسي ۽ پسي ٿو، پليتو چيو آهي ”God ever geometrizes“

هن ڏي ڏٺم، هوءَ ڪنڌ ڌوڻي نهڪر ڪري رهي هئي

۽

منهنجو ڪنڌ به بي ساختا نهڪر جيان ڌوڻجي ويو.



ها
هر نئين شئي
پراڻي شئي تي حاوي هوندي آ.
جمعو،
جمعو
(اٺ ڏينهن).
انهن وچ ۾ ٿيل تبديليون
پنين تبديلين تي حاوي
هونديون آهن.◌

(ارتقا جو اصول)

زندگي
هڪ.
زندگي
سک.
خواهشون هزارين.
خواهش
ڏکُ.
ڏک هزارين.
سکُ
هڪ.◌



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

علڻ فقير چتائي ڏسي چيو.. اُهو آن نہ؟
مون چيو.. جي فقير سائين.
پوءِ کٽ هيٺان وڏي بيگ ڪڍي طارق ۽ مون کي ڪئميرا ڏيکاريائين...
”جپان وارن ڏني آ.“
مووي ڪئميرا هئي، الائي ڪيترا پيسز هيس.
هو فوٽن جو البم ڪڍي ڏيکارڻ لڳو، جنهن ۾ علڻ فقير جاپاني ڇوڪرين سان بيٺو هو.
هي ڏس..!
علڻ هڪ جاپاني ڇوڪري سان بيٺو هو.
چوڻ لڳو: اڙي چريا! بت ناهي، بت ناهي مائي اٿئي.... مائي...
تنهن تي اسان کلڻ لڳاسين.
پاهر آياسين تہ طارق کي چيم، 'يار! مان ڏاڍو ڏجان پيو. اهو ٿي ٿيو.'
'ڇا ٿيو؟؟'
'يار! قيس جي شادي تي هن کان دهل وٺي آيو هئم. شادي تي وئي مهيني کان پوءِ ياد پيو تہ علڻ کي دُهل واپس ڪرڻو آهي.'
هڪ رات علڻ ڏي آيم، در کڙڪايم، جيئن علڻ فقير پاهر نڪتو تہ ياعلي مدد ڪري وجي پيرين پيومانس.
دُهل واپس ڪندي نهنائي مان چيومانس: ”فقير سائين پلا مٿائي ڪيتري تي؟“
وراڻيائين، ”هي دُهل روز 150 ڪمائيندو آ.... هاڻي جيڪي وڻئي ڏي..'
مان 20 روپيا علڻ جي هٿ تي رکي، ڪسڪي ويو هيم.○


books.sindhsalamat.com

اليڪٽران
جيان
قران ٿو
گولائي ۾
هڪ رستي هوندي
مختلف طرف.
مختلف طرفن هوندي
ساڳيو رستو.
ساڳي سوچ،
ساڳي لوچ
(ڪجھہ نہ لهڻ / ملڻ جي)○

پريل
فوڪٽو
ڌرتيءَ تي ڪريل
ٿوري هوا لڳڻ تي
اڏرڻ لڳي ٿو
۽ راهہ ۾ ڪنڌي لڳڻ
ڪري
ڦاٽي پوي ٿو.○


www.sindhsalamat.com

ڪنهن
ننڍڙي شرارتي ٻار
جيان
زندگيءَ جي بيٺل
ڍنڍ جي نيري
پاڻيءَ ۾
پيار نفرت جو
پٿر اڇلين
تہ
جيڪر مان
ٿڪ ڏئي ٽڙي
پوان
ٻوڙي وڃي
ڪناري کي ڀاڪر
پائڻ لاءِ
هليو اچان
تون
جيڪڏهن
ننڍڙي شرارتي ٻار جيان......!○



ها
منهنجي
ذهن جي هڪ ننڍڙي
سجاڳ گهڙي جي
هڪڙي
ننڍڙي سوچ آ.
تہ
تون
هڪ ايتري ننڍڙي گهر ۾
هجين،
مان هجان.

بيوقوفي
سوچ + سوچ = 0
(پنهنجن خيالن جو اظهار
ڪريو
۽
عمل ڪريو)○

جاني!

اڄ جڏهن خوشين جا پکي من اڱڻ تي لهي آيا آهن تہ دک وسري ويا اٿم ۽ تون شديد ياد پيو اچين. اماس جا ساٿي پورنماسي ۾ وڃائجي ويندا آهن يا اکيون بي حياءُ ٿي پونديون آهن پر تون هر پل نئين انداز ۾ ياد پيو اچين. اسين سڀ ڪيڏا نہ پاڳل آهيون جو پل پل جي خوشين ۾ اچيو، ورهين جي ايذائيندڙ ۽ ڏنيپيندڙ ڏکن کي وساريو ڇڏيون. دک سک تہ جيون جي لمبي/ننڍي سفر جا اکٽ ننڍا ننڍا Stops آهن ۽ جيون گاڏي Stops there automatically، ها ساٿي پل، هر پل جا ساٿي، جي جيون سفر طئہ ڪرڻو آ تہ Stops تہ بيهڻو پوندو ڪنهن لوڪل گاڏي جيان ۽ شعور جي تيز نظرن سان ڏسڻو پوندو Stops تہ بيٺل مسافرن کي وياڪل مسافرن کي تہ وقت جي هوائي سندن ڳلن تي ڪيترين لپاٽون هنيون آهن!!

مان ڪالهوڻو ڪالهہ چنڊ پويان هئم ۽ اڄ چنڊ جهول اٿم. ساٿي! تو ڪڏهن چنڊ کي ڪنهن سنسان وياڪل جڳهہ مان اپرندي ڏٺو آ؟

سچ تہ چنڊ سنسان جاين ۾ ڪنهن جوڙن جا سرپاٽ پڏي، ڪيڏو نہ شرمائجي ويندو آهي!

جاني! تو وٽ آيو هئم پر تون ٽوئر تي ويل هئين. جلد توڏانهن ايندم، چوياري کي سلام.○

قرب مان
عبيد راشدي



منهنجي
اندر ۾ توبنا
اپري آيا آهن
سڀ نفرت جا جذبا
ڇڻ
مان آهيان ئي
نفرت جو نهيل.○

مان
ڪنن ۾ آڱريون وجهان
بهتر تہ تون پنهنجي
بڪواس بند ڪر .○

توهان
اصولن کان
وڌيڪ
انسانن
سان پيار ڪرڻ شروع ڪيو.○

اڄ لطيف آباد ۾ هاسٽل وارن جي شهر ۾ رهندڙ دوستن جبار، ارشد، نواز، لياقت، مطلوب ۽ يونس ماني جي دعوت ڪئي.

چار سال گڏ رهياسين، پڙهياسين، رلياسين، هاڻ پتو نہ آهي، تہ وري ملون، نہ ملون الائي ڪير ڪٿي ۽ ڪاڏي هليو وڃي. فائنل ڪرڻ جي خوشي بہ آهي تہ وڇڙڻ جو ڏک بہ.

ماني کان اڳ حال احوال ٿيا، هر هڪ پنهنجا يونيورسٽيءَ جا تجربا ۽ ڏک سک واري واري سان ٻڌايا. منهنجو وارو آخري هو، مان چيو:

اڄ اهم اعلان اهو صرف يونس آرائين لاءِ آهي پر ان معافي سان تہ هي حرڪت منهنجي تہ آهي ئي آهي پر ان سازش ۾ يونس جا پارٽنر بہ شامل رهيا.

مشتاق شابراڻي پڇيو: ڪهڙي؟

چيم: اصل ۾ يونس جنهن کي منهنجو 'پپو' سمجهندو آهي، اهو منهنجو ننڍو ڀاءُ اسحاق انصاري آهي.

رڙيون ٿي ويون. ٺهڪ. يونس شرمائجي ويو. صرف هڪ جملو هر هر چوي "يار ماري ڇڏيو... ڏاڍي ڪئي اٿوَ"


books.sindhsalamat.com

ٿيو ائين تہ اسحاق اسٽيٽسٽڪس ۾ داخلا ورتي. ڪو دوست ڪونہ هيس نئون نئون آيل. شرميلو، روز مون وٽ فزڪس جي ڪينٽين ۾ فري ٽائيم تي چانهہ پيئڻ اچي.

"ڪير آهي؟" يونس پڇيو

"دوست آهي."

"ها سمجهان ٿو دوست آهي پر ڪٿان جو آهي؟"

"يار لاڙڪاڻي جو آهي، پاڙيسري آ، هن جي پيءُ پارٽ ڪئي آهي تہ ان جو يونيورسٽيءَ ۾ خيال رکجانءِ بس."

"يار سهڻو اٿئي، مونکي بہ دوستي رکراءِ"

"حاضر"

پوءِ جڏهن بہ اسحاق مون وٽ فزڪس ۾ اچي، يونس بہ گڏ سموسا چانهہ يونس تي. اهو سلسلو سال ٽائين هليو. ڪيس منهنجي شرٽ پاتل ڏسي ٻئي سينڊل بہ هڪ ٻئي جو بدلائي پايون.

چئي: "يار! رڳو ائين شرٽون پيا بدلائيندو يا....؟"

"نہ پيو ڪجهہ بہ نہ."

"ڪجهہ بہ نہ ڪيئن. ڪجهہ تہ ڪر نہ؟"

۽ بس پيو ڪجهہ جيڪو ٿيو، اڄ سڀ جو ظاهر ڪيو.

يونس موڪلائيندي مهل چيو:"انصارن ڪئي ڏاڍي آهي.... پر خوشي ان ڳالهہ جي آهي تہ انصاري برادران ڪٿي بہ بڪ نہ مرندا."◌


www.sindhsalamat.com

تون
شطرنج ۾
رڳو Defence
ڪندو آهين!
ڇو؟
ڇو تہ مان
Attack جاڻان
ئي ڪونہ.○

هر
مذهب
۾
هڪ
هنومان
هوندو
آ.○



”اسين سڀ تنهائين ۾ قيد آهيون.

اندر جي آرسين ۾ حياتي جي حسن جا پاڇولا ڏسي ڪچن ڏاڳن سان خواب اٽندا آهيون پر ڪچا ڏاڳا ڇڄي پوندا آهن ۽ اسين شاعر ۽ ادب جي پروفيسر ٻڄڻ بدارن ڪلارڪ ٻڄي ويندا آهيون.“

يار اخلاق مٿيون چند سٽون منهنجي خيالن جي ترجماني ڪن ٿيون، جي آغا سليم جون ترجمو ٿيل نظم تان ورتل آهن. مون کي بيحد وڻنديون آهن. ها جڏهن بہ ڪا چڱي شيءَ مون کي وڻندي آهي، اها ياد ٿي ويندي آهي جيئن مدد سنڌي جون ڪجھ هي سٽون” اسان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي تڪليفن جو اظهار پاڻ کان گهٽ ماڻهن کي دڙڪا ڏئي ڇو ڪندا آهيون؟“○

(عابد مظهر)

احساس ڪمتري
۽
ان ڪان پوءِ
احساس برتريءَ
جو
جنم
خوديءَ جو ظاهر ٿيڻ
۽
خودي هٽان
مار. ◌

هي
جي ماڻهو
طنزيہ پچن ٿا
ڪهڙا حال ٿي؟
۽
منهن تي مرڪ جو
ماسڪ چاڙهي
گهمن ٿا
اهي پاڻ ڪي ئي تہ
نڳن ٿا. ◌


books.sindhsalamat.com

مدد علي سنڌي مون کي ٽڪل / وياڪل ڏسي وٺي اچي فاران هوٽل ۾ ويهاريو.

ڪيس پڌايم:

ڇڏي آيومانس ڳوٺ لاءِ، اهي بہ مهينا ڪيئن گذرندا؟

مدد کي پڌايم:

بس اسٽينڊ تائين هوءَ بہ چپ هئي، چا ڳالهايون، جڏهن قبرستان وٽان لنگهياسين تہ ڪيس چيم:

توکي قبرستان وڻندا آهن؟

هن مون کي عجيب نظرن مان ڏٺو، مون ڪيس چيو:

ها مون کي قبرستان ڏاڍا وڻندا آهن، هر قبر ڪتاب ۽ هر ڪتبو ٽائيٽل ۽ قبرستان ۾ لائبريري جهڙي خاموشي هوندي آهي.

هونئن!؟

ها جي مون کي پڙهڻو نہ هجي M.Sc ڪري نوڪري نہ ڪرڻي هجي تہ مان قبرستان جي هر ڪتبي تي هڪ باب لکان، اهو ناول دنيا جو ڏگهي ۾ ڏگهو ناول هوندو.

اڇا!


www.sindhsalamat.com

جي.
هن جي بس جڏهن اسپيڊ وٺي گم ٿي وئي، مان به گم ٿي ويم.
مدد علي منهنجي ڊائري تي لکيو:

دور دور تائين
راهه ڪاٽي
روشن نه هئي.
ڏينهن جي،
هن سفر ۾،
ويندو اڌ پنڌ ۾
سج لهي،
شام منزل هئي
تنهنجي منهنجي.
ائين نه سوچيو هيم
شام منزل تي ويندي
ڪڏهن تنهنجي ۽ منهنجي.○


books.sindhsalamat.com

آفاق کي چيم ته منهنجو ٽيلهو ناهه. هينگر مان ڪپڙا لاهي ڪبٽ کي خالي ڪرڻ منهنجي وس ۾ نه آهي، روئي پوندس. هونئن به هاڻ هيرڻ پن جيان ڦٽي قارون ٿي پيو آهي.

زندگي جا اهم ۽ خوبصورت سال سنڌ يونيورسٽي ۾ رهيم، اها ئي منهنجي ڪل زندگي آ. ڇئن سالن جو ڪورس ستن سالن ۾ پورو ٿيو. الائي ڪيترا حادثا مارشلا ۽ تحريڪون رهيون. اڪثر غير يقيني صورتحال رهي، يونيورسٽي بند، کليل، بند کليل ٿي رهي.

يونيورسٽي جو وڻ وڻ مون کي سڃاڻي، هر روڊ هر ته واٽ ۽ هر چوواٽي تي منهنجون يادگيريون آهن. رستا منهنجا دوست رهيا. انهن تي گهمندي سدائين پرسڪون رهيم.

ڪالهه ڪان مختلف دوستن سان مسلسل گهمندو ۽ ڳالهائيندو رهيو آهيان الائي ڪيترين ڳالهين کي ورجايو به.


www.sindhsalamat.com

مون کي فزڪس ڊپارٽمينٽ ۾ ان جي ڪينٽين جو مالڪ بابو، سپاجهو ٻيرو لالي بہ اڄ ڏاڍا پيارا لڳا چوڪيدارن ۾ ڏوبي عمر ۽ ٻورچين سڀني کان موڪلايو.

اندر خالي آهي يونيورسٽي روز جيان ئي آهي سينٽرل ڪينٽين ۾ شاگرد وينا آهن. پليٽن تي چمچن لڳڻ جو آواز آهي، روڊن تي ٻلبن جي جهيڪي روشني ۾ جهومندڙ وڻ اڪيلاءِ اواڪ رستا، سڀ ڪجهہ ساڳيو آ پر مان بدليل آهيان.

آخري دفعو ڪمري جي بالڪوني مان موهن جي دڙي جهڙي ٽڪري پٺيان لهندڙ سج ڏٺو. ڪمري جي ڇتئي پٽين کي چميو ۽ هر هڪ ٽائلس تي پير پير ڪري رکيو، لطيف جي ميلي تان هر سال ورتل ڳانا پٽ تي ٽنگيل ئي آهن. ڪارنر تي ايبسٽريڪٽ تصوير پيل آهي، عمر خيام جي رباعي تي اسحاق جو ٺهيل رليف، ٻاٻري ڪنڊن جي تاري ٻوتل ۾ پيل. فرسبي جنهن سان حيدر جتوئي پويلين ۾ دوستن سان رانديون رهيون، شِو مهراج جو مڙهيل فريم سڀ ڪجهہ ساڳي ئي هنڌ تي ئي آهي.

مان صرف پاڻ سان ڪتاب ۾ فاسل جو ٿيلهو کنيو اٿم. ڪمري جي در تي پتل جو چنبڙيل 49 انگ کي چمي ڏئي ۾ ڪمري کي سلام ڪيو، ساڳي روڊ تان ساڳي اسٽيشن تان چڙهندس، جتان آيو هيم، جتي لٿو هيم.

يونيورسٽي کان پوءِ منهنجي لاءِ پناهہ، رڳو امان جي هنج ۾ ئي آهي.○



اخلاق انصاريءَ جي نوٽ بوڪ

# ”مان اڪيلو اواڪ“ ۾ ڪجهہ ڪتل آهي

اخلاق انصاريءَ جو نوٽ بوڪ ”مان اڪيلو اواڪ“ ۾ ڪجهہ ڪتل ڪتل آهي. اهڙي دعوي ڪرڻ جا مون وٽ گهڻا سبب آهن. اخلاق، هر ڳالهہ ڪئي آهي پر ڪجهہ ڳالهيون جاٽي واٽي لڪائي ويو آهي يا وري سندس ذهن ۾ نہ آيون آهن.

پهرين ڳالهہ تہ اها ڪرڻ ڏيو تہ ادا اشتياق انصاريءَ جي مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج (پوءِ يونيورسٽي) ۾ داخلا وٺڻ کان پوءِ اسان جي ذهنن مان يونيورسٽيءَ جو خوف ڀڳو تہ اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي اتي بہ پڙهي سگهجي ٿو نہ تہ لاڙڪاڻي ۾ رهندي تہ ائين محسوس ٿيندو هو تہ جي ميڊيڪل يا انجنيئرنگ ۾ سليڪشن نہ ٿي تہ پوءِ بي اي، ايم اي(پولٽيڪل سائنس) ڪري ڪلرڪي جي ڳولها ڪجي. ادا اشتياق انصاريءَ جي يونيورسٽي پڙهڻ ڪري ٻين گهڻن دوستن جا بہ رستا کليا.

پر اخلاق انصاريءَ جي داخلا جي ڪري يونيورسٽي پنهنجي پنهنجي ٿي پئي. اهو ياد رهي تہ اخلاق ان وقت ڪراچيءَ ۾ شناختي ڪارڊن واري کاتي ۾ ڪلرڪي ڪري رهيو هو. ائين ئي هڪ ڀيرو ڄامشورو گهمڻ ويو تہ ادا اشتياق ڪيس اتي داخلا وٺي ڏني، انٽرنيشنل هاسٽل جي روم نمبر 49 ۾ ڪيس رهايو جيڪو ادا اشتياق جو هوندو هو پر ان ۾ هن منظور کوهيار کي بہ رهايو هو تہ اخلاق کي داخلا وٺي ڏيڻ کان پوءِ هن کي بہ اتي رهايائين. اخلاق جي دوست سندر داس بہ داخلا ورتي تہ ٽئي ڄڻا گڏ رهڻ لڳا.

مون اها ڳالهہ پئي ڪئي تہ اخلاق انصاري جي يونيورسٽيءَ ۾ هجڻ ڪري سنڌ يونيورسٽي پنهنجي پنهنجي ٿي پئي. ان جو وڏو سبب اهو هو تہ هُو جڏهن

بہ لاڑڪاڻي ايندو هو تہ اسان جي پوري سنگت سان گڏ هوندو هو ۽ پوءِ پنهنجا تجربا، مشاهدا وغيره ٻڌائيندو هو. پاڻ سان گڏ ڪيل فاسلز بہ ڪٽي ايندو هو. جنهنڪري اسان کي بہ ايئن لڳندو هو تہ اسان اتي موجود آهيون ۽ اسان پائرن سميت محلي جي سيني ڇوڪرن ۾ يونيورسٽي پڙهڻ ۽ اتي رهڻ لاءِ اتساهہ پيدا ٿيو. ائين ڪٽي سمجهو تہ لاهوري محلي ۾ اسان جي گهر کان شروع ٿيندڙ گهٽيءَ کان وٺي ان وقت جي گرلز مڊل اسڪول لاهوري تائين ذري گهٽ هر گهر مان هڪ ڄڻو يونيورسٽي پڙهيو.

منهنجو پهريون دفعو يونيورسٽي پڙهڻ تڏهن ٿيو جڏهن بابا 70جي ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ ۾ ايس ڊي ايم هوندو هو. اسان بہ بابا وٽ وڃي رهندا هياسين. هڪ ڀيري بابا وٽ رهيل هيس تہ بابا کي اخلاق جي تار آئي تہ مون وٽان چڪر هڻي وڃو. بابا پريشان ٿي ويو تہ الله ڪري خير هجي. بابا رات جو ننڊ بہ پوري نہ ڪئي ۽ هر هر ليٽرين پئي ويو. بابا انيس انصاري جڏهن بہ پريشان هوندو هو خاص ڪري گهر جو ڪو ڀاتي بيمار ٿي پوندو هو تہ ڪيس پريشاني ۾ اهڙي حالت ٿيندي هئي.

خير صبح سان بس ۾ چڙهياسين، سپر هاءِ وي تي بہ منهنجو اهو پهريون سفر هئو نہ تہ عام طور تي ريل ۾ ئي ڪراچي ايندا ويندا هياسين. ڄامشوري پهتاسين، پنڌ ئي پنڌ هاسٽل تي پهتاسين، بابا اخلاق وٽ اڳ اچي چڪو هو ان ڪري سونهون هو. ڄامشوري کي ڏسي مون کي اخلاق جون ٻڌايل ڳالهيون بہ گهٽ لڳيون اهو تہ سراپا سونهن هو ۽ مسمرائز ڪندڙ هوائون رستا، عمارتون ۽ منظر هئا. خير اخلاق جي ڪمري تي پهتاسين تہ هن در کوليو بابا پڇيس ”پٽ خير تہ آهي طبيعت تہ ٺيڪ آهي نہ؟ ڪو مسئلو آهي؟“

”نہ بابا، ڪو بہ مسئلو ناهي، ڪجهہ بہ ناهي بس توهان جي سڪ لڳي هئي“

بابا گهرو ساهہ کنيو ۽ آرام سان صوفي تي پاڻ ڇڏي ڏنائين. بابا جي اها حالت ڏسي اخلاق کي پشيماني ٿي تہ هن بابا کي تڪليف ڏني آهي تہ وضاحتون ڪرڻ لڳو تہ هن جو اهو مطلب نہ هو. بابا ڪيس چيو ”پٽ مان خوش


books.sindhsalamat.com

آهيان تہ تون مون کي گهرايو آهي. ان جو مطلب اهو آهي تہ تون مون کي ويجهو سمجهين ٿو نہ تہ يونيورسٽيءَ ۾ تہ ڇوڪرا پنهنجن پيئرن کان پاسو ڪندا آهن“

بابا کي اسان واقعي بہ زوريءَ گهرائيندا هياسين. هو اسان جيترن سان اسان جهڙو ٿي ويندو هو. ان ڪري جڏهن بابا ايندو هو تہ اسان دوستن کي اڳ اطلاع ڪري ڇڏيندا هياسين. پوءِ تہ اهي ڏينهن سڀ گڏ هوندا هيا ۽ خاص ڪري مانيءَ جي وقت تي ڇو جو بل تہ بابا کي ڏيڻو هوندو هو. هڪ ڀيري بابا يونيورسٽي آيو (ان وقت اسان ٽئي پائر اخلاق، آفاق ۽ مان پارٽنر هوندا هياسين). منهنجو ڪلاس فيلو هوندو هئو گمبٽ پاسي جو ذات جو لاڪو هو. سادو هوندو هو. ڳالهين ڳالهين ۾ بہ ٽي پيرا ڪيس ٻڌايو تہ بابا شڪارپور ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ آهي، هن ڪان ڪو وسري ويو. اسان پنهنجي ڪمري 49 انٽرنيشنل جي بالڪونيءَ ۾ ويٺا هئاسين تہ وري لاڪي، بابا کان پڇيو تہ ”سائين توهان ڇا ڪندا آهيو؟“ بابا هڪدم ڪيس وراڻيو ”پٽ مان پروفيسر آهيان“

”چاچا ڇاجا پروفيسر؟ ڪهڙي سبجيڪٽ جا؟“

”پٽ مان جادو ڪندو آهيان نہ ٻڌو ٿي پروفيسر التمش جادوگر“

لاڪي حيران ٿيندي چيو ”ها چاچا؟“

”ها بابا“

بابا وري مون سان مخاطب ٿيو

”اسحاق تون اهو جيڪو قلمي نسخو هٿ ڪري ڏنو، ان ۾ تہ وڏا ڪمال لکيل آهن“

”ها بابا هڪ هندو دوست ڏنو هو“

ايتري ۾ هوشو هاسٽل واري پاسي اوندهہ ۾ بابا اشارو ڪندي چيو” هو ڏسو ٿا“

لاڪي، پريشان ٿي اوڏانهن نهاريو بابا وري چيو ”ڇڏيو ان ڳالهہ کي خير آهي“


www.sindhsalamat.com

لاڪي، بابا ڪان پڇيو
”سائين غيبات هوندي آهي“
”ها بابا منهنجي تہ ڪنٽرول ۾ بہ آهي“
”سائين اهي ڪيئن ڪنٽرول ۾ ايندا آهن؟“
”بابا رياضت ڪرڻ پوندي آهي“
”ان ۾ پرهيز بہ ڪرڻي پوندي آهي ڇا؟“
”ها پٽ، ڏڌ، مڇي ڪتاڻ نہ کائڻي پوندي آهي“
وري بابا اونده ۾ نظر ايندڙ پير ڏي اشارو ڪندي چيو” هو ڏسو ٿا“
لاڪي، پريشان ٿي اوڏانهن نهاريو، بابا وري چيو ”ڇڏيو ان ڳالھ کي خير آهي“

لاڪي وري پڇيو”چاچا مون کي ڪنهن ٻڌايو تہ جنات اوگهڙ تي ڀڄي ويندي آهي. هڪ ڀيري مان ڳوٺ واري مسجد مان نماز پڙهي نڪتس تہ گهٽيءَ ۾ هڪ ڪتو نظر آيو. هن جون اکيون ڳاڙهيون ۽ عجيب هجن. مان سمجهي ويس تہ جنات آهي، مان پنهنجي گوڏ پري ڪري ڪيس اوگهڙ ڏيکاري تہ بہ نہ ڀڳو“
مون کان امالڪ نڪري ويو”نئيو هوندو نہ“
وري پياس علي قصو جاري رکندي چيو”پوءِ مان هڪ پٿر کڻي ڪيس هنيوءِ چيو هل ڪتا. تہ هو ڀڄي ويو“
”چاچا هاٽي ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟“
”پٽ سيوهڻ جو ميلو ڪمايم تہ سوچيم تہ پٽن کي ڪجھ ڏوڪڙ ڏيندو وڃان“
”چاچا اسان جي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيو نہ پروگرام“
”ها چو نہ، توهان اجازت ڏيو تہ مان ضرور ڪندس“
موڪلائڻ مهل لاڪي مون کي چيو ”اسحاق مون کي بلاڪن تائين ڇڏي آ“



صبح جو بابا اخلاق سان سنڌي ادبي بورڊ وڃڻو هو. مان جيئن ڪلاس لاءِ نڪتس تہ باٽني ڊپارٽمينٽ وٽ لاڪو بہ اچي مليو ۽ ڏٺائين تہ بابا اخلاق سان سينٽرل لائبرري وٽان ڪاڏي وڃي پيو تہ پويان هن رڙ ڪئي ”چاچا ڪاڏي؟“
”بابا توهان اجازت ڏنو تہ مان اچان ٿو“
ڪلاس ۾ هر هر لاڪو ٽونٽ هٽي چئي تہ ”هل تہ چئرمين سان ڳالهايون“. مان ٽٽائيندو رهيس. پر جڏهن گهڻو تنگ ڪيائين تہ مون کيس چيو تہ بابا توسان مذاق پئي ڪيو پر هو مڃڻ لاءِ بنهہ تيار نہ هئو.
فزڪس جي ڪن سبجيڪٽن ۾ جڏهن وڏا وڏا فارمولا هوندا هئا ۽ اهي اخلاق وارن کان ياد نہ ٿيندا هئا تہ قميص جي اڳيان واري پلٽ جي حصي تي لکندا هئا ضرورت وقت اتان ڏسي لکي وٺندا هئا. لکڻ لاءِ قميص کي رائٽنگ پيڊ تي رکي بال پوائنٽ سان لکندا هئا. پوءِ اهي پاڻ ڌوئڻ سان صاف نہ ٿيندا هئا. جنهن ڪري اهي ڪپڙا اخلاق انصاري انٽرنيشنل هاسٽل جي عمر ڌوٻيءَ کان ڌورائيندو هو. هو وري جڏهن بابا کي ڪمري تہ ڏسندو هو تہ اخلاق کي بليڪ ميل ڪندو هو تہ ان باري ۾ بابا کي ٻڌائي ٿو. پوءِ اخلاق جا هوندا هئا ايلاز، نيٺ عمر چاڻهن تي راضي ٿي ويندو هو. هڪ ڀيري مشتاق شابراڻي جڏهن قميص تي لکي ڦرهو تيار ڪيو ۽ صبح جو پاتائين تہ اهو قميص جي پوئين پلٽ تي لکيل هئو. هڪ ڀيري اخلاق انصاري، جلديءَ ۾ پيپر ڪري ورتو تہ هال جي در وٽ بيهي مشتاق کي چيائين تہ ”مشتاق جڏهن پيپر ڪري وڃين تہ قميص لاهي دائود کي ڏجان واندو ويٺو آهي“ هال ۾ بيٺل چارئي استاد مرڪي پيا. مشتاق ڪاوڙجي پيو، اخلاق اتان ئي حيدرآباد هليو ويو آخري بس ۾ آيو تہ وري ڪالونيءَ وٽ لهي پيو تہ جيئن مشتاق سمهي پئي تہ پوءِ ڪمري تي وڃان، مشتاق شابراڻي بہ انٽرنيشنل ۾ 95 نمبر ڪمري ۾ رهندو هئو. پر هُو بہ اسان جي ڪمري تي ڪاوڙ ۾ ويٺو هئو ۽ اخلاق جو پئي انتظار ڪيائين. خير رات جي ٻين بجي جڏهن اخلاق ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ مشتاق کي بيڊ تي پلٽي هٽي ويٺل ڏٺائين تہ ڊوڙندو وڃي ”ماما ماما“ ڪندو پيرن تي ڪريس.

مشتاق جي ڪاوڙ به ڪافور ٿي وئي چيائينس ”ماما ماما نه ڪرين ها ته سرنهن جيترا داڻا ڪري ڇڏيانءِ ها“ پوءِ به مشتاق ڪيس ٻڌائيندو رهيو. اخلاق خاموش ويٺو رهيو ۽ چوندو رهيو ”ادا چيم نه غلطي ٿي وئي“ نيٺ پاڻ ۾ٺهي پيا.

اخلاق ته اهو به ذڪر نه ڪيو آهي ته ڪيئن ڪيس عباس جوڻيجو لاڙڪاڻي وڃڻ ڪان اڳ اسڪاچ وهسڪيءَ جي بوتل امانت طور رکڻ لاءِ ڏئي ويو ته موٽي اچي اها ڪيس هڪ استاد کي رشوت طور ڏيڻي آهي. عباس اڃان ڦاٽڪ تائين به نه پهتو هوندو ته اخلاق هاسٽل جي فون تان، ڪالونيءَ فون ڪري طارق عالم کي چيو ته اڄ 49 انٽرنيشنل تي جشن لطيف آهي، وري ٻين ڪجھ دوستن کي به ٻڌايائين. رات جو هيٺ رلهيون وڇائي، مٿن اڇيون چادرون وڇائي ان تي بوگن بيلا جا گل رکيا، ٽيپ ۾ غزلن جي ڪيسٽ لڳائي ۽ ڪمري جي سڀ بتيون بند ڪري رڳو ٽيبل ليمپون ٻاريون. ضرار شاهه، طارق عالم، اسان ٽئي ۽ ڪو هڪ ٻه ٻيو دوست هوندو جنهن جو نالو ياد ڪو نه ٿو پئي. محفل شروع ٿي مون کي به شامل ڪيئون، مون کين گھڻو ئي چيو ته مون کي بخش ڪيو پر هنن چيو ته اهڙو موقعو وري نه ملندئي. خير تمام سٺي محفل ٿي آخر ۾ طارق ڳائڻ لڳو ”هر وات وڇوڙو آ“.

پوءِ عباس جوڻيجو گھڻي وقت تائين اخلاق سان ڪاوڙيل رهيو.

اخلاق ته اهو به ذڪر نه ڪيو آهي ته مان ڪيئن اتي شام جو ڪمري تي بينجو وڄائيندو هيس. پوءِ اخلاق به هڪ ڌن تخليق ڪئي ان جو نالو رکيائين ”جنرل باڊي“. ڌن وري ڪهڙي. هُن بينجي جي تارن تي اسٽرائيڪ ڪئي ته نصر پڇيس ڇا آهي؟ چيائين اهو آهي جيئي سنڌ دوستو، وري به ٿي تارن تي ڏڪ هڻي چيائين ته ان جو مطلب آهي ته ”پائرو جيستائين سسيءَ ۾ ساهه آهي، سنڌ سان غداري نه ڪنداسين“. ائين ٽڻنگ ٽڻنگ ڪري پيو ته مون ڪيس ڪن ۾ چيو ”پوليس“ ته تارن تي تيزي سان اسٽرائيڪ ڪندو رهيو ته اها هاٽي ڀاڄ آهي. ايتري ۾ بشير منگيءَ رڙ ڪئي ته ”اڙي مون کي ضلعو تپايو“ ڪمري ۾ ٺهڪ ڀُري پيا.



اخلاق ته اهو به ذڪر نه ڪيو آهي ته گھر مان اسان کي محدود پئسا ملندا هيا. ان ڪري احتياط سان خرچ ڪندا هياسين. دوست به گھڻا ايندا هئا جيڪڏهن جهڙي ريت انهن سڀني کي چانهن پيارينداهئاسين ته اسان جو خرچ ته رڳو چانهن جي بلي هجي ها. پوءِ اسان حيدرآباد مان سستو کليل پائوڊر جو کير، کليل چانهن وٺي ايندا هياسين ۽ کير کي ميجي کير جي ڊٻي ۾ رکندا هياسين. ڪڏهن ڪڏهن ته کائڻ لاءِ ڪجھ نه هوندو هئو.

اخلاق ته اهو به ذڪر نه ڪيو آهي ته ڪيئن ڪجھ وقت لاءِ پستول ڪڍي گھمندو هئو ڇو جو ڊونا جي چڪر ۾ ڪنهن ليڊر ڌمڪي ڏني هيس ته ”گولين مان ڪيڏندومانءِ“

اخلاق ته اهو به ذڪر نه ڪيو آهي ته جيئن ته اسان وٽ گھڻو ڪري اديب دوست مهمان هوندا هئا، پوءِ ڪڏهن علي بابا پيو ڊانس ڪري ته ڪو وري ٺهڪ ڏيندي ڏيندي دڙا پيو هڻي مطلب ته گوڙ گھمسان لڳو پيو هوندو هيو. پوءِ ڪمري جي هيٺيان رهندڙ دوست ايندا هئا ته جيئن گوڙ نه ڪيون اسان ساڻن معذرت ڪندا هياسين. پر اديب دوست ته اسان جي ڪنٽرول ۾ نه هئا. هيٺين ڪمري وارا به شريف هئا، جڏهن گوڙ گھڻو ٿي ويندو هو ته ان ڪمري جو هڪ ڄڻو خاموشي سان اچي دري وٽ بيهي رهندو هئو ۽ اسان ڪيس ٻانهون ٻڌي معافي وٺندا هياسين ته گوڙ بند ٿا ڪيون. پوءِ وري هنن هڪ وڏو لڪڙو ورتو جيڪو هيٺان ڇت کي هڻندا هئا ته اسان کي فرش مان ٻڌڻ ۾ ايندو هئو. آڪٽوبر 1984 ۾ منهنجي ليڪچرار طور پوسٽنگ لطيف ڪيمپس سنڌ يونيورسٽي خيرپور ۾ ٿي. جڏهن مان استادن جي ڪميٽي روم ۾ آيس ته هڪ همراهه ملندي داڻهن ڪئي ته ”وري هتي به پهچي وئين ڇا؟“ هو اسان جي ڪمري جي هيٺيان رهندڙن مان هڪ هئو.

اخلاق ته اهو به ذڪر نه ڪيو آهي ته ڪيئن آتش سنڌي جيڪو سنڌ جو سٺو شاعر هو، ان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بلاڪن واري ڪينٽين ٽيڪي تي کنئي.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اسان بہ ان وٽ ماني کائڻ ويندا هياسين، پيسن ڏيڻ مهل اخلاق پيسا ڏيندو تہ مان چڙي ويندو هيومانس تہ تون پيسا ڪيئن ڏيندين ۽ آتش سان بہ ڪاوڙجي ويندو هيس تہ اهو ڪهڙو طريقو آهي، هو ويچارو هيسجي ويندو هو. وري ڪنهن پيري مان ڏيندو هيس تہ اخلاق چڙي پوندو هيس. هو وري اسان کي پرچائڻ ۾ پورو هوندو هو. هڪ پيري مشتاق شابراٽي اهو منظر ڏٺو تہ آتش کي چيائين "ابا تون ان ڏچي ۾ نہ پئہ، هي ڊرامو ٿا ڪن، ٻنهي جا پيسا ساڳيا آهن" آتش وڏا وڏا ٽهڪ ڏنا. پوءِ اسان کي ڏسندو تہ چوندو "اسحاق اڄ تون پيسا ڏي" تہ مان کلي چوندو هيومانس تہ "مان ڇو ڏيانءِ اخلاق ڪان وٺ، جنهن آرڊر ڏنو اٿئي". ان ڪان علاوهہ ڪو مهمان ساڻ هوندو هيو تہ ڪيس چوندا هياسين"آتش ماني سڀني هجي مهمان آهي عزت جو سوال آهي". هو ويچارو "مڪيل ماني، هو ٻوڙ ۾ ٽماٽا وغيره وجهي فراءِ ڪري ڏيندو هو" هن جو ڏنو تہ هنن وٽ تہ روز مهمان آهن تہ هو سمجهي ويو ۽ چيائين "ابا توهان جو روز عزت جو مسئلو آهي" اسان کلي پياسين پر ماني آخر تائين اهڙي ئي سٺي کارائيندو رهيو.

ماني تہ اسان ڦاٽڪ تي بہ کائڻ ويندا هياسين. پر خاص طور تي اها ماني ان وقت اهميت اختيار ڪري ويندي هئي جڏهن سنگت "ڊرنڪ" ڪندي هئي. ڊرنڪ وري ڪهڙي هڪ آڌيي مان 10 ڄڻا آئوٽ ٿي ويندا هئا. هڪ پيري سنگت چيو تہ اڄ آءِ آءِ قاضي ۽ ايلسا قاضيءَ جي مزار تي محفل لڳندي. ميان مصطفيٰ چارڻ، کي سنگت کي سنڀالڻ جي چارج ڏني وئي. جيڪا هن پوري نڀائي، هڪ موٽر سائيڪل تي سنگت کي واري واري سان هاسٽل تي پهچائيندو رهيو. اتي ئي ويٺا هياسين تہ نصر جان ڇهري دال ڪٽي ٿوري اڳتي اڇلائيندو رهيو تہ سنگت پڇيس تہ ڇا ٿو ڪرين؟ وراڻيائين "يار پکي بکايل آيا آهن" تہ مصطفيٰ چارڻ پنهنجي روايتي وڏي آواز ۾ چيس "اڙي رات جو يارهين وڳي پٿهين پکي موڪليا آهن ڇا؟" ٽهڪڙا مچي ويا. هڪ پيري اهڙي ئي محفل هجي، چانڊوڪي هجي، هاسٽل ڪانِ ڦاٽڪ ڪڙاهي کائڻ پيا وڃون. انٽرنيشنل هاسٽل جو پوين روڊ جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڏانهن ويندو آهي ان تي



books.sindhsalamat.com

پنڌ ئي پنڌ وڃون پيا. اخلاق، خالد چني کي ٻک هنيو پئي هليو جڏهن ڦاٽڪ جي ويجهو ٿياسين تہ اخلاق، خالد کان پڇيو "يار تون مون سان يڪو گڏ آهين پر تنهنجي منڊي ڪيڏانهن گم ٿي وئي آهي؟" وري سنگت جا ٽهڪڙا هجن.

اخلاق جيئن تہ حساس آهي، انڪري جڏهن امتحان ويجها ايندا هئا تہ پريشان ٿي ويندو هو پڙهائي ۾ لڳي ويندو هو. ان ڪري دوستن جي مذاق بہ هن کي نہ وڻندي هئي. هونئن بہ انهن ڏينهن ۾ دوستن کي ڪمري تي اچڻ کان منع ڪري ڇڏيندا هياسين. پر جي ڪو دوست اچي نڪتو تہ اسان تہ منهن ڏئي ويندا هياسين. پر اخلاق پنهنجي پريشاني جي ڪري ڊيل نہ ڪري سگهندو چڙي بہ پوندو هئو. نصر جان شرارتي هڪ پيري ڇا ڪيائين تہ سڄي ڪوريڊور جون گلن واريون ڪونڊيون ڪٽي اسان جي ڪمري جي دروازي جي آڏو رکي ويو ۽ چاڪ سان جهازي سائيز جي اکر ۾ لکي ويو "ڊپريشن" پوءِ تہ اخلاق جا مزا هجن. ڪجهہ ڏينهن تہ نصر آيو ئي نہ. امتحان ٿي ويا وري سڀ هڪ جهڙا.

جڏهن طارق عالم کي 49 انٽرنيشنل تي ڦٽڪا لڳا. اسان جي روم جي اها سزا هوندي هئي جيڪو بہ غلط ڪم ڪندو هئو جيئن سگريٽ پيڻ، چرس پيڻ، پيپر تي نہ وڃڻ، ڪلاس ڪان گسائڻ وغيره. انهن ڏينهن ۾ جڏهن طارق عالم جوهڪ پيار ٽٽو هئو تہ هن چرس پيئڻ شروع ڪيو هو. سنگت جي جيوري ويٺي ۽ ڪيس 10 ڪوڙن جي سزا ڏني وئي. ڪوڙن(پينٽ جو بيلٽ) هڻڻ لاءِ بشير منگيءَ کي چونڊيو ويو ڇو جو نصر جان ڪيس چٺي رهيو هو تہ تون لڳين بہ تارا مسيح جهڙو ٿو. پوءِ اخلاق انصاري مئجسٽريٽ جا فرض سنڀاليا. ڪوڙا لڳڻ شروع ٿيا ٻي سڄي سنگت طارق عالم جي ٽنگن کي سوگهو ڪيو هو. ڪوڙن لڳڻ کان پوءِ طارق عالم ڪلندي اٿيو ۽ جيئي سنڌ جا نعرا هڻي آڱرين سان وڪٽري جو نشان ٺاهڻ لڳو.

طارق عالم ۽ مان ڪمري جي بالڪونيءَ ۾ ويٺا هجون سج لهڻ وارو هجي. انٽرنيشنل هاسٽل ۽ هوشو هاسٽل جي وچ مان ايل(لعل شهباز) هاسٽل تي وڃڻ لاءِ پيچرو هو اتي هڪ ڄامڙي ٻير بہ هئي. هڪ همراهہ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو



www.sindhsalamat.com

جڏهن پڪ ٿيس تہ ڪو نہ ٿو ڏسي تہ پير جي وڻ کي ڏوڙڻ لڳو.اسان پٺي ڪرسين تان لهي پٽ جي اوٽ ۾ ويهي رڙ ڪري ڪيس چيو"ڏوڙ استاد ڏوڙ". هو پريشان ٿي ويو وري هيڏانهن هوڏانهن ڏنائين ڪو نظر نہ آيس وري پنهنجي ڏنڊي سان لڳو تہ وري اسان بہ ڪيس چيو"ڏوڙ استاد ڏوڙ". نيٺ مجبور ٿي بہ ٿي پير ڪٽي هليو ويو.

مون طارق عالم سان پروگرام ٺاهيو تہ ائين ئي مهم جي سلسلي ۾ پنڊ ئي پنڊ ڪوئيٽا تا هلون. هن بہ ها ڪئي. سامان جي لسٽ تيار ڪئي پر هن کي اخلاق بيڪ ڊور ڊپلوميسيءَ جي ذريعي سمجهايو تہ "اسحاق تہ آهي يار، تون بہ وري ان جهڙو ٿيئين ٿو" سو اهو پروگرام رهجي ويو. پر سال کان پوءِ اسان جي دوست هريش ڪمار کوبچنداڻي ۽ آغا امجد ان کي عملي جامو پهرايو.

جڏهن ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ بي ايس سي ڪندو هيس تہ ٽيبل ٽينس ۾ ان جي ٽيم ۾ هوندو هيس ۽ انٽر ڪاليجيئٽ کيڏڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽي جامشوري ويندو هيس تہ اخلاق وارن وٽ رهندو هيس. ڪاليج ۾ اسان جو انچارج سائين الطاف شيخ هوندو هئو جيڪو ان وقت نوجوان هوندو هئو. اسان جي پهرين مئچ لياقت ميڊيڪل ڪاليج سان ٿي جيڪا هارائيسين پر اخلاق پنهنجي دوستن سان اهڙي تہ واهہ واهہ ڪئي ۽ اسان کي ڪلهن تي کنيو تہ ايل ايم سي وارا شڪ ۾ پئجي ويا تہ مئچ ڪنهن کٽي آهي. اها مئچ حيدر بخش پويلين ۾ ٿي هئي. اسان وري لاڙڪاڻي جي باسڪيٽ بال جي ٽيم ٺاهي ٽوئر تي نڪرندا هياسين. جن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ سان مئچ، پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۽ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽاري سان مئچون کيڏندا هياسين. رهندا بہ پويلين ۾ هياسين. پوءِ اتي هونديون هيون رڳو مذاقون، چرچا، ڪل پوڳ. هڪڙو دوست حبيب شيخ هوندو هو جيڪو ڏينهن ۾ اٺ ڏهہ دفعا صابڻ سان منهن ڌوئيندو هئو ان تي هڪ ڏينهن حبيب شيخ ۽ آچر جي وچ ۾ بحث ٿي پيو تہ اهو ڪهڙو طريقو آهي سڄو ڏينهن ٿو منهن ڌوئين پر مان چيلينج ٿو ڪيان تہ تنهنجو منهن، منهنجي هپ ڪان بهتر ناهي. سائين چيلينج ٿي وئي. هر هڪ ڪان ڏهہ روپيا ورتا ويا تہ جيڪو



books.sindhsalamat.com

ڪٽندو ان کي اهي ڏنا ويندا. مقابلو شروع ٿيو حبيب جو منهن ۽ آچر جي هِپ ساڳي ليول تي هڪبئي جا سامهون آندا ويا پر آچر کٽي ويو. پوءِ تہ رڳو هجي مذاق. مان وري سنجيده هوندو هيس. انڪري مون سان مذاق گهٽ ڪندا هئا. پر ان ڏينهن مون کي ڏسي چيائون "هي ٿو رڳي پين کي ڏسي اڙي ڪيوس اگهاڙو." مون کي ان وقت وڏا وار هوندا هئا. نيٺ ٽورو رززست ڪيو پر فوج جي آڏو ڪير ٿو بيهي سگهي. اخلاق ۽ آفاق ڪل ۾ ٻتا پيا هجن. اخلاق چيو مون کي ائين لڳو چڻ سنڌي ڪنهن مهاجر شاعر جي شلوار لاهيندا هجن.

اسان ٽئي پائر گهٽو ڪري هاسٽل پويان ٽڪرين ۾ نڪري پوندا هياسين جتي هڪ هنڌ اهڙو هو. شايد نئين هٽي جو جنهن پٽر ۾ هٿ وجهہ اهو فاسل هوندو هئو.

منهن جي مٿي ۾ هميشهہ ايڊونچر رهي آهي. سو مون سنگت کي تيار ڪيو تہ يار هڪ رات هلي انهن پهاڙين ۾ رهون. نيٺ پروگرام ٺهي ويو. مان، برڪت اعوان، طارق عالم، بشير منگي، اعجاز ميمڻ. خالد چنو، ڪريم، قادر چانڊيو، نصر جان، احسان ميمڻ، رگوير سنگهہ سوڍو ... تيار ٿياسين. پاڻ سان هڪ بہ ڪمبل، ڪهاڙي، ماچيس، ۽ ٽارچ، چانهن ٺاهڻ جوسامان، باقي ماني تيار ڪرائي ڪنئين، پيڻ جي پاڻي جو ڪولر بہ کنيو. سنگت هڪ هڪ پوو بہ ڪنيو پر جيئن تہ مان مهم جو انچارج هيس انڪري مان اهو جوکم نہ کنيو. طئي اهو ڪيو تہ جتي سج لهندو رات اتي رهبي. منجهند جو نڪتاسين ۽ سج لهڻ مهل هڪ ٽڪري وٽ پهتاسين تہ طئي ڪيوسين تہ اتي رات رهبي. ان وچ ۾ مختلف هنڌن تان ڪاٺيون بہ جمع ڪري پاڻ سان کڻي هلياسين. مٿي پهتاسين تہ هوا ايڏي هجي جو باهہ ئي نہ پئي پري، پوءِ پٿرن جي اوٽ ٺاهي، ڪمبلن جو گهيرو ڪري هوا کي ٿاٺيڪو ڪري باهہ پاريسين. چانهن ٺاهيسين. پوءِ وري ڪچهري شروع ٿي. مان الرٽ هجان. سنگت جو خيال پئي رکيم. تہ نصرجان روئڻ شروع ڪيو "يار منهنجو دوست شبو ڪينسر ڪري مري ويو" تہ احسان ميمڻ گهروڙي ڪيس بجو ڏنو ۽ چيائينس" ... جا مزو خراب نہ ڪر" خير پوءِ پاڻ ۾ ئي راڳ



www.sindhsalamat.com

ويراڳ ٿيو. صبح جو ڊبل روٽي ۽ چانهن سان ناشتو ڪري وري پنڊ پٽيوسين واپسي جو، ٽڪ جي ڪري ايترا ته مدهوش هياسين جو منجند جي مانيءَ تي ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي پياسين. پيو پئي سمجهيو ته شايد ڀنگ پيتي اٿن.

ها ڀنگ تي ياد آيو، اخلاق انصاريءَ کي ڪنهن ڀنگ پياري، ڪمري تي اچي سمهيو ته سمهيو ئي رهيو ٻي ڏينهن تي شام جو نياز پنهور ڪمري تي آيو. ته اخلاق ڪيس چيو "يار بالڪوني ۾ آئينو پيو آهي ان جي رفليڪشن اکين ۾ ٿي پئي" ته نياز پنهور چيس "ادا، هاڻي ته اوندهه ٿي وئي آهي. آئينو ڪيئن رفليڪشن ڏيندو" خير نياز سمجهي ويو ۽ ڪيس سامت ۾ آندائين.

اخلاق ۽ آفاق ايم ايس سي ڪري ويا هئا. پنهنجا سرٽيفڪيٽ وٺڻ آيا هئا. ماني کائڻ لاءِ ڪينٽين وياسين ته اتي ڪجهه دير کان پوءِ اکيون ڪرڻ لڳيون ته ٻڌايو ويو ته مهراڻ انجنيرنگ وارا احتجاج ڪري رهيا آهن. اتي ڳوڙها ڳئس هلائي وئي آهي. اسان ڪمري تي آياسين. ٺڪاءُ وٺندا ويا. اسان بالڪوني ۾ اچي ويٺاسين ته مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ نديم گل پريشانيءَ ۾ ڊڪي رهيو هو ۽ اسان کي اشارو ڪيائين ته ڀڄو. اسان ڪجهه دير سوچيو ته اهو ته اسان سنڌ يونيورسٽي جو مسئلو ناهي. پر پوءِ جڏهن هوشو ۽ ايل هاسٽل رهندڙن کي ڀڄندي ڏٺو ته سوچيو ته اسان کي وڃڻ کپي. ان وقت ڊي ايس ايف جي علي حسن چانڊيئي جي هٿ ۾ هڪ مائوزر هجي هن به اسان کي ڀڄي وڃڻ جو اشارو ڪيو. پوءِ اسان ٽئي پائر انٽرنيشنل هاسٽل وارو پوين روڊ وٺي وڃڻ لڳاسين ته سامهون پوليس جو گاڏيون نظر آيون. اخلاق چيو ته ٽڪرين تان وڃان لهو. جي نه ته آفاق ته سڌو انهن گاڏين جي ويجهو هو هنن کي رڳو در کولڻو پئي ها. اسان ٽڪرين تان لٿاسين منهنجي چپل به ڇڄي پئي پوءِ پيرين اگهاڙو هلندو رهيس نيٺ وڃي منصور عالم. جي گهر پهتاسين. گهٽيون افواهون هجن، شام جو اسان جي هاسٽل جو ڀنگي مليو جنهن ٻڌايو ته سڀ هاسٽلون خالي ٿي ويون آهن. ۽ ماڻهن کي گرفتار ڪن ٿا.

اسان سوچيو ته هاڻي ته يونيورسٽي بند ٿي وئي. انڪري اتان سامان کڻي اچي لاڙڪاڻي وڃون. جيڪا اسان جي غلطي هئي. اخلاق ۽ مان وچ ڏيندا هاسٽل تي آياسين جتي رڳو عرب شاگرد رهيل هئا هنن به ڀڄي وڃڻ جو چيو جو جو ان وقت تائين گرفتاريون هلي رهيون هيون. خير اسان ڪمري مان سامان کنيو. پري کان نعرن جا آواز ٻڌون پيا. پوءِ خبر پئي ته شاگردن کي گرفتار ڪري هڪ هنڌ رکيو اٿن. رات جو ٽرين تي پهتاسين ته اتي به پوليس موجود هئي پر ڪنهن نه ڪنهن نموني سوار ٿياسين ته دادو اسٽيشن تي خبر پئي ته هڪ شاگرد شهيد ٿيو آهي. نالي جا ڪا خبر نه پئي صبح جو سويل پهتاسين ته ٿوڙي دير ۾ ڪال بيل وڳي نصرجان هئو. هن ٻڌايو ته احسان ميمڻ شهيد ٿي ويو آهي. اسان سڀ ڳڙهي ياسين وياسين. ان کان پوءِ به اسان گهڻين عيدن تي ڳڙهي ياسين ويندا هئاسين.

اڃان ڪوڙ واقعا آهن جيڪي وقت سان گڏ وسارجي ويا آهن. هونئن به ته اهي قصا 34، 35 سال اڳ جا آهن. بهرحال هي ڪتاب سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ اڻ سڌي تاريخ آهي ته هڪ عام شاگرد ۽ حساس شاگرد پنهنجي زندگي ڪيئن گذاري ٿو. اميد ته سنڌ يونيورسٽيءَ مان پڙهيل ۽ پڙهندڙ شاگردن کي هي ڪتاب تفريح سان گڏ معلومات به ڏيندو.

**اسحاق انصاري**

ڪراچي

مارچ 31، 2016